ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) اڱارو 29 سيپٽمبر 2026ع 16 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيه شمارو (45)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Tuesday 29th September 2026

آمريڪي وفد جي فيلڊ مارشل سان ملاقات، افغان جنگ ۾ پاڪستان جي ڪردار ۽ قربانين جو اعتراف

آمريڪا جي افغانستان جنگ بابت جوڙيل ڪميشن ۾ شامل شميلا اين چوڌري ۽ ڊاڪٽر ڪولن ايف جيڪسن راولپنڊي ۾ فيلڊ مارشل عاصم منير سان ملاقات ڪئي

افغانستان ۾ آمريڪا جي 20 سالا جنگ جو جائزو وٺندڙ وفد سان ملاقات دوران ڳنڀير دلچسپي جي معاملن، علائقائي سلامتي ۽ افغانستان ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي تي ڳالهيون ڪيون ويون

افغانستان تڪرار جي اسٽريٽجڪ، سفارتي ۽ عملي رخن جو جائزو وٺندي علائقائي تناظر ۽ پاڪستان جي تجربن کي به نظر ۾ رکڻ ضروري آهي: فيلڊ مارشل عاصم منير

آمريڪي وفد پاران افغان تڪرار دوران پاڪستان جي ڏگهي مدي واري ڪردار ۽ قربانين جو اعتراف ڪيو ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جي مسلسل ڪوشش کي ساراهيو ويو

راولپنڊي (م ر) آمريڪي وفد پاڪ فوج جي سربراهه فيلڊ مارشل عاصم منير سان جنرل هيڊڪوارٽرز راولپنڊي ۾ ملاقات ڪئي آهي. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب، آمريڪي وفد افغانستان ۾ آمريڪا جي 20 سالا جنگ جو جائزو وٺي رهيو آهي آءِ ايس پي آر موجب، آمريڪا جي افغانستان جنگ بابت جوڙيل ڪميشن ۾ شامل شميلا اين چوڌري ۽ ڊاڪٽر ڪولن ايف جيڪسن فيلڊ مارشل عاصم منير سان ملاقات دوران

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: آمريڪا جي افغانستان بابت جوڙيل ڪميشن جا ميمبر شميلا اين چوڌري ۽ ڊاڪٽر ڪولن ايف جيڪسن فيلڊ مارشل عاصم منير سان گڏ بيٺل آهن

صدر ٽرمپ جي چين کي هٿيار وڪرو ڪرڻ جي آڇ

اسان سڄي دنيا ۾ ٻين ملڪن کي هٿيار وڪرو ڪندا آهيون: صدر ٽرمپ

وڪري جي معاملي ۾ آمريڪا جو وقف اهو ئي آهي ۽ تبديل ناهي ٿيو

بيجنگ (اي پي پي) چين ۾ مقرر آمريڪي سفير ڊيوڊ پرڊيو چيو آهي ته صدر ڊونلڊ ٽرمپ آمريڪي هٿيار چين کي وڪرو ڪرڻ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخوا حڪومت واضح ڪري ته اين ايف سي تحت دهشتگردي خلاف مختص فنڊ ۽ وسيلا ڪٿي خرچ ڪيا: وزير اطلاعات

ڪي پي ڪي ۾ گورنر راڄ جو اشارو: پي ٽي آءِ کي فيصلو ڪرڻو پوندو ته اها پاڪستان يا افغانستان سان گڏ آهي: وفاقي حڪومت

ساڍا 12 سالن کان وڌيڪ عرصو حڪومت باوجود صوبي ۾ سيف سٽي نظام، فرانزڪ ليبز، گاڏين جي رجسٽريشن جو موثر نظام ۽ پنجاب جي طرز تي ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ قائم ڇو نه ڪيو ويو

پوليس کي گهربل بلٽ پروف جيڪيٽس، جديد هٿيار ۽ ٻيو سامان ڇو فراهم نه ڪيو ويو، صوبي ۾ دهشتگردي باوجود صوبائي حڪومت نيشنل ايڪشن پلان تي به موثر عملدرآمد ۾ ناڪام رهي آهي

پي ٽي آءِ جي نيت ۽ طبيعت ٻنهي خراب آهن. اهي نه دهشتگردي جي خلاف ڪارروائين جي مالڪي وٺن ٿا نه عملي قدم. ڪٿي ٿا نه ٿا ائين ڪرڻ چاهين ٿا، پي ٽي آءِ ڪالعدم ٽي ٽي پي جي 'بي' ٽيم آهي

خيبرپختونخواهه ۾ پي ٽي آءِ گذريل ساڍا 12 سالن کان عرصي کان حڪومت ۾ آهي، ان دوران اهي ڪي پي ايل آءِ جهڙا ليور ٽرانسپلانٽ انسٽيٽيوٽ ۽ بهترين هارٽ انسٽيٽيوٽ به نه ناهي سگهيا

پوري قوم ۽ پاڪ فوج گڏجي انهن دهشتگردن کي نيست نابود ڪري ڇڏيندي، جن انهن اسان جي ٻارن جو رت وهايو آهي. اهي رڳو پي ٽي آءِ جي ڳالهه ڪندا، اهي پنهنجي صوبي جي حالت ڏسن

ٻڌايو وڃي ڪيپيٽل سٽي اربين رپيا ڪٿي خرچ ڪيا ويا ۽ ان فنڊ سان سيف سٽي جون ڪيترين ڪئميرائون لڳايون ويون. لاهور ۾ ڪئپٽن مبين ۽ زاهد گوندل شهيد ٿيا ته دهشتگردن جا سهولتڪار سيف سٽي مان پڪڙيا ويا

پي ٽي آءِ جي صوبائي حڪومت پوليس کي پي ٽي آءِ جي سياسي ونگ ڏانهن جي ڪوشش ڪري رهي آهي، صوبائي حڪومت پبلڪ سروس ڪميشن ختم ڪري سڌيسنئون ڀرتيون ڪرڻ چاهي ٿي: وزير اطلاعات عطاءُ الله تارڙ جي پريس ڪانفرنس

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته خيبرپختونخواهه حڪومت واضح ڪري ته اين ايف سي تحت دهشتگردي جي خلاف مختص فنڊز ۽ وسيلا ڪٿي خرچ ڪيا؟ ساڍا 12 سالن کان وڌيڪ عرصو حڪومت جي باوجود صوبي ۾ سيف سٽي نظام، فرانزڪ ليب، گاڏين جي رجسٽريشن جو موثر نظام ۽ پنجاب جي طرز تي ڪائونٽر

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اڄ ڪجهه ماڻهو ايران کي دنيا جي چوٿون سپر پاور قرار ڏين ٿا: مجتبيٰ خامنه اي

جيڪي قوتون ايران تي برتري حاصل ڪرڻ چاهينديون هيون، هاڻي ايران کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

ملڪ جي دفاعي صلاحيتن گذريل ڏهاڪن جي ڀيٽ ۾ طاقت جو توازن تبديل ڪري ڇڏيو آهي: ايران جو رهبر اعليٰ

اهو ماضي، جنهن ڏانهن اسان جو دشمن واپس وڃڻ چاهي ٿو، گذري چڪو آهي ۽ هاڻي ڪڏهن واپس نه ايندو: مجتبيٰ خامنه اي

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايران جي رهبر اعليٰ مجتبيٰ خامنه اي چيو آهي ته اڄ ڪجهه ماڻهو اسان کي دنيا جي چوٿين سپر پاور قرار ڏين ٿا. ايراني ميڊيا موجب، پنهنجي بيان ۾ مجتبيٰ خامنه اي چيو ته جيڪي قوتون ڪنهن وقت ايران تي برتري حاصل ڪرڻ چاهينديون هيون هاڻي انهن کي ايران جي فوجي صلاحيتن کي منهن

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

مٽاسٽا جي ناڻي جي ملڪي ذخيرن ۾ جاري مالي سال دوران 3.50 ارب ڊالر اضافو رڪارڊ

اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان وٽ موجود ذخيرا 18.376 ارب ڊالر، ڪمرشل بئنڪن جا ذخيرا 4.87 ارب ڊالر هئا

اسلام آباد (اي پي پي) مٽاسٽا واري ناڻي جي ملڪي ذخيرن ۾ جاري مالي سال دوران مجموعي طور تي 3.50 ارب ڊالر اضافو رڪارڊ ڪيو ويو. اسٽيٽ بئنڪ مطابق جون 2026ع جي پڄاڻي تي مٽاسٽا جي ناڻي جي ملڪي ذخيرن جو ڳاڻيٽو 23.23 ارب ڊالر هو جنهن ۾ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان وٽ موجود ذخيرا 18.376 ارب

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ٻاڦي جي ذخيرن بابت سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس چيئرمين جام سيف الله ڌاريجي جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي

ڪي فور منصوبي ۾ ڪنهن به قسم جي دير برداشت نه ڪنداسين: سيف الله ڌاريجو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سينيٽ جي قائمه ڪميٽي براءِ آبي وسيلن جي چيئرمين سينيٽر جام سيف الله ڌاريجو چيو آهي ته

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سربيا جي صدر اليگزينڊر ووچچ استعفيٰ ڏئي ڇڏي

بلغراد (اي پي پي) سربيا جي صدر اليگزينڊر ووچچ پنهنجي عهدي تان

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ترڪي ۾ مني بس ۽ گاڏي ۾ ٽڪر 2 ٻارن سميت 7 ڄڻا فوت، 13 زخمي

انقره (اي پي پي) ترڪيه جي ڏکڻ اوڀر صوبي غازي عنتاب ۾ مني بس ۽ گاڏي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ايشيائي ترقياتي بئنڪ کان 138 ارب قرض وٺندو، تفصيل پڌرا

حڪومت پنشن سڌارن لاءِ ايشيائي ترقياتي بئنڪ کان 50 ڪروڙ ڊالر قرض وٺڻ جو منصوبو تيار

پروگرام پهرين نومبر 2026ع کان شروع ٿي ڊسمبر 2029ع ۾ مڪمل ٿيندو، قرض پروگرام سڌارن جي ڪاميابي سان ڳنڍيل هوندو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) حڪومت پنشن سڌارن لاءِ ايشيائي ترقياتي بئنڪ کان 50 ڪروڙ ڊالر قرض وٺڻ جو منصوبو

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان سنڌ حڪومت جي وزيرن ۽ پارٽي اڳواڻن جون اهم ملاقاتون

سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پاران ٽرانسپورٽ منصوبن تي اڳڀرائيءَ بابت بريفنگ ڏني

ناصر شاهه، خورشيد شاهه ۽ نويد قمر سان پارلياماني قانونسازيءَ ۽ ملڪي سياسي صورتحال تي ڳالهيون

سنڌ جي بلدياتي معاملن، ٽرانسپورٽ جي عوامي ميگا منصوبن ۽ حڪومتي ڪارڪردگيءَ بابت غور ويچار

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان بلاول هائوس ۾ سنڌ حڪومت جي مختلف کاتن جي وزيرن، قومي اسيمبلي جي ميمبرن ۽ پارٽي اڳواڻن الڳ الڳ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري سان ايم اين اي سيد خورشيد شاهه، سيد نويد قمر الزمان شاهه، سيد زيرڪ شاهه ۽ صوبائي وزير سيد ناصر شاهه ملاقات بعد گڏ بيٺل آهن

ميڊيڪل ڪاليجن ۾ داخلائن لاءِ ٽيسٽ ۾ ڇوڪرين جي ڪارڪردگي نمايان رهي: وي سي آءِ بي اي

ايم ڊي ڪيٽ لاءِ مجموعي طور 34 هزار 235 اميدوارن رجسٽريشن ڪرائي هئي: پروفيسر ڊاڪٽر آصف شيخ

نتيجا تيار ڪرڻ دوران ٽيسٽ جي شفافيت کي يقيني بڻائڻ لاءِ سمورن معاملن جو ضابطن موجب جائزو ورتو ويو

ٽيسٽ جي معاملي ۾ دٻاءُ ۽ ڌمڪين کي منهن ڏيڻو پيو ٿو پر سيبا ڪنهن به دٻاءُ ۾ اچڻ واري ناهي

سکر (بيورو رپورٽ) آءِ بي اي يونيورسٽي سکر جي وائيس چانسلر ۽ سيبا ٽيسٽنگ سروس جي سي اي او پروفيسر ڊاڪٽر آصف احمد شيخ چيو آهي ته سنڌ ۾ ميڊيڪل ڪاليجن ۾ داخلائن لاءِ منعقد ڪيل ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ ۾ ڇوڪرين جي ڪارڪردگي نمايان رهي، مجموعي طور 33 هزار 336 اميدوارن ٽيسٽ ۾ شرڪت ڪئي، جن ۾ 20 هزار 831 عورتون ۽ 12 هزار 505 مرد شامل هئا. سکر ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڊاڪٽر آصف شيخ ٻڌايو ته ايم ڊي ڪيٽ لاءِ مجموعي طور 34 هزار 235 اميدوارن رجسٽريشن ڪرائي هئي، جن مان 899 اميدوار غير حاضر رهيا. سنڌ سميت اسلام آباد ۾ مجموعي طور 9

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سکر: انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن يونيورسٽي سکر جو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر آصف احمد شيخ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪوئيٽا: بلوچستان جو گورنر جعفر خان مندوخيل اسپيڪر جمال شاهه کي ايوارڊ ڏئي رهيو آهي

نيپال ۾ مسلسل برساتن سبب 21 ڄڻا فوت، 5 گم ٿي ويا

کٺمنڊو (اي پي پي) نيپال ۾ گذريل هفتي خميس کان جاري مسلسل برساتن سبب ٻوڏ ۽ مٽي کسڻ جي نتيجي ۾

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ميئر جي اي ڪچهري شروع، شهرين جا بلدياتي مسئلا سڌيءَ ريت ٻڌا ويا

پهرين اي ڪچهري ۾ شهرين صفائي، روڊن جي مرمت، پاڻي ۽ نيڪال سميت مختلف مسئلا اٿاريا ويا

مرتضيٰ وهاب پاران لاڳاپيل کاتن کي شڪايتن تي ترت ڪارروائي جون هدايتون جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب شهرين جي مسئلن جي فوري حل ۽ سنڌن شڪايتون سڌيءَ ريت ٻڌڻ لاءِ اي ڪچهري جو آغاز ڪري ڇڏيو آهي. سومر ڏينهن منعقد ٿيل پهرين اي ڪچهري

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مختلف حادثن ۽ واقعن ۾ چار ڄڻا فوت، هڪ شهري زخمي

ڪلفٽن بينظير پارڪ ڀرسان نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ نوجوان فوت، ڊرائيور فرار

گلبائي پل ڀرسان گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار گلو فوت ۽ خالد زخمي ٿي پيو

سائيٽ واري علائقي ۾ گودام اندر ڪم دوران 16 ورهين جو پورهيت مشين جي وچڙي فوت ٿيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۾ 4 ڄڻا فوت ٿي ويا، هڪ شهري زخمي ٿي پيو. ڪالهه ڪلفٽن بينظير پارڪ ويجهو هڪ اڻڄاتل گاڏي جي ٽڪر لڳڻ سبب 25 سالن جو

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

نادرا جي پاڪ آءِ ڊي موبائيل ايپ جو نئون ورزن 5.8.0 جاري، فيملي ميمبرز شامل ٿيڻ لاءِ سرگرم

فيملي ميمبرز ڊجيٽل آءِ ڊي، دستاويزن جي ڪيو آر تصديق ۽ حج ۽ عمره زائرين لاءِ بائيو ميٽرڪ سهولت شامل

ويڪسينيشن ڪارڊز لاءِ بائيو ميٽرڪ تصديق ايپ جي 'اير بي وي ايس' سيڪشن ذريعي گهر ويٺي مڪمل ڪري سگهبي

اسلام آباد (اي پي پي) نيشنل ڊيٽا بيس اينڊ رجسٽريشن اٿارٽي (نادرا) شهرين جي سهولت لاءِ پنهنجي پاڪ آءِ ڊي موبائيل ايپليڪيشن جو نئون ورزن 5.8.0 لانچ ڪري ڇڏيو آهي جنهن ۾ فيملي ميمبرز

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي سان ڪوريا جو سفير هان سنگهو سپريم ڪورٽ ۾ ملاقات ڪري رهيو آهي

ڊي آءِ خان حملي جي ڪڙيون ڪابل سان ملن ٿيون: مملڪتي گهرو وزير

ڪي پي ڪي حڪومت 14 سالن ۾ سيڪيورٽي فورسز کي قيادت ئي نه ڏني

ملڪ ۾ ٿيندڙ 70 سيڪڙو دهشتگردي ۾ افغان ملوث آهن: مملڪتي وزير طلال چوڌري

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن بابت مملڪتي وزير سينيٽر طلال چوڌري انڪشاف ڪيو آهي ته پاڪستان ۾

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڳالهين لاءِ تيار آهيون پر قيدين جي آزادي تي ڳالهه نه ٿيندي: انجنيئر امير مقام

پي ٽي آءِ حڪومت ناڪام ٿي چڪي آهي، ان کي عوامي حمايت حاصل ناهي: وفاقي وزير

آئين ۽ قانون ۾ گنجائش موجود آهي ۽ سمورين آئيني ۽ قانوني گهرجون به پوريون آهن

پشاور (اي پي پي) ڪشمير گلگت بلتستان معاملن واري وفاقي وزير انجنيئر امير مقام چيو آهي ته وفاقي حڪومت

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڄاڻ تائين پهچ شفاف، جوابده ۽ باخبر معاشري جو بنياد آهي: اياز صادق

تصديق ٿيل ۽ وقت سر ڄاڻ تائين پهچ هر شهري جو بنيادي جمهوري حق آهي

ڊجيٽل ٽيڪنالاجي ڄاڻ تائين پهچ کي اڳ کان وڌيڪ آسان بڻائي ڇڏيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق چيو آهي ته ڄاڻ تائين پهچ شفاف، جوابده ۽ باخبر معاشري

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: قانون ۽ انصاف وارو وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ وفاق جا ڪيس اڪلائڻ واري ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

لياري ٽرانسفارميشن منصوبي جو پهريون مرحلو آگسٽ تائين مڪمل ڪرڻ جو فيصلو

مثالي ٽائون بڻائڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪم آندا وڃن، اڳڀرائيءَ جو جائزو ورتو ويندو: ناصر شاهه

چونڊيل نمائندن جي شڪايت تي ايس بي سي اي جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر کي معطل ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مڪاني کاتن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ لياري ٽرانسفارميشن پلان جي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

آباد اڳواڻن پاران ٽيڪسن ۾ گهٽتائي ۽ قرضن جون سهولتون حاصل ڪرڻ جي دعوي

ڪراچي ۾ ايسوسيئيشن آف بلڊرز اينڊ ڊولپرز پاران صحافين جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو

تعميراتي شعبي جي مسئلن جي حل لاءِ حڪومت ۽ ميڊيا سان سهڪار جاري رکڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايسوسيئيشن آف بلڊرز اينڊ ڊولپرز (آباد) پاران مختلف نيوز چينلن ۽ پرنٽ ميڊيا سان لاڳاپيل ڪامرس

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

بلوچستان پوليس جي 41 رڪني ڊي ايس پيز جي وفد جو ڪراچي سي پي او جو دورو

ايڊيشنل آءِ جي آزاد خان سان ملاقات امن امان جي چئلينجن ۽ انهن کي منهن ڏيڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ

عوامي تحفظ ۽ پوليس آفيسرن جي پيشيورانه صلاحيتن ۾ واڌ تي اتفاق ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بلوچستان پوليس جي اسپيشلائيزڊ ٽريننگ ڪورس (STC) تحت تربيت حاصل ڪندڙ ڊي ايس

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: انسپيڪٽر جنرل سنڌ پوليس جاويد عالم اوڍو پوليس آفيسرن ۾ شيلڊون ورهائي رهيو آهي

ڪراچي ۾ موٽرسائيڪل ڦر دوران هٿياربندن جي فائرنگ، نوجوان بائيڪ رائيڊر قتل

جمالي پل نيچر سوسائٽي ڀرسان جوابدار موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ باوجود نعيم الله کي گوليون هڻيون

قتل جو ڪيس چار اڻڄاتل هٿياربندن خلاف داخل، وارثن پاران جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ سچل جي علائقي اسڪيم 33 جمالي پل نيچر سوسائٽي جي ويجهو موٽرسائيڪل ڦرڻ جي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ريبيز کان بچاءَ لاءِ ڪتي جي چڪ جو فوري علاج ڪرائڻ ضروري آهي: ماهر

ڪراچي ۾ عالمي ريبيز ڊي تي ڊي ايڇ او ايسٽ آفيس ۾ آگاهيءَ جي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي

ڪتي جي چڪ کانپوءِ زخم کي پاڻي سان گهٽ ۾ گهٽ 15 منٽ ڌوئي فوري علاج ڪرايو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عالمي ريبيز ڊي جي موقعي تي ڊي ايڇ او ايسٽ آفيس جي ڪانفرنس هال ۾ ريبيز بابت آگاهي سيشن

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: بلديات واري صوبائي وزير ناصر شاهه جي صدارت ۾ ٿيندڙ گڏجاڻي ۾ ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب ۽ ايم اين اي نبيل گبول شريڪ آهن

مسلم ليگ (ن) ڪشمير ڪائونسل لاءِ مشتاق منهاس، چوڌري سعيد ۽ چوڌري منظور کي اميدوار نامزد ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (اي پي پي) مسلم ليگ (ن) ڪشمير ڪائونسل لاءِ مشتاق منهاس، چوڌري سعيد ۽ چوڌري منظور کي اميدوار نامزد ڪري ڇڏيو آهي. سومر ڏينهن مسلم

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت صوبي ۾ ريبيز جي ڪنٽرول لاءِ جامع حڪمت عملي جوڙي آهي: شرجيل ميمڻ

عوام ڪتي جي چڪ يا زخم کي ڪنهن به صورت ۾ معمولي نه سمجهن ۽ ترت ويڪسين ڪرائن

صوبي جي سرڪاري اسپتالن ۽ رورل هيلٿ سينٽرز ۾ اينٽي ريبيز ويڪسين جي فراهمي يقيني بڻائي وئي آهي

حڪومت، طبي ماهرن ۽ عوام جي سهڪار سان صوبي کي ريبيز کان پاڪ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري پئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو سان گڏ بيٺل آهي

يهودي آبادڪارن پاران فلسطينين جي گهرن تي حملا

صيهوني ماڻهن نجي ملڪيتن کي نقصان پهچايو ۽ ڀڃ ڊاهه ڪئي

والاريل بيت المقدس (اي پي پي) والاريل

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

فڪري دهشتگردي عملي دهشتگردي کان وڌيڪ خطرناڪ آهي: طاهر اشرفي

نوجوانن کي گمراهه ڪندڙ قوتن جو بنا ڪنهن خوف ۽ مصلحت جي مقابلو ڪرڻو پوندو

دهشتگردي، انتهاپسندي ۽ بيگناهه ماڻهن جي قتل جو اسلامي تعليمات سان ڪو به تعلق ناهي

مدينه منوره (اي پي پي) پاڪستان علماءِ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

نقيب الله محسود قتل ڪيس ۾ وڌيڪ ست ڄڻا بري، سمورا 25 جوابدار آزاد ٿي ويا

دهشتگردي ٽوڙ عدالت ثبوتن جي کوٽ سبب اڳوڻي ايس ايڇ او امان الله مروت سميت 4 جوابدارن کي بري ڪيو

استغاثو موجوده ستن جوابدارن خلاف سڌي اکين ڏٺي شاهدي پيش ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو: عدالت

اڳوڻي ايس ايس پي ملير راؤ انوار سميت 18 پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن اڳ ۾ آزاد ٿي چڪا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نقيب الله محسود قتل ڪيس ۾ ڪراچي جي دهشتگردي ٽوڙ

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

18هين آئيني ترميم تي عملدرآمد جو جائزو، صوبائي اختيارن ۾ مداخلت بابت خدشا ظاهر

اسلام آباد ۾ سينيٽر ضمير حسين گهمرو جي صدارت هيٺ سينيٽ جي ذيلي ڪميٽيءَ جو اجلاس منعقد ٿيو

صوبن ڏانهن منتقل ٿيل شعبن ۽ گڏيل مفادن واري ڪائونسل معاملن تي عملدرآمد جو جائزو ورتو ويو

پوليسنگ، نشريات، ٽيلي ڪاسٽنگ ۽ پرنٽ ميڊيا بابت وفاقي ۽ صوبائي اختيارن کي واضح ڪرڻ جو مطالبو

وفاقي وزير عطا الله تارڙ پاران ميڊيا جا اختيار صوبن ڏانهن منتقل ڪرڻ لاءِ هڪ مهيني جي مهلت طلب

اسلام آباد (م ر) سينيٽ جي ڊيوولوشن بابت ذيلي ڪميٽي جو اجلاس پارليامينٽ

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: اقتصادي معاملن وارو وفاقي وزير احد چيمه پاڪستان ڊجيٽل اٿارٽي جي گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

صدر آصف زرداري پاران ملائيشيا جي اڳوڻي وزيراعظم ڊاڪٽر مهاتير محمد جي گهرواريءَ ڊاڪٽر حسم محمد علي جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ملائيشيا جي اڳوڻي وزيراعظم ڊاڪٽر مهاتير محمد جي گهرواريءَ ڊاڪٽر حسم محمد علي جي لاڏاڻي تي گهري

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

فيصل ڪريم ڪنڊي پاران ٽانڪ ۾ ٽريفڪ پوليس جي اهلڪارن تي فائرنگ جي واقعي جي مذمت

پشاور (اي پي پي) خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي، ٽانڪ ۾ ٽريفڪ پوليس اهلڪارن تي فائرنگ جي واقعي جي شديد مذمت ڪندي اعليٰ

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ سيڪيورٽي گارڊ جي فائرنگ ۾ نوجوان مارجي ويو، جوابدار گرفتار

سولجر بازار ۾ فائرنگ سبب 22 اڻجاڻل نوجوان فوت، پوليس گارڊ کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو

شروعاتي طور مقتول جي سڃاڻپ بابت غلط ڄاڻ سامهون آئي، سڃاڻپ جو عمل جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ سولجر بازار نمبر 3 ۾ واقع ڪباب هائوس جي سامهون سيڪيورٽي گارڊ جي فائرنگ

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

سي پي اين اي پاران رهيل سرڪاري ادائگيون فوري جاري ڪرڻ ۽ اخبارن جي اشتهارن جي منصفاڻي ورڇ جو مطالبو

وفاقي پي آءِ او رئيسه عادل ڪراچي ۾ ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز سيڪريٽريٽ جو دورو ڪيو

عهديدارن ۽ اسٽينڊنگ ڪميٽي ميمبرن سان ملاقات، اخبارن سان لاڳاپيل مختلف مسئلن تي ڳالهيون

علائقائي اخبارن کي سنڌن علائقن جا سرڪاري اشتهار ڏيڻ ۽ رجسٽريشن جو عمل آسان بڻائڻ تي زور

ملاقات ۾ سي پي اين اي جو نائب صدر قاضي اسد عابد، غلام نبي چانڊيو، عارف بلوچ، منزه سهام ۽ ٻيا شامل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي پريس انفارميشن آفيسر (پي آءِ او) رئيسه عادل سومر ڏينهن ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز (سي پي اين اي) جي سيڪريٽريٽ جو دورو ڪيو ۽ سي پي اين

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

CPNE
Freedom of Expression is a Human Right

ڪراچي: وفاقي پي آءِ او رئيسا عادل ڪراچي ۾ ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز سيڪريٽريٽ ۾ سي پي اين اي جي عهديدارن سان گڏجاڻي ڪري رهي آهي

معلومات تائين رسائي وارن قانونن تي عملدرآمد لاءِ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

عالمي ڏينهن جي موقعي تي سنڌ ۽ پاڪستان انفارميشن ڪميشنن جو گڏيل اجلاس منعقد ٿيو

سڄي ملڪ ۾ هڪجهڙا ۽ اثرائتا ضابطا جوڙڻ لاءِ گڏيل ڪميٽي قائم ڪرڻ جي تجويز

ڪراچي (بيورو رپورٽ) معلومات تائين عالمي رسائي واري ڏينهن جي موقعي تي سنڌ انفارميشن ڪميشن (SIC) ۽

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ صنعتن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا: سعيد غني

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ سنڌ

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ روڊن جي بحالي ۽ غيرقانوني اشتهارن خلاف ڪارروايون تيز ڪرڻ جو فيصلو

شهر ۾ غيرقانوني ڌارن ۽ اجازت کانسواءِ لڳايل اشتهاري مواد خلاف ڪارروايون جاري آهن:

نگراني ۽ ڪارروايون کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ خاص ٽاسڪ فورس جوڙڻ جو فيصلو ڪيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي جي ترجمان ۽ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي پارلياماني

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

پاڪستان نيوي رڪروٽمينٽ اينڊ سليڪشن سينٽر پاران ڪيڊٽ جي ڀرتي جو شيڊول جاري

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) پاڪستان نيوي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: پ پ اڳواڻ طارق انور سيال سينئر پريس فوٽوگرافر نديم احمد سومرو کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

او جي ڊي سي پاران عورتن لاءِ ٽريننگ پروگرام جو ٻيو مرحلو شروع، 52 گريجوئيٽس شامل

[illegible] عورتن کي تيل ۽ گئس جي شعبي ۾ تربيت ۽ پيشيورانه صلاحيتن وڌائڻ جا موقعا فراهم ڪيا ويندا

گئس جي شعبي ۾ نوجوان عورتن کي ڪامياب پيشيورانه مستقبل ڏانهن لاءِ تيار ڪرڻ جو اعلان

اسلام آباد (م ر) آئل ۽ گئس ڊولپمينٽ ڪمپني لميٽيڊ (OGDCL) پنهنجي آل فيميل مئنيجمينٽ ٽريني آفيسر پروگرام 2026-27 جي ٻئين بيچ جي ٽئين شروعات ڪئي آهي جنهن ۾ سڄي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

OGDC Welcomes Female Management Trainee Programme 2026-27

اسلام آباد: آئل اينڊ گئس ڊولپمينٽ ڪمپني لميٽيڊ جي فيميل مئنيجمينٽ ٽريننگ آفيسرز جو ڪمپني جي عملدارن سان گڏ ورثل گروپ فوٽو

ڪراچي ۾ لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج دوران پيٽرول پمپ تي ڀڃ ڊاهه، 6 ڄڻا گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سواچ گوٺ ۾ بجلي جي کوٽ خلاف احتجاج دوران 250 کان 300 ماڻهن پاران پيٽرول پمپ تي ڀڃ ڊاهه ۽ هنگامي ڪانپوءِ 6 ڄڻن خلاف ڪيس

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ هڪ ڄڻو فوت، 8 زخمي، پوليس ڪارروائين ۾ 68 جوابدار گرفتار

بوٽ بيسن ۾ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ نوجوان فوت، بلديه ۾ ڦرجي ڪوشش دوران مبينا ڦورو ۽ شهري زخمي

سچل ۽ نيو ڪراچي ۾ پوليس مقابلن دوران ڪيترائي جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار، هٿيار ۽ گاڏيون هٿ

ملير ۾ دڪان مان چار لک رپيا ۽ موبائل فون ڦر، قائدآباد ۾ اتفاقي فائرنگ سبب ٽينگري زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي شهر جي مختلف علائقن ۾ ڦر، فائرنگ، پوليس مقابلن، روڊ حادثن ۽ ٻين واقعن دوران هڪ ڄڻو فوت، 8 ڄڻا زخمي ۽ 6 جوابدار گرفتار ڪيا ويا، جڏهن ته ضلعي سطح پوليس

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

جي آڇ ڪئي آهي ميڊيا رپورٽ مطابق اها ڳالهه هن هڪ انٽرويو دوران چئي هن چيو ته صدر ڊونلڊ ٽرمپ لڳاتار اهو چوندو رهيو آهي ته اسان سڄي دنيا ۾ ٻين ملڪن کي هٿيار وڪرو ڪندا آهيون ۽ ڳالهين دوران هڪ موقعي تي هن چيني صدر کان به پڇيو ته هو ڪجهه هٿيار خريد ڪرڻ چاهي ٿو آمريڪي سفير چيو ته ٻين شين جي وڪري جي حوالي سان ڳالهيون جاري آهن آمريڪي ۽ چيني صدر جڏهن به ملندا آهن ان معاملي تي ڳالهيون ڪندا آهن هن اها به وضاحت ڪئي ته وڪري جي معاملي ۾ آمريڪا جو موقف اهو ئي آهي ۽ تبديل ناهي ٿيو

بقايا 2 روزاني عبرت

ڪيرازم ڊپارٽمينٽ قائم ڇو نه ڪيو ويو؟ پوليس کي گهربل بلٽ پروف جيڪيٽس، جديد هٿيار ۽ ٻيو سامان ڇو فراهم نه ڪيو ويو، صوبي ۾ دهشتگردي جي مسلسل واقعن جي باوجود صوبائي حڪومت نيشنل ايڪشن پلان تي به موثر عملدرآمد ۾ ناڪام رهي آهي، پي ٽي آءِ کي فيصلو ڪرڻو پوندو ته اها پاڪستان سان گڏ آهي يا افغانستان سان گڏ آهي سومر ڏينهن گهرو معاملن واري مملڪتي وزير طلال چوڌري سان گڏ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته پي ٽي آءِ جي نيت ۽ طبيعت ٻئي خراب آهن اهي نه دهشتگردي جي خلاف ڪاررواين جي اونرشپ وٺن ٿا، نه عملي قدم کڻن ٿا ۽ نه ئي ائين ڪرڻ چاهين ٿا. هن چيو ته پي ٽي آءِ ڪالعدم ٽي ٽي پي جي "بي" ٽيم آهي. خيبرپختونخواهه ۾ پي ٽي آءِ گذريل ساڍا 12 سالن کان عرصي کان حڪومت ۾ آهي جيڪو ڪنهن به صوبي کي ٽرانسفارم ڪرڻ جي لاءِ تمام وڏو عرصو هوندو آهي پر ان دوران اهي ڪي پي ايل آءِ جهڙا ليور ٽرانسپلانٽ انسٽيٽيوٽ ۽ بهترين هارٽ انسٽيٽيوٽ به نه ٺاهي سگهيا. خيبرپختونخواهه جي عوام علاج جي لاءِ ٻين صوبن جو رخ ڪرڻ تي مجبور آهي چو ته انهن جي حڪومت انتظامي طور تي ناڪام ۽ دهشتگردن جي سهولتڪاري ۾ مصروف آهي. هن چيو ته وڏي وزير سهيل آفريدي جي منعقد هڪ تقريب ۾ افغان نمائندا پاڪستاني ترانې جي احترام ۾ اٿي نه بيٺا، آئون اتي موجود هجان ها ته انهن تي پابندي هڻي انهن کي بيدخل ڪري ڇڏيان ها. اسان جي قومي ترانې جي احترام ۾ ڪير اٿي نه بيهي ۽ توهان ويهي تماشو ڏسندا رهو اهو اسان جي غيرت گوارا نه ٿي ڪري پر سهيل آفريدي کي اهو گوارا آهي. اطلاعات واري وفاقي وزير عطاءِ الله تارڙ سهيل آفريدي کي دهشتگردن جو سهولتڪار قرار ڏنو هن چيو ته دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ اي اين پي، جي يو آءِ (ف)، جي يو آءِ سميع الحق ۽ مسلم ليگ (ن) لاش کنيا ۽ رت ڏنو دهشتگردن جي مذمت نه ڪرڻ بزدلي آهي اهو پي ٽي آءِ جي فنانشل انٽرسٽ کي به سوٽ ڪري ٿو. هن چيو ته صوبي ۾ مائننگ، گولڊ مائننگ، ٽوبيڪو ۽ سڄو ٽيرر ڪرائيم نيڪسس آهي هن چيو ته خيبرپختونخواهه ۾ نان ڪسٽم پيڊ گاڏيون ۽ بنا نمبر پليٽ ۽ رجسٽريشن گاڏيون ۽ موٽرسائيڪلون هلي رهيون آهن اهي ساڍا 12 سالن ۾ گاڏين کي رجسٽرڊ نه ڪري سگهيا، اها صوبي جي ذميواري هئي، ان سان صوبي جو ٽيڪس ريونيو وڌي ٿو هن چيو ته گاڏين جي رجسٽريشن ۽ ڪمپيوٽرائزڊ ڊيٽا بيس ناهيو وڃي ته دهشتگردن ۽ غيرقانوني گاڏين جو پتو لڳائي سگهجي ٿو جڏهن ته رجسٽريشن سان حاصل ٿيندڙ اربين رپيا صوبي جي ڀلائي ۽ دهشتگردي جي خلاف جنگ تي خرچ ڪري پئي سگهجيا. هن چيو ته خيبرپختونخواهه پوليس جي لاءِ بلٽ پروف گاڏيون وٺڻ کان به انڪار ڪري ڇڏيو. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف پنجاب ۾ سي ٽي ڊي فورس قائم ڪئي جنهن موثر انداز ۾ ڪائونٽر ٽيرزازم آپريشنز ڪيا ۽ دهشتگردي جي خاتمي ۾ ڪردار ادا ڪيو جڏهن ته خيبرپختونخواهه حڪومت نه اهڙي فورس ٺاهي ۽ نه ئي ٺاهڻ چاهي ٿي هن چيو ته خيبرپختونخواهه ۾ شهيد ٿيندڙن جي اڪثريت عام شهرين جي آهي پوري صوبي جي سيڪيورٽي کي سياسي مقصدن جي ڀيٽ چاڙهيو ويو آهي هنگو ڊي آءِ خان ۽ ڪوهاٽ ۾ لاش ڪري رهيا آهن اتي زخمي ٿيندڙن چيو ته اسان کي صحتياب ٿيڻ ڏيو اسان انهن دهشتگردن جو بندوبست ڪنداسين هن چيو ته انشاء الله پوري قوم ۽ پاڪ فوج گڏجي انهن دهشتگردن کي نيست نابود ڪري ڇڏيندي چو ته انهن اسان جي ٻارن جو رت وهايو آهي. هن چيو ته پي ٽي آءِ وارا رڳو قيدي جي ڳالهه ڪندا ۽ اسلام آباد ۾ ڌرڻو ڏيندا، اهي پنهنجي صوبي جي حالت ڏسن انهن پوليس کي دهشتگردن آڏو اڪيلو ڪري شهيد ٿيڻ جي لاءِ ڇڏي ڏنو آهي هن چيو ته هو شهيد ڪانسٽيبل فهيم الله جي گهر ويو جتي سندس والد همت ۽ حوصلي جو مظاهرو ڪندي چيو ته منهنجو هڪ ٻيو پٽ هو جيڪو شهادت جي مرتبي تي فائز ٿيو وفاقي وزير چيو ته ڪيڏو نه سٺو ٿئي ها جيڪڏهن فهيم الله بلٽ پروف جيڪيٽ پائي رکي هجي ها ۽ ان جي هٿ ۾ جديد مشين گن هجي ها هن چيو ته خيبرپختونخواهه انهي مد ۾ ملندڙ پئسو پنهنجي سياسي مقصدن ڌرڻن ۽ جلسن تي خرچ ڪيو اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته انهن کي فيصلو ڪرڻو پوندو ته اهي پاڪستان سان گڏ آهن يا افغانستان سان گڏ آهن وفاقي وزير پريس ڪانفرنس دوران هڪ افغان شهري جي تصوير صحافين کي ڏيکاري. هن چيو ته هي اهو افغان شهري آهي جنهن دهشتگردي جي ڪارروائي ۾ حصو ورتو ۽ ريسڪيو ٽيم تي حملو ڪيو هن چيو ته اوپن سورس انٽيلي جنس موجب سوشل ميڊيا تي ان شخص جي تصوير ڪابل جي پشتونستان اسڪوائر جي آڏو آئي آهي هن چيو ته صوبي ۾ رت وهي رهيو آهي لاش ڪري رهيا آهن ۽ ماڻهن کي شهيد ڪيو پيو وڃي پر پي ٽي آءِ جي صوبائي حڪومت کي سياست پياري آهي هن چيو ته پاڪستان جي سالميت ۽ دهشتگردي جي خاتمي جي لاءِ جيڪو ممڪن ٿيو ڪنداسين اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته ڪوهاٽ ۾ افغانستان مان ڊرون آيا ۽ ڪرم ۾ فائرنگ ٿي پر پي ٽي آءِ جي وات مان هڪ لفظ نه نڪتو آئون اتي 6 ڪلاڪ رهيس، جتي ماڻهن ڏانهن ڏنيون ته صوبائي حڪومت ڪٿي آهي؟ ڪالهه به اهي پنهنجي سياست جي لاءِ ڊي آءِ خان ويا ۽ اتي پريس ڪانفرنس ڪري اهو پيغام ڏنو ته اسان گڏ آهيون. خدارا پنهنجي وات مان اهي لفظ ڪڍو ته دهشتگردن جو پاڪستان ۽ خيبرپختونخواهه مان خاتمو ڪنداسين هن چيو ته هي دهشتگردن جي سهولتڪاري ان لاءِ ڪن ٿا ته انهن جا سياسي ۽ مالي مفاد واڳيل آهن لاش ڪري رهيا آهن پر انهن کي پرواهه نه آهي چو ته انهن کي پنهنجي سياست عزيز آهي خيبرپختونخواهه ۾ غيرقانوني مائننگ ۽ ٽيڪس سان حاصل ٿيندڙ مال انهن کي عزيز آهي پر پاڪستان ۽ خيبرپختونخواهه جا شهري پلي ماري وڃن ان جي انهن کي پرواهه نه آهي جيڪڏهن انهن کي پرواهه هجي ها ته ڪوهاٽ ۾ ويهي لاءِ اينڊ آرڊر جي گڏجاڻي ڪن ها ۽ پوري صوبي ۾ امن امان جي صورتحال تي اجلاس گهرائين ها. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته چيڪ پوسٽ تي حملي ۾ ٻارڙي ۽ نوجوان شهيد ٿيا جن ۾ اڪيل سپاهين جي هٿي، صوبائي حڪومت کي اتي وڃي ويهڻ گهرجي ها. هي وسيلن جي کوٽ جو راڳ آلاپين ٿا جيئن ته اين ايف سي ايوارڊ تحت هر سال خيبرپختونخواهه حڪومت کي ڪائونٽر ٽيرزازم جي لاءِ اضافي فنڊز ڏنا وڃن ٿا. وفاقي وزير چيو ته بڌايو وڃي ڪيترا سئو ارب رپيا ڪٿي خرچ ڪيا ويا ۽ ان فنڊ مان سيف سٽي جون ڪيتريون ڪئميرائون لڳايون ويون هن چيو ته لاهور ۾ ڪيپٽن مبين ۽ زاهد گوندل شهيد ٿيا ته دهشتگردن جا سهولتڪار سيف سٽي ڪئميرائن جي مدد سان پڪڙيا ويا وفاقي وزير چيو ته خيبرپختونخواهه جي صوبائي حڪومت حساب ڏي ته ڪائونٽر ٽيرزازم جا اهي پئسا ڪٿي ڪيا ۽ سياسي سرگرمين تي ڇو خرچ ڪيا ويا؟ هن چيو ته هاڻي پاڻي مٿي کان گذري ويو آهي ته جتي ٻار شهيد ٿي رهيا هجن اتي سياسي راند وڃي ته جي باني کي ڪهڙي اسپتال ۾ موڪلڻو آهي هن چيو ته سياست جا به ڪجهه اصول هوندا آهن بطور پاڪستاني منهنجي غيرت اجازت نه ٿي ڏي ته ڪنهن به دهشتگرد جي سهولتڪار سان نرمي سان ڳالهه ڪريان هڪ سوال جي جواب ۾ اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته سهيل آفريدي انتظامي ۽ سياسي طور تي ناڪام ٿي چڪو آهي هن چيو ته سهيل آفريدي ڪالهه علي امين گنڊاپور وٽ ويو جنهن بابت هو ماضي ۾ وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪندا هئا ان کي حڪومت جو ڊاڪو قرار ڏيندا هئا. سهيل آفريدي جي سياسي ساک ايتري ڪمزور ٿي وئي آهي جو هو پنهنجي ڪارڪنن کي منهن نه ٿو ڏئي سگهي هڪ سوال جي جواب ۾ اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير چيو ته ناڪام حڪومت جو ناڪام وڏو وزير سياست ۽ انتظامي معاملن ٻنهي ۾ ناڪام ٿي چڪو آهي صوبي ۾ تباهي ۽ بربادي پکڙجي چڪي آهي دهشتگردي ۾ اضافو ٿيو آهي ۽ صوبائي حڪومت ان جي روڪٿام ۾ ناڪام رهي آهي ان جي ابتڙ بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز بگٽي دهشتگردي جي خلاف موثر قدم کنيا آهن گذريل هڪ سال دوران سرفراز بگٽي نيشنل ايڪشن پلان تحت ڪيترائي اجلاس ڪيا، پوليس کي جديد اوزار فراهم ڪيا ۽ وفاق کان آفيسر به طلب ڪيا. هن چيو ته بلوچستان حڪومت پنهنجي سول آفيسرن کي به مڪمل سيڪيورٽي اوزار ۽ وسيلا فراهم ڪيا آهن سرفراز بگٽي دهشتگردن جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ بهادري اهليت ۽ سمورا دستياب وسيلا استعمال ۾ آڻي رهيو آهي اهو ئي ٻنهي صوبائي حڪومتن جي طرزعمل ۾ وڏو فرق آهي وفاقي وزير چيو ته باني پي ٽي آءِ جي پاليسي دهشتگردن کي واپس آڻي آباد ڪرڻ هو نواز شريف جي حڪومت جي دور ۾ نيشنل ايڪشن پلان تي موثر عملدرآمد ٿيو ۽ 2017ع تائين ملڪ جي اڪثر علائقن مان دهشتگردي جو خاتمو ڪيو ويو هو جڏهن ته 2018ع ۾ تحريڪ انصاف جي حڪومت دهشتگردن کي واپس آڻي آباد ڪرڻ جي پاليسي اختيار ڪئي هن الزام هنيو ته باني پي ٽي آءِ جو ڪالعدم تحريڪ طالبان پاڪستان ۽ تحريڪ طالبان افغانستان جي لاءِ سدائين نرم رويو رهيو آهي ۽ ان جي پاليسي جي نتيجي ۾ دهشتگردن کي واپس آڻي آباد ڪيو ويو جنهن جا نتيجا اڄ سامهون اچي رهيا آهن هن چيو ته پي ٽي آءِ کي دهشتگردن جي حوالي سان پنهنجي پاليسي جي وضاحت ڪرڻ گهرجي هڪ سوال جي جواب ۾ اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته پي ٽي آءِ جي صوبائي حڪومت پوليس کي پي ٽي آءِ جي سياسي ونگ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي صوبائي حڪومت پبلڪ سروس ڪميشن ختم ڪري سڌوسنئون ڀرتيون ڪرڻ چاهي ٿي هن سوال ڪيو ته صوبائي حڪومت سڌوسنئون ڀرتي جو اختيار ڇو ٿي چاهي؟ صوبائي حڪومت ڀرتين بدلين ۽ مقررين جا سمورا اختيار پاڻ وٽ ان جي لاءِ رکڻ چاهي ٿي ته سياسي بنيادن تي پوليس ۾ ڀرتيون ڪري سگهجن اهڙي طرح پوليس ۾ سياسي ماڻهن کي ڀرتي ڪري دهشتگردن جي سهولتڪاري جي راهه هموار ڪري سگهجي ٿي جيڪا شهيدن جي وارثن ۽ انهن جي قربانين سان ناانصافي ٿيندي ۽ ڪنهن به قانون تحت ان جي اجازت نه ٿي ڏئي سگهجي. هن چيو ته نيشنل ايڪشن پلان الحمدلله موثر انداز ۾ جاري آهي جڏهن ته پي ٽي آءِ جي صوبائي حڪومت کي ان جي ڪا پرواهه نه آهي ان کي نه نيشنل جو پتو آهي، نه ايڪشن جو ۽ نه پلان جو

بقايا 3 روزاني عبرت

ڏيئو پڻجي رهيو آهي. جڏهن ته ملڪ جي دفاعي صلاحيتن گذريل ڏهاڪن جي ڀيٽ ۾ طاقت جو توازن تبديل ڪري ڇڏيو آهي ايراني سپريم ليڊر چيو ته ايران هاڻي داروءمدار ۽ ڪمزوري واري مرحلي مان نڪري خودمختياري، طاقت ۽ اسلامي دنيا ۾ هڪ نمايان مقام ماڻي چڪو آهي مجتبيٰ خامنه اي چيو ته "هو ماضي جنهن ڏانهن اسان جو دشمن واپس وڃڻ چاهي ٿو گذري چڪو آهي ۽ هاڻي ڪڏهن واپس نه ايندو". مجتبيٰ خامنه اي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته ايران هاڻي اهڙي مرحلي تي پهچي چڪو آهي جتي پاڻ آڳرائي ۽ برتري حاصل ڪرڻ وارين قوتن پناهه گهرن ٿيون ۽ جنگ ختم ڪرڻ جون منٿون ڪن ٿيون. واضح رهي ته مجتبيٰ خامنه اي پنهنجي پيءُ جي جانشيني ڪانپوءِ عوامي سطح تي منظرعام تي نه آيو آهي ۽ نه ئي سندس ڪو سڌي ريت آڊيو يا وڊيو پيغام جاري ٿيو آهي هن سان منسوب سمورا پيغام هن وقت تائين رڳو لکت ۾ سرڪاري ميڊيا يا ان سان واڳيل ذريعن ذريعي شايع ٿيا آهن

بقايا 4 روزاني عبرت

ڊالر جڏهن ته ڪمرشل بئنڪن جا ذخيرا 4.87 ارب ڊالر هئا. 18 سيپٽمبر تي ختم ٿيل هفتي ۾ مٽاسٽا واري ناڻي جا ملڪي ذخيرا وڌي 26.81 ارب ڊالر ٿي ويا. اسٽيٽ بئنڪ جا ذخيرا 21.38 ارب ڊالر جڏهن ته ڪمرشل بئنڪ جا ذخيرا 5.402 ارب ڊالر رڪارڊ ڪيا ويا. جاري مالي سال دوران اسٽيٽ بئنڪ جي مٽاسٽا واري ناڻي جي ذخيرن ۾ مجموعي طور تي 3.04 ارب ڊالر جڏهن ته ڪمرشل بئنڪن جي ذخيرن ۾ 553 ملين ڊالر جو اضافو ٿيو آهي

بقايا 5 روزاني عبرت

ڪراچي کي پاڻي فراهم ڪرڻ واري ڪي فور منصوبي کي جلد کان جلد مڪمل ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن. واپڊا پاران ڊسمبر تائين پنهنجي ڪم جي مرحلي کي مڪمل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي آهي، جڏهن ته ڪراچي ۾ پاڻي پهچائڻ لاءِ واڌاري واري منصوبي جي ڪم تي ڪميٽي مطمئن ناهي ڪي فور منصوبي تي اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ لاءِ سينيٽ جي قائمه ڪميٽي براءِ آبي وسيلن جو اجلاس ٿيو جنهن ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي جام سيف الله ڌاريجو چيو ته ڪميٽي اڳ کان اڳ سٽي ۾ ۽ منصوبي بابت اجلاس ڪيو هو ۽ ڪم تيزي سان مڪمل ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون هيون اڄوڪي اجلاس ۾ منصوبي جي ٽن مختلف شعبن جي ٺيڪيدارن جو جائزو ورتو ويو هن چيو ته منصوبي تحت واپڊا کي پمپنگ اسٽيشن تائين پاڻي پهچائڻو آهي جنهن ڪانپوءِ واڌاري واري منصوبي تحت پاڻي شهر تائين پهچايو ويندو. واپڊا پاران ڊسمبر تائين مقرر ڪيل ڪم مڪمل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي آهي. جڏهن ته سنڌ ٽرانسميشن ڪمپني پاران منصوبي لاءِ ٽرانسميشن لائن جو ڪم ڪيو پيو وڃي جنهن جي مڪمل ٿيڻ لاءِ جون تائين مهلت مقرر ڪئي وئي آهي جام سيف الله ڌاريجو چيو ته واڌاري وارو منصوبو 94 ڪلوميٽر ڊگهو آهي ۽ ان جي مڪمل ٿيڻ ۾ 2029ع تائين جو وقت لڳڻ جو امڪان آهي جيڪڏهن اهو ڪم مقرر وقت تي مڪمل نه ٿيو ته ڪراچي کي پاڻي پهچائڻ ۾ ڏکيائون پيدا ٿينديون هن چيو ته ڪميٽي واڌاري واري منصوبي جي ڪم مان مطمئن ناهي ۽ لاڳاپيل ادارن کي سختي سان هدايت ڪئي وئي آهي ته ڪم ۾ تيزي آڻي ڪراچي ۾ پاڻي پهچائڻ لاءِ پائيپ لائين وڇائڻ جو ڪم جلد مڪمل ڪيو وڃي سينيٽر جام سيف الله ڌاريجو چيو ته ڪميٽي ڪي فور منصوبي جي ڪم جي مڪمل نگراني ڪندي، ڪنهن به قسم جي لاپرواهي يا ڪرپشن برداشت نه ڪئي ويندي جيڪڏهن مقرر مدي اندر ڪم مڪمل نه ٿيو ته لاڳاپيل آفيسرن ۽ ٺيڪيدارن خلاف احتساب لاءِ ڪارروائي جي سفارش ڪئي ويندي هن چيو ته ان ڳالهه جو پڻ جائزو ورتو ويو ته منصوبي ۾ دير جو ذميوار ڪهڙو آفيسر آهي ۽ دير جا حقيقي سبب سامهون آندا وڃن منصوبي جي راهه ۾ جيڪي به رڪاوٽون آهن انهن کي ختم ڪرڻ سان گڏ ڪم ۾ موجود خامين جي نشاندهي ڪئي ويندي. جام سيف الله ڌاريجو چيو ته ڪي فور ڪراچي جو پراڻو پاڻي وارو مسئلو حل ڪرڻ لاءِ اهم منصوبو آهي تنهنڪري ان جي مڪمل ٿيڻ ۾ وڌيڪ دير برداشت نه ٿي ڪري سگهجي منصوبي لاءِ جن ڪمپنين رقم ورتي آهي ۽ ڪم ڪونه ڪيو انهن خلاف به ڪاررائي ڪئي ويندي هن چيو ته عدالتن ۾ هلندڙ معاملن سبب 94 ڪلوميٽر ڊگهي پائيپ لائين واري ڪم ۾ به رڪاوٽون پيش اچي رهيون آهن ان حوالي سان عدالتن کي به گذارش ڪئي ته معاملي جو نظرثاني سان جائزو ورتو وڃي ته جيئن ڪراچي جي پاڻي جي منصوبي ۾ غيرضروري دير کان بچي سگهجي سينيٽر جام سيف الله ڌاريجو چيو ته ڪنهن به صلاحڪار جي ذميواري آهي ته جنهن ڪم جا پئسا وٺي رهيو آهي اهو ڪم درست نموني انجام ڏئي جيڪڏهن صلاحڪار جي تيار ڪيل منصوبي يا ڊزائن ۾ ڪا خامي آهي ته ان کي فوري طور درست ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ رقم واپس وٺڻ بابت قدم کنيا وڃن هن چيو ته ڪميٽي جي ڪوشش آهي ته ڪي فور منصوبي جي راهه ۾ موجود سمورين رڪاوٽن کي ختم ڪري منصوبي کي جلد کان جلد مڪمل ڪرايو وڃي، پر عوام سان اهڙيون اميدون نه ٻڌايون وينديون جيڪي عملي طور پوريون نه ٿي سگهن

بقايا 6 روزاني عبرت

استعفيٰ ڏئي ڇڏي پرڏيهي ميڊيا مطابق هن پريس ڪانفرنس دوران استعفيٰ تي صحيحون ڪيون ۽ ان کي پارليامينٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو سربيا جي آئين ۽ صدارتي قانون تحت صدر جي استعفيٰ قومي اسيمبلي کي لکت ۾ ملندي ئي عهدو ختم ٿي ويندو آهي ۽ ان ۾ پارليامينٽ جي منظوري گهربل ناهي هوندي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اناسٽازيا عارضي طور صدارتي ذميواريون سنڀاليندي هو وڌ کان وڌ ٽن مهينن تائين اهي ذميواريون انجام ڏئي سگهي ٿي ۽ ان ئي مدي دوران صدارتي چونڊون ڪرائڻيون پونديون اليگزينڊر ووچچ چيو ته هو 25 آڪٽوبر تي وقت کان اڳ ٿيندڙ پارلياماني چونڊن ۾ هڪ عام شهري جي حيثيت سان حصو وٺندو واضح رهي ته سربيا جي پارليامينٽ 9 سيپٽمبر تي ختم ڪئي وئي هئي آئين تحت ختم ڪيل پارليامينٽ جا اختيار محدود هوندا آهن جڏهن ته نئين حڪومت جي جوڙجڪ تائين موجوده حڪومت پنهنجون ذميواريون انجام ڏيندي رهندي آهي

بقايا 7 روزاني عبرت

۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ 2 ٻارن سميت 7 ڄڻا فوت ۽ 13 زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا موجب گذريل ڏينهن مقامي وقت مطابق اٽڪل شام جو 6 بجي ضلع نورداڳي ۾ اهو حادثو پيش آيو حادثي جو اطلاع ملندي ئي فائر برگيڊ، پوليس، طبي عملو ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جا اهلڪار واقعي واري هنڌ پهچي ويا. غازي عنتاب جي نائب گورنر الڪر ايڪر چيو ته شروعاتي طور حادثي جو سبب گاڏي پاران غلط طريقي سان اوور ٽيڪ ڪرڻ جي ڪوشش قرار ڏنو ويو آهي

بقايا 8 روزاني عبرت

تيار ڪري ورتو آهي، جيڪو پاڪستاني ڪرنسي ۾ 138 ارب 48 ڪروڙ رپين جي برابر آهي. ميڊيا رپورٽن موجب، هن منصوبي کي ٽرانسفارمنگ پبلڪ سيڪٽر پنشن پروگرام جو نالو ڏنو ويو آهي. ناڻي واري وزارت جي ذريعن موجب، ايشيائي ترقياتي بئنڪ کان 50 ڪروڙ ڊالر جو پروگرام لون 3 سالن لاءِ هوندو جنهن ۾ 15 ڪروڙ 92 لک ڊالر جي ٽيڪنيڪل مدد پڻ شامل آهي. پروگرام پهرين نومبر 2026ع کان شروع ٿي نومبر 2029ع ۾ مڪمل ٿيندو. ناڻي واري وزارت جي ذريعن موجب، نئون قرض پروگرام سڌارن جي نتيجن سان ڳنڍيل هوندو جڏهن ته موجوده پنشن نظام قومي خزاني تي وڏو مالي بوجهه بڻجي چڪو آهي. ذريعن موجب، وفاقي حڪومت جو ساليانو پنشن بل 1169 ارب رپين تائين پهچي چڪو آهي

بقايا 9 روزاني عبرت

ملاقاتون ڪيون جن دوران سنڌ جي بلدياتي معاملن، ٽرانسپورٽ جي عوامي ميگا منصوبن، پارلياماني قانونسازي، ملڪ جي سياسي صورتحال ۽ سکر سميت مختلف علائقن جي سياسي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ به بلاول ڀٽو زرداري سان بلاول هائوس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات دوران شرجيل انعام ميمڻ کيس ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ عوام لاءِ شروع ڪيل ميگا منصوبن تي اڳڀرائي بابت بريفنگ ڏني ۽ منصوبن جي موجوده صورتحال کان آگاهه ڪيو. ملاقاتن دوران سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي، عوامي ڀلائي جي منصوبن، پارلياماني معاملن، سياسي صورتحال ۽ پارٽي سرگرمين سميت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. سنڌ جي مڪاني ڪاتي جي وزير سيد ناصر حسين شاهه بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات دوران پنهنجي کاتي جي ڪارڪردگي، جاري منصوبن ۽ مختلف معاملن بابت آگاهي ڏني. ملاقات ۾ سنڌ ۾ بلدياتي نظام ۽ عوامي سهولتن سان لاڳاپيل معاملن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان کان علاوه قومي اسيمبلي جي ميمبر سيد خورشيد احمد شاهه بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪئي جنهن دوران ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال ۽ مختلف اهم معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. قومي اسيمبلي جي ميمبر سيد نويد قمر پڻ بلاول هائوس ۾ پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪئي. ملاقات دوران پارليامينٽ ۾ قانونسازي ۽ ان سان لاڳاپيل مختلف معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. پيپلز پارٽي سکر جي اڳواڻ سيد زيرڪ شاهه پڻ بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪئي جنهن دوران سکر ۽ ڀرپاسي جي سياسي صورتحال، پارٽي معاملن ۽ علائقائي سياسي سرگرمين بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

بقايا 10 روزاني عبرت

ٽيسٽ سينٽر قائم ڪيا ويا هئا. هن چيو ته گذريل ٽن سالن کان ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ ڪرائڻ جي ذميواري سيبا ٽيسٽنگ سروس انجام ڏئي رهي آهي، جڏهن ته 2024ع ۾ عدالتي حڪمن تحت آءِ بي اي سکر کي ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ ڪرائڻ جي ذميواري ڏني وئي هئي.ڊاڪٽر آصف شيخ موجب ايم بي بي ايس لاءِ 99 کان وڌيڪ مارڪون حاصل ڪندڙ 16 هزار 507 اميدوار ڪامياب ٿيا، جن ۾ 10 هزار 326 عورتون ۽ 6 هزار 181 مرد شامل آهن. جڏهن ته بي ڊي ايس لاءِ 90 کان وڌيڪ مارڪون حاصل ڪندڙ 19 هزار 323 اميدوار پاس ٿيا جن ۾ 12 هزار 212 عورتون ۽ 7 هزار 111 مرد شامل آهن مجموعي طور 14 هزار 13 اميدوار ٽيسٽ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيا. هن بڌايو ته ٽيسٽ ڪانپوءِ ستن ڏينهن اندر نتيجا جاري ڪرڻ جو واعدو ڪيو ويو هو جنهن تحت 27 سيپٽمبر تي نتيجا جاري ڪيا ويا. ايم ڊي ڪيٽ بابت تقريبن 1200 شڪايتون وصول ٿيون، جن جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ نتيجن جو اعلان ڪيو ويو هن چيو ته نتيجا تيار ڪرڻ دوران ٽيسٽ جي شفافيت ۽ درستگي کي يقيني بڻائڻ لاءِ سمورن معاملن جو ضابطن موجب جائزو ورتو ويو ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ دوران ڪجهه غيرمعمولي معاملن بابت ڊاڪٽر آصف شيخ بڌايو ته 4 اميدوارن پنهنجا پيپر مڪمل طور خالي ڇڏيا. جڏهن ته 21 اميدوارن صرف 30 مارڪون حاصل ڪيون هن چيو ته انهن اميدوارن جي فهرست جاچ لاءِ ايف آءِ اي حوالي ڪئي ويندي، جيئن معلوم ڪري سگهجي ته پيپر خالي ڇڏڻ يا انتهائي گهٽ مارڪون حاصل ڪرڻ جا سبب ڪهڙا هئا.ڊاڪٽر آصف شيخ چيو ته ماضي ۾ ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ پيپر آئوٽ ٿيڻ سميت مختلف معاملن سبب تڪراري رهي هئي، پر هن ڀيري ٽيسٽ جو عمل مڪمل ڪرڻ ۽ نتيجا مقرر وقت اندر جاري ڪرڻ لاءِ خاص انتظام ڪيا ويا. هن چيو ته ٽيسٽ بابت ڪنهن به قسم جي شڪايت يا معاملي کي نظرانداز نه ڪيو ويندو ۽ جاچ جي عمل ذريعي حقيقت سامهون آندي ويندي.پنهنجي صحت بابت ڳالهائيندي ڊاڪٽر آصف شيخ چيو ته ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ واري ڏينهن طبيعت خراب ٿيڻ سبب هو بيهوش ٿي ويو هو جنهن تي سڄي سنڌ مان ماڻهن سندس صحت لاءِ دعائون ڪيون جنهن تي هو شڪرگذار آهي هن چيو ته ڪجهه ماڻهن سندس بيهوش ٿيڻ واري واقعي کي اداڪاري قرار ڏنو پر ان وقت سندس بلڊ پريشر انتهائي گهٽ ٿي ويو هو ۽ ڊي ايڇ او پاران سندس طبي معائنو پڻ ڪيو ويو هو هن وڌيڪ چيو ته ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ جي معاملي ۾ دٻاءُ ۽ ڌمڪين کي منهن ڏيڻو پيو پر سيبا ٽيسٽنگ سروس ڪنهن به دٻاءُ ۾ اچڻ واري ناهي. هن واضح ڪيو ته ٽيسٽ جي شفافيت، نتيجن جي درستگي ۽ اميدوارن جي حقن کي نظر ۾ رکندي سمورا معاملا ضابطن ۽ جاچ جي عمل تحت اڳتي وڌايا ويندا

بقايا 11 روزاني عبرت

دوران شهر جي مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ شهرين ميئر ڪراچي سان سڌو رابطو ڪري صفائي سٿرائي، روڊن جي مرمت، پاڻي ۽ نيڪال سميت ٻين بلدياتي مسئلن بابت آگاهه ڪيو. ميئر ڪراچي شهرين جي شڪايتن تي لاڳاپيل کاتن ۽ آفيسرن کي فوري هدايتون جاري ڪندي چيو ته مسئلن کي بنا دير حل ڪيو وڃي، جيئن شهرين کي جلد کان جلد رليف فراهم ڪري سگهجي اي ڪچهري منجهند 3 وڳي کان ساڍي 3 وڳي تائين جاري رهي، جنهن دوران وڏي انگ ۾ شهرين کي ميئر ڪراچي سان سڌو رابطو ڪرڻ جو موقعو مليو شهرين اي ڪچهري جي انعقاد کي ساراهيندي هن قدم تي خوشي جو اظهار ڪيو شهرين طرفان وصول ٿيندڙ شڪايتن ۾ مختلف علائقن ۾ صفائي جي صورتحال، روڊن، پاڻي جي فراهمي، نيڪال جي مسئلن ۽ ٻين بلدياتي معاملن بابت شڪايتون شامل هيون ميئر ڪراچي شڪايتن جو نوٽيس وٺندي لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته عوامي مسئلن جي حل ۾ ڪنهن به قسم جي دير نه ڪئي وڃي ۽ شهرين کي بروقت رليف فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي. ميئر ڪراچي ان موقعي تي لاڳاپيل کاتن کي اها پڻ هدايت ڪئي ته شهرين جي شڪايتن تي ڪاررائي سان گڏ انهن جي حل بابت اڳڀرائي کان به شهرين کي آگاهه رکيو وڃي، جيئن شڪايتن جي ازالي واري عمل کي وڌيڪ اثرائتو ۽ شفاف بڻائي سگهجي واضح رهي ته اي ڪچهري ۾ شڪايتون درج ڪرائڻ لاءِ شهرين 021-99216727 تي رابطو ڪيو جڏهن ته اي ڪچهري دوران 021-99215125 ۽ 021-99215126 تي پڻ شهرين رابطا ڪيا. ان موقعي تي ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته اي ڪچهري جو مقصد شهرين کي بلدياتي مسئلن جي حل لاءِ سڌي رسائي ۽ فوري رليف فراهم ڪرڻ آهي هن چيو ته جيڪي مسئلا موقعي تي حل ٿي سگهن ٿا، انهن جي فوري حل لاءِ هدايتون جاري ڪيون ويون آهن جڏهن ته ٻين هنگامي نوعيت جي مسئلن کي 24 ڪلاڪن اندر حل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي

بقايا 12 روزاني عبرت

نوجوان فوت ٿي ويو.تفصيلن موجب بوٽ بيسن واري علائقي ڪلفٽن بينظير پارڪ ويجهو 25 سالن جو پيادل نوجوان حادثي جو شڪار ٿي فوت ٿي ويو سندس لاش ڇيپا ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس جو چوڻ آهي ته فوتي جي سڃاڻپ بابت ڪا به شيءِ نه ملي سگهي جڏهن ته حادثي جو ذميوار ڊرائيور گاڏي سميت فرار ٿي ويو سي سي ٽي وي فوٽيج جي مدد سان گاڏي جي سڃاڻپ جون ڪوششون جاري آهن ۽ قانوني ضابطن جي تڪميل بعد وارثن پاران سڃاڻپ ٿيڻ تائين لاش کي سرد خاني ۾ منتقل ڪيو ويو آهي گلبائي پل جي هيٺان پي ايس او پمپ جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل تي سوار 30 سالن جو گلو ولد علي حسن فوت ٿي ويو ۽ خالد ولد غلام رسول زخمي ٿيو سائيٽ اي جي حد سائيٽ جي علائقي رشيد آباد ويجهو چوڌري ڪمپني جي لڳ گودام ۾ ڪم ڪرڻ جي دوران مشين ۾ اچي وڃڻ جي نتيجي ۾ 16 سالن جو پورهيت خميسو ولد نصرا فوت ٿي ويو آهي سائيٽ ايريا ميٽرو ول چڙهائي بلديا ڪمپني جي اندر 17 سالن جي ڪمهو ولد نريش جو مرده حالت ۾ لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 13 روزاني عبرت

21 ڄڻا فوت ۽ 5 گم ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا مطابق وزيراعظم باليندر شاهه بڌايو ته حادثن ۾ 5 ڄڻا زخمي به ٿيا جن کي طبي امداد ڏني پئي وڃي نيشنل ڊيزاسٽر رسڪ ريڊڪشن اينڊ مئنيجمينٽ اٿارٽي مطابق آچر جي شام تائين 747 خاندان متاثر ٿيا، 143 گهر مڪمل طور تباهه ٿيا ۽ 51 کي جزوي نقصان پهتو. وزيراعظم چيو ته خراب موسم سبب ملڪ جي مختلف علائقن ۾ مختلف علائقن وچ ۾ زميني رابطا متاثر ٿيا ۽ ٻوڏ ۽ مٽي جون ڇپون ڪرڻ سبب هڪ درجن کان وڌيڪ روڊ متاثر ٿيا. هن بڌايو ته ٻوڏ سبب هڪ هزار 13.2 ميگاواٽ بجلي جي فراهمي به متاثر ٿي جڏهن ته ٽرانسميشن ٽاورز ڪرڻ سبب مجموعي طور تي 318 ميگاواٽ صلاحيت جا پن بجلي منصوبا بند ڪيا ويا آهن هن خبردار ڪيو ته خطرو اڃان ٽريو ناهي

بقايا 14 روزاني عبرت

ڊجيٽل آءِ ڊي، دستاويزن جي فوري ڪيو آر تصديق ۽ حج ۽ عمره زائرين لاءِ بائيو ميٽرڪ توثيق سميت ڪيترائي جديد فيچرز شامل ڪيا ويا آهن نادرا جي پبلڪ انفارميشن آفيسر سيد شبهات علي موجب پاڪ آءِ ڊي ايپ کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪيو پيو وڃي نئين ورزن جي عيوض هاڻي شهري پاڻ سان گڏوگڏ (زالا ۽ 18 سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن جي ڊجيٽل شناختي ڪارڊ، جووينائل ڪارڊ، نائيڪوپ يا پاڪستان اوريجن ڪارڊ آساني سان حاصل ۽ محفوظ ڪري سگهن ٿا، جڏهن ته ضرورت پوڻ تي انهن جي جاچ جي فوري تصديق ۽ شيئرنگ به ممڪن هوندي هن بڌايو ته ايپ ۾ اهم دستاويزن جي فوري تصديق لاءِ اسڪين ڪيو آر ڪوڊ جو فيچر متعارف ڪرايو ويو آهي، جنهن جي مدد سان ب فارم، فيملي رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ (ايف آر سي) ۽ شناختي ڪارڊ وارو سرٽيفڪيٽ داخل ڊجيٽل ڪيو آر ڪوڊ اسڪين ڪري تصديق ٿيل ڪاپي ڪجهه سيڪنڊن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. سيد شبهات علي مطابق پرڏيهه خاص ڪري حج ۽ عمره تي ويندڙ پاڪستانين لاءِ بائيو ميٽرڪ تصديق جو عمل وڌيڪ آسان بڻايو ويو آهي زائرين هاڻي انفلوئنزا ۽ گردن توڙ بخار (مينننجائيٽس) جي ويڪسينيشن ڪارڊز لاءِ بائيو ميٽرڪ تصديق ايپ جي "ايم بي وي ايس" سيڪشن ذريعي گهر ويٺي مڪمل ڪري سگهن ٿا جنهن کان پوءِ تجويز ڪيل ويڪسين لڳرائي نادرا جي نمز (اين آءِ ايم ايس) پورٽل تان ويڪسينيشن ڪارڊ ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو ايپ جي استعمال جو طريقو واضح ڪندي هن بڌايو ته فيملي ڊجيٽل آءِ ڊي لاءِ هوم اسڪرين سان فيملي ميمبرز ڊجيٽل آءِ ڊي ۾ وڃي گهربل ماڻهو جو نالو "اپلاءِ فار ڊجيٽل آءِ ڊي" چونڊ ڪيو دستاويزن جي تصديق "اسڪين ڪيو آر ڪوڊ" ۽ ويڪسينيشن توثيق ايم بي وي ايس سيڪشن سان گهربل ڪيٽيگري جي چونڊ ڪري فيس جي ادائگي ذريعي مڪمل ڪري سگهجي ٿي. هن واضح ڪيو ته عوامي تجويزن جي روشني ۾ پاڪ آءِ ڊي سروسز کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ جو عمل جاري رهندو

بقايا 15 روزاني عبرت

منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن کي ريبيز جي پکڙجڻ، ڪتن جي چڪ کان بچاءُ، فوري طبي امداد ۽ بروقت علاج بابت آگاهي ڏني وئي صحت کاتي جي ماهرن بڌايو ته ريبيز هڪ قابل روڪ وائرل بيماري آهي، جيڪا مرڪزي اعصابي نظام کي متاثر ڪري ٿي ۽ عام طور متاثر ٿيل جانورن خاص طور تي آواره ڪتن جي چڪ يا چنبي ذريعي انسانن تائين منتقل ٿيندي آهي هنن چيو ته ريبيز جون علامتون ظاهر ٿيڻ کان پوءِ بيماري تقريباً هميشه موتمار ثابت ٿيندي آهي، تنهن هوندي به بروقت طبي علاج سان ان کان مڪمل طور بچي سگهجي ٿو سيشن دوران آواره ۽ اڻڄاتل ڪتن کان محفوظ رهڻ بابت به آگاهي ڏني وئي شرڪت ڪندڙن کي هدايت ڪئي وئي ته اڻڄاتل ڪتن جي ويجهو اوچتو ڊوڙڻ يا رڙيون ڪرڻ کان پاسو ڪن سمهندڙ يا کاڌو کائيندڙ جانورن کي نه ڇيڙين ۽ جيڪڏهن ڪو ڪتو جارحاڻي انداز ۾ ويجهو اچي ته پرسڪون رهندي هڪ هنڌ بيهي رهن ماهرن ڪتي جي چڪ يا چنبي جي صورت ۾ فوري بهترين طبي امداد جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته زخم کي صابڻ ۽ وهندڙ پاڻي سان گهٽ ۾ گهٽ 15 منٽن تائين چڱيءَ طرح ڌوئڻ انتهائي اهم قدم آهي شرڪت ڪندڙن کي مرچ پائوڊر، راک، چونو يا سخت ٽورنڪيٽ لڳائڻ جهڙن نقصانڪار روايتي طريقن کان به پاسو ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي.شرڪت ڪندڙن کي پوسٽ ايڪسپوزر پروفيليڪسس (PEP) بابت بڌايو ويو ته ڪنهن به مشڪوڪ جانور جي چڪ يا چنبي جي صورت ۾ فوري طور ويجهي سرڪاري اسپتال يا مقرر ڪيل اينٽي ريبيز سينٽر سان رابطو ڪيو وڃي ضرورت مطابق اينٽي ريبيز ويڪسين (ARV) جو مڪمل تجويز ڪيل ڪورس ۽ ريبيز اميونوگلوبولين (RIG) پڻ ڏنو ويندو آهي سيشن ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته جانور جي چڪ کان پوءِ بروقت ۽ مناسب طبي قدم کڻڻ سان ريبيز جهڙي موتمار بيماري کان بچي سگهجي ٿو

بقايا 16 روزاني عبرت

واقعي دوران ڦورن جي فائرنگ ۾ 20 سالن جو آن لائن بائيڪ رائيڊر قتل ٿي ويو واقعي جو ڪيس مقتول جي ڀاءُ جي مدعيت ۾ سچل ٿاڻي تي چار اڻڄاتل هٿيارٻند جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي مقتول جي ڀاءُ مطالبو ڪندي چيو آهي ته انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ ڀاءُ جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي فوري گرفتاري ۽ سزا جو مطالبو ڪيو آهي تفصيلن موجب آچر جي رات سچل جي علائقي اسڪيم 33 جمالي پل ڪيجر سوسائٽي جي ويجهو قتل ٿيل 20 سالن جي آن لائن بائيڪ رائيڊر نعيم الله پٽ امان الله جي قتل جو ڪيس سندس ڀاءُ ڪليم الله پاران سچل ٿاڻي تي داخل ڪرايو ويو آهي ڪيس قتل ۽ ڦر جي دفعن تحت داخل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ چار اڻڄاتل هٿيارٻند جوابدارن کي نامزد ڪيو ويو آهي مقتول نعيم الله اختر ڪالوني جو رهواسي هو ۽ اصل ۾ ڪشمور ضلعي سان تعلق رکندو هو ڪليم الله بڌايو ته سندس ڀاءُ ستن ڀينرن ۽ ڀائرن مان پنجين نمبر تي هو هن چيو ته جيتوڻيڪ سندس ڀاءُ موٽرسائيڪل ڦورن جي حوالي ڪري ڇڏي هئي ان باوجود هٿيارٻند جوابدارن کيس گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو مقتول جي ڀاءُ انصاف جي گهر ڪندي قاتلن جي فوري گرفتاري ۽ عبرتناڪ سزا جو مطالبو ڪيو آهي ان دوران پوليس عملدارن بڌايو ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري لاءِ سي سي ٽي وي فوٽيج حاصل ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن ته جلدئي واقعي ۾ ملوث جوابدارن جو سراغ لڳائي انهن کي گرفتار ڪيو وڃي

بقايا 17 روزاني عبرت

سپرنٽينڊنٽس آف پوليس (ڊي ايس پيز) تي ٻڌل 41 رڪني وفد ڪراچي پوليس آفيس جو دورو ڪيو ۽ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي، آزاد خان سان ملاقات ڪئي ڪراچي پوليس آفيس پهچڻ تي ڊي آءِ جي ايڊمنسٽريشن ڪراچي پاران وفد جو استقبال ڪيو ويو ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي وفد کي شهر ۾ امن امان جي صورتحال، ڏوهن جي رجحانن ۽ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ پوليس جي حڪمت عملين بابت آگاهه ڪيو ان سان گڏوگڏ هن ڪين ميگا سٽي کي درپيش مختلف چئلينجن ۽ انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ کنيا ويندڙ قدمن بابت پڻ آگاهي ڏني تربيت وٺندڙ آفيسرن سان پنهنجا پيشه ورانه تجربا ۽ خيال ونڊيندي، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي عوامي تحفظ، امن امان جي قيام ۽ پوليسنگ ۾ پيشه ورانه صلاحيتن کي وڌائڻ جي اهميت تي زور ڏنو ملاقات جو اختتام يادگار شيلڊز جي ڏي وٺ سان ٿيو

بقايا 18 روزاني عبرت

۽ بلدياتي رپورٽرن جڏهن ته ڪراچي پريس ڪلب جي عهديدارن جي مان ۾ سانجهاندو ڏنو ويو تقريب دوران آباد جي چيئرمين پنهنجي ٻن سالن جي ڪارڪردگي ۽ تعميراتي ۽ هائوسنگ شعبي لاءِ کنيل قدمن بابت ميڊيا کي آگاهه ڪيو آباد جي چيئرمين چيو ته آباد جون سموريون ڪاميابيون ميڊيا جي ڀرپور سهڪار سان ئي حاصل ٿيون آهن ان موقعي تي آباد جو اڳوڻو چيئرمين محسن شيخاڻي، محمد حنيف گوهر آباد جو سينيئر وائيس چيئرمين سيد افضل حميد، وائيس چيئرمين طارق عزيز چيئرمين سدرن ريجن احمد اويس ٿانوي، ڪراچي پريس ڪلب جو سيڪريٽري اسلم خان، سيڄ جو صدر راجا ڪامران لگرا جو سيڪريٽري جنرل محمد علي حفيظ ۽ ٻين صحافين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. آباد جي چيئرمين بڌايو ته آباد جي مسلسل ڪوشش جي نتيجي ۾ تعميراتي شعبي تي لاڳو وفاقي ايڪسائيز ڊيوٽي ختم ڪرائڻ سميت ڪيترن ئي اهم معاملن تي اڳڀرائي ٿي سندس چوڻ هو ته وزيراعظم جي هائوسنگ اينڊ ڪنسٽرڪشن ٽاسڪ فورس جي ٻيهر جوڙجڪ ۾ پڻ آباد پنهنجو ڪردار ادا ڪيو جڏهن ته تعميراتي منصوبن جا ڪمپليشن سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ بابت مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ نيسپاڪ ذريعي قدم کنيا ويا هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جي هدايت تي قائم صوبائي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي ۽ بعد ۾ ڪمشنر ڪراچي جي سربراهي ۾ قائم ڪميٽي ذريعي پڻ تعميراتي شعبي سان لاڳاپيل مختلف معاملن تي ڪم ڪيو ويو چيئرمين آباد موجب آباد جي مطالبي تي ڀڄا خورن وسيع الله لاکو ۽ جميل چانڳا جا ريڊ وارنٽ جاري ڪرايا ويا. هن چيو ته پاڪستاني رهواسين کي پڻ روشن ڊجيٽل اڪائونٽ کولڻ جي سهولت فراهم ڪرائي وئي چيئرمين آباد بڌايو ته ميڊيا جي ڀرپور سهڪار سان آباد وفاقي ايڪسائيز ڊيوٽي ختم ڪرائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي.

بقايا 19 روزاني عبرت

ڪارڪردگي ۽ اڳڀرائي بابت اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن ۾ قومي اسيمبلي جي ميمبر نبيل گبول، ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب، ايڊيشنل چيف سيڪريٽري مڪاني ڪاتو وسيم شمشاد، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي پرسنل سيڪريٽري جنيد احمد جيدي، سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن يوسف بلوچ ۽ شازيه ڪريم سنگهار پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي سائوٿ جي صدر جاويد ناگوري، ٽائون چيئرمين ۽ لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ لياري ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ جي جاري ترقياتي ڪمن، پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪال جي نظام، غير قانوني اڏاوتن، پاڻي ۽ سيوريج جي غير قانوني ڪنيڪشن سميت پروجيڪٽ جي رفتار ۾ رڪاوٽن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس کي خطاب ڪندي سيد ناصر حسين شاهه چيو ته لياري ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ جو پهريون مرحلو آگسٽ 2027ع تائين مڪمل ڪيو ويندو ان لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن کي گڏيل حڪمت عملي ۽ باهمي مشاورت سان ڪم جي رفتار تيز ڪرڻي پوندي. هن هدايت ڪئي ته پروجيڪٽ جي راهه ۾ ايندڙ سمورين رڪاوٽن کي فوري طور ختم ڪيو وڃي ۽ ترقياتي ڪمن ۾ سست رفتاري جو سبب بڻجندڙ معاملن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو وڃي. هن چيو ته لياري ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ سيوريج جي غير قانوني ڪنيڪشن بابت لاڳاپيل ادارن سان گڏيل حڪمت عملي جوڙي وڃي، جڏهن ته غير قانوني اڏاوتن ۽ غير قانوني ڪنيڪشن جي سختي سان روڪٿام کي يقيني بڻايو وڃي سيد ناصر حسين شاهه چيو ته لياري ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ چيئرمين پاڪستان پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي خاص هدايت تي شروع ڪيو ويو آهي ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري لياري کي هڪ مثالي علائقو ڏسڻ چاهي ٿو هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن موجب لياري کي سنڌ جو رول ماڊل ٽائون بڻائڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا ويندا اجلاس دوران قومي اسيمبلي جي ميمبر نبيل گبول ۽ ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب پروجيڪٽ بابت پنهنجا خدشا، تجويزون ۽ مسئلا اجلاس آڏو رکيا.

بقايا 20 روزاني عبرت

جو بنياد آهي، تصديق ٿيل ۽ وقت سر جاڻ تائين پهچ هر شهري جو بنيادي جمهوري حق آهي پاڪستان جو آئين شهرين کي عوامي اهميت جي سمورن معاملن ۾ جاڻ تائين پهچ جو حق ڏئي ٿو انهن خيالن جو اظهار هن جاڻ تائين پهچ جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو هن چيو ته شفاف طرز حڪمراني ۽ عوامي اعتماد کي هٿي ڏيڻ لاءِ جاڻ تائين وقت سر پهچ ضروري آهي پارلياماني قانونسازي ۽ اثرائتي نگراني ذريعي جاڻ تائين پهچ جي حق جي تحفظ لاءِ پرعزم آهيون. درست جاڻ باخبر فيصلا ڪرڻ ۽ ادارن کي جوابده بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي آهي. ڊجيٽل ٽيڪنالاجي جاڻ تائين پهچ کي اڳ کان وڌيڪ آسان بڻائي ڇڏيو آهي هن چيو ته ڪوڙي، گمراهه ڪندڙ ۽ غير تصديق ٿيل جاڻ جي پکيڙ هڪ وڏو چئلينج بڻجي ويو آهي. تصديق ٿيل جاڻ جي وقت سر فراهمي گمراهه ڪندڙ جاڻ جي ازالي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي آهي هن چيو ته فيڪ نيوز جي ازالي لاءِ ادارن، ميڊيا ۽ عوام کي گڏيل ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. جاڻ تائين پهچ عوام ۽ حڪومت وچ ۾ اعتماد کي مضبوط بڻائڻ جو اثرائتو ذريعو آهي سردار اياز صادق چيو ته تصديق ٿيل جاڻ جي فراهمي جمهوري عمل، شفاف حڪمراني ۽ اثرائتي عوامي شموليت لاءِ ضروري آهي

بقايا 21 روزاني عبرت

ڳالهين لاءِ تيار آهي پر عدالتن مان سزا مليل شخص جي آزادي تي ڪا به ڳالهه نه ٿيندي، سهيل آفريدي جي حڪومت مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪي آهي. سندس پارٽي کي عوامي حمايت حاصل ناهي پشاور پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي هن پي ٽي آءِ ۽ وڏي وزير تي تنقيد ڪندي چيو ته سهيل آفريدي ۽ سندس پارٽي کي عوامي حمايت حاصل ناهي. هن وڏي وزير تي ڪرپشن ۽ عوام کي گمراهه ڪرڻ جا الزام لڳائيندي چيو ته سهيل آفريدي صوبي ۾ ڪرپشن جي بازار گرم ڪري رکي آهي ۽ تمام جلد قانون جي پڪڙ ۾ هوندو. وفاقي وزير چيو ته هو ڳالهين جي لاءِ تيار آهي تنهن هوندي به چٽن لفظن ۾ واضح ڪيو ته پي ٽي آءِ باني جي آزادي تي ڪا به ڳالهه ٻولهه نه ٿيندي هو سزا يافته آهي، سزا عدالتن مان ملي اٿس ۽ آزادي اسان جي وس ۾ ناهي

بقايا 22 روزاني عبرت

گذريل اڍائي ٽن سالن دوران ٿيندڙ دهشتگردي جي ڪاررواين ۽ حملو ڪندڙن ۾ 70 سيڪڙو افغان شهري ملوث آهن. جڏهن ته ڊي آءِ خان چيڪ پوسٽ حملي ۾ ملوث دهشتگردن جا نشان ڪابل سان مليا آهن ڪي پي ڪي حڪومت جو دهشتگردن ۽ افغانستان جي حوالي سان نرم رويو سهولتڪاري ۽ مجرماڻي ڪوتاهي ملڪ کي دهشتگردي جي باهه ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي هو سومر ڏينهن سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطاءالله تارڙ سان پي ٽي وي هيڊڪوارٽرز ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو هو سينيٽر طلال چوڌري بڌايو ته ڊي آءِ خان چيڪ پوسٽ حملي ۾ سيڪيورٽي اهلڪارن سميت معصوم شهرين، عورتن ٻارن ۽ غير هٿيار ريسڪيو اهلڪارن کي شهيد ڪيو ويو مارجي ويل دهشتگرد جو نادرا ۾ ڪو به رڪارڊ موجود ناهي. جڏهن ته اوپن سورس انٽيليجنس ذريعي تصديق ٿي آهي ته ان جي تصوير ڪابل جي هڪ چوڪ جي آهي. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته اهي پراڪسيز اوپر سرحد تان فنڊ ۽ اولهه سرحد جي محفوظ پناهه گاهن مان آپريٽ ٿي رهيا آهن مملڪتي وزير چيو ته پاڪستان ٻه طرفي سطح، عالمي فورمن ڊونرز ۽ ڳالهين ذريعي ڪيترائي ڀيرا ڪابل انتظاميه کي سمجهايو پر افغان عارضي حڪومت پنهنجي ڌرتي تان پاڪستان خلاف استعمال نه روڪي سگهي. معصوم شهرين ۽ ريسڪيو اهلڪارن تي حملا ڊالرن جي عيوض ڪيل کليل دهشتگردي آهن هن ڪي پي ڪي جي وڏي وزير جي ڊي آءِ خان دوري تي سوال اٿاريو ته ايڏي ڏکهي پريس ڪانفرنس ۾ وڏي وزير افغانستان جو نالو وٺي مذمت ڇو نه ڪئي؟ صوبائي قيادت دهشتگردن خلاف آخرڪار ڇو نرم رويو اختيار ڪيو آهي؟ هن چيو ته ڪي پي ڪي جي سياسي قيادت 14 سالن کان سيڪيورٽي فورسز جي پٺ تي بيٺل نه رهي. ڪي پي ڪي حڪومت ٻڌائي ته اين ايف سي تحت ملندڙ 800 ارب رپيا ڪٿي خرچ ٿيا؟ صوبي ۾ سي ٽي ڊي اڄ به ڪرائي جي گهرن ۾ آهي ۽ فورسز وٽ نه بلٽ پروف گاڏيون آهن نه جيڪٽس ۽ نه ئي وري جديد ٽريننگ. جڏهن ته پوليس ايڪٽ ۾ ترميم ذريعي پوليس کان اختيار به کسڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هن چيو ته ڪي پي ڪي قيادت سيڪيورٽي اجلاسن اپيڪس ۽ نيشنل ڪائونٽر ٽيرزازم ميٽنگز ۾ شرڪت نه ٿي ڪري، صرف اين ايف سي فنڊز گهرڻ لاءِ اسلام آباد اچي ٿي. جڏهن صوبائي حڪومت قومي سلامتي جي فورمز کان فرار ٿيڻ جي راهه اختيار ڪندي ۽ دشمن جو نالو وٺڻ کان ڪيٻائيندي ته دهشتگردي خلاف جنگ ڪيئن کٽي سگهندي؟ صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي هن واضح ڪيو ته اسلام آباد جي 325 رستن مان ڪو به بند ناهي ڪيو ويو شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ ۽ عدالتي حڪمن تحت ڪنٽينرز سميت احتياطي انتظام ڪيا ويا آهن جن کي ضرورت پوڻ تي استعمال ڪيو ويندو جڏهن ته سامان وارا ڪنٽينر روڪڻ جي به شڪايت ناهي ملي هڪ ٻئي سوال تي هن چيو ته فرانزڪ ليبن سيف سٽيز ۽ جديد اوزارن کان سواءِ امن قائم نه ٿو ٿي سگهي پر ڪي پي ڪي جي اڌ کان وڌيڪ ضلعن ۾ اڄ به سي ٽي ڊي موجود ناهي دهشتگردي سبب شديد متاثر پشاور ۾ رڳو 25 ڪيمرائون هيون پهريون سيف سٽي پروجيڪٽ هاڻي مڪمل ٿيڻ جي ويجهو آهي پنجاب مان سي ٽي ڊي ۽ سيف سٽيز ناهي دهشتگردي جو خاتمو ڪيو جڏهن ته ڪي پي حڪومت 14 سالن ۾ ادارو قائم ناهي ڪيو هن چيو ته هو جلد سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير سان گڏ نيشنل ايڪشن پلان جي 14 نقطن تي وفاق ۽ صوبن جي ڪارڪردگي تي تفصيلي بريفنگ ڏيندو

بقايا 23 روزاني عبرت

گڏيل دلچسپي جي معاملن علائقائي سلامتي جي صورتحال ۽ افغانستان ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته فيلڊ مارشل عاصم منير افغانستان ۾ ڊگهي تڪرار دوران پاڪستان کي پيش آيل چئلينجن تي روشني وڌي هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته تڪرار جي اسٽريٽجڪ سفارتي ۽ عملي رخن جو جائزو وٺندي علائقائي تناظر ۽ پاڪستان جي تجربن کي به نظر ۾ رکڻ ضروري آهي بيان موجب، آمريڪي وفد افغانستان جي تڪرار دوران پاڪستان جي ڊگهي مدي واري ڪردار ۽ قربانين جو اعتراف ڪيو ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جي مسلسل ڪوششن کي ساراهيو

بقايا 24 روزاني عبرت

ليگ (ن) آزاد ڪشمير جي اطلاعات سيڪريٽري ۽ وزيراعظم بئريسٽر سيد افتخار گيلاني جي سوشل ميڊيا پوسٽ مطابق مسلم ليگ (ن) 12 آڪٽوبر تي ٿيندڙ ڪشمير ڪائونسل جي 4 ميمبرن جي چونڊن لاءِ پونچ ڊويزن مان راجا مشتاق منهاس، ميرپور ڊويزن مان چوڌري سعيد ۽ مظفر آباد ڊويزن مان چوڌري منظور کي اميدوار نامزد ڪيو آهي وزيراعظم افتخار گيلاني نامزد اميدوارن کي مبارڪون ڏنيون آهن

بقايا 25 روزاني عبرت

صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ورلڊ ريبيز ڊي جي موقعي تي چيو آهي ته ريبيز کان بچاءُ جي لاءِ سنڌ حڪومت سمورا وسيلا ڪتب آڻي رهي آهي عوام ڪتي جي چڪ يا زخم کي ڪنهن به صورت ۾ معمولي نه سمجهن ۽ ترت ويڪسين ڪرائڻ هڪ بيان ۾ هن چيو ته سنڌ حڪومت سڄي صوبي ۾ ريبيز جي ڪنٽرول لاءِ جامع حڪمت عملي ترتيب ڏني آهي، صوبي جي سرڪاري اسپتالن رورل هيلٿ سينٽرز ۾ اينٽي ريبيز ويڪسين جي فراهمي يقيني بڻائي وئي آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت ريبيز جي ڦهلاءُ کي روڪڻ جي لاءِ جديد طريقن تي عمل ڪري رهي آهي. ڪتي يا ڪنهن به ريبيز متاثر جانور جي چڪ پائڻ جي صورت ۾ عوام ڪوتاهي کان ڪم وٺڻ کان پاسو ڪري. سندس چوڻ هو ته سنڌ حڪومت، طبي ماهرن ۽ عوام جي سهڪار سان صوبي کي ريبيز کان پاڪ ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي

بقايا 26 روزاني عبرت

اولهندي ڪناري ۾ يهودي آبادڪارن فلسطينين جي گهرن تي حملا جاري رکيا آهن ۽ سندن نجي ملڪيتن کي نقصان پهچايو ۽ ڀڃ ڊاهه ڪئي پرڏيهي ميڊيا مطابق يهودي آبادڪارن گذريل شام رامالا جي علائقي طيبه نالي ڳوٺ ۾ پرتشدد ڪارروائيون ڪيون اهو ڳوٺ رامالا جي اوڀر ۾ واقع آهي جتي يهودي آبادڪارن حملا ڪري فلسطينين جي گهرن جا دروازا دريون ڀڃي ڇڏيون يهودي حملو ڪندڙن ان موقعي تي بنيادي استعمال جي شين کي پڻ نقصان پهچايو پاڻي ۽ بجلي جا ڪنيڪشن ڪٽي ڇڏيا ۽ گهرن مان قيمتي سامان ۽ روڪ رقم چورائي ياد رهي ته طيبه نالي فلسطيني ڳوٺ ۾ اها هن وقت جي ڏاڍي ڪارروائي آهي. فلسطيني شهرين جو چوڻ آهي ته اهڙي طرح جي بار بار ڪيل پرتشدد واقعن کان پوءِ مقامي ماڻهن کي لڏپلاڻ تي مجبور ڪيو ويندو آهي يهودي آبادڪارن جي مسلسل پرتشدد حملن سبب فلسطينين جون حياتيون محفوظ ناهن ۽ نه ئي مال ۽ نه ئي ملڪيتون ايتري تائين جو سندن گاڏين ۽ فصلن کي به يهودي آبادڪار تباهه ڪري يا باهيون ڏئي ڇڏين ٿا

بقايا 27 روزاني عبرت

ڪائونسل جي چيئرمين انٽرنيشنل تعظيم حرمين شريفين ڪائونسل جي سيڪريٽري جنرل ۽ ڪوآرڊينيٽر قومي پيغام امن ڪميٽي حڪومت پاڪستان حافظ محمد طاهر محمود اشرفي چيو آهي ته عملي دهشتگردي کان وڌيڪ فڪري دهشتگردي خطرناڪ آهي ۽ ان جي ازالي لاءِ عالمن، مشائخن، يونيورسٽين، مدرسن، مذهبي قوتن ۽ حڪومتن کي گڏيل طور تي هنگامي بنيادن تي موثر قدم کڻڻا پوندا. جامع اسلاميه مدينه منوره ۾ رکيل عالمي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي هن چيو ته مسلمان نوجوانن کي اسلام ۽ جهاد جي نالي تي گمراهه ڪندڙ ڌرين مسلم دنيا کي وڏو نقصان پهچايو آهي نوجوان نسل کي ان گمراهه ڪندڙ فڪر کان محفوظ رکڻ ضروري ۽ انتها پسند ۽ دهشتگرد گروهن جي نظرين مقصدن ۽ طرز عمل کي عملي ۽ فڪري انداز ۾ بي نقاب ڪيو وڃي. حافظ محمد طاهر محمود اشرفي چيو ته اسان گذريل پنجيتاليهه سالن کان جنگ جي حالت ۾ آهيون ۽ 1990ع کان وٺي اڄ تائين هڪ لک پاڪستاني دهشتگردي جو نشانو بڻجي چڪا آهن اسان کي انهن سڀني قوتن جو رستو روڪڻو پوندو جيڪي مذهب، اسلام ۽ جهاد جي نالي تي نوجوانن کي گمراهه ڪن ٿيون. توڙي جو اهي طالبان القاعده، داعش يا خوارج جي نالي سان ڇو نه هجن انهن جي فڪرن کي بنا ڪنهن خوف دٻاءُ مصلحت جي ماڻهن خاص ڪري نوجوان نسل آڏو رکڻو پوندو هن چيو ته اسلام امن اعتدال انصاف ۽ انساني وقار جو مذهب آهي دهشتگردي انتهاپسندي ۽ بيگناهه ماڻهن جي قتل جو اسلامي تعليمات سان ڪو به تعلق ناهي

بقايا 28 روزاني عبرت

عدالت ستن جوابدارن کي ثبوت نه هجڻ جي بنياد تي بري ڪري ڇڏيو بري ٿيندڙن ۾ اڳوڻو ايس ايڇ او امان الله مروت، شعيب عرف شوٽر، گدا حسين، صداقت حسين، رياض احمد، راجا شميم ۽ محسن عباس شامل آهن عدالت جي تفصيلي فيصلي موجب استغاثه موجوده ستن جوابدارن خلاف سڌي اکين ڏٺي شاهدي پيش ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو جڏهن ته شاهدن عدالت ۾ موجود جوابدارن کي اغوا ڪندڙن طور سڃاڻپ نه ڪئي تفصيلي فيصلي موجب ٻنهي شاهدن تاوان جي رقم طلب ڪرڻ يا ادا ڪرڻ بابت پڻ ڪو ذڪر نه ڪيو عدالت چيو ته جاچ آفيسر آڏو جوابدارن جا مبينا اعترافي بيان قابل اعتماد قانوني شاهدي نٿا بڻجي سگهن ڇاڪاڻ ته قانون موجب پوليس آفيسر آڏو ڪيل اعتراف جرم قابل قبول شاهدي ناهي عدالت موجب جوابدارن خلاف ڪا سڌي اکين ڏٺي شاهدي موجود نه آهي ۽ استغاثه الزام شڪ کان مٿانهون ثابت ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي شڪ جو فائدو جوابدارن کي ڏنو ويندو آهي. جڏهن ته استغاثه جي اهم شاهدن جي شاهدي جوابدارن کي ڏوهن سان ڳنڍڻ لاءِ ڪافي نه هئي فيصلي موجب موجوده جوابدارن خلاف اڳوڻو ڏهاڙي رڪارڊ پڻ عدالت ۾ پيش نه ڪيو ويو نقيب الله محسود قتل ڪيس ۾ اڳوڻي ايس ايس پي ملير رائو انوار سميت 18 پوليس آفيسر ۽ اهلڪار اڳ ئي بري ٿي چڪا آهن تازين ستن برين ڪانپوءِ ڪيس ۾ نامزد سمورا 25 جوابدار عدالت مان بري ٿي چڪا آهن

بقايا 29 روزاني عبرت

هائوس اسلام آباد ۾ سينيٽر ضمير حسين گهمرو جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ 18هين آئيني ترميم تحت صوبن ڏانهن شعبن جي منتقلي، صوبائي ۽ گڏيل مفادن واري ڪائونسل (CCI) جي معاملن سان لاڳاپيل وفاقي ادارن جي موجوده صورتحال ۽ لاڳاپيل معاملن تي عملدرآمد رپورٽن جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ سينيٽر جان محمد بليدي، سينيٽر پونجو ڀيل ۽ اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطا الله تارڙ لاڳاپيل وزارتن، ڊويزن، شعبن ۽ ادارن جي سينيئر عملدارن سان گڏ شريڪ ٿيا ذيلي ڪميٽي گڏيل مفادن واري ڪائونسل (CCI) جي مستقل سيڪريٽريٽ پاران 17 آگسٽ ۽ 8 سيپٽمبر 2026ع تي ٿيل اجلاسن جي منٽس جي روشني ۾ جمع ڪرايل عملدرآمد رپورٽ ۽ ذيلي ڪميٽي جي هدايتن تي ڪئبينٽ ڊويزن پاران پيش ڪيل تفصيلي رپورٽ جو جائزو ورتو ان کان علاوه، ڪميٽي اسٽيبلشمينٽ ڊويزن جي عملدرآمد رپورٽ ۽ آڊيٽر جنرل آف پاڪستان/ڪنٽرولر جنرل آف اڪائونٽس پاران 2011ع کان وٺي صوبائي ۽ سي سي آءِ جي معاملن سان لاڳاپيل وفاقي حڪومت پاران برقرار رکيل وزارتن، براهِ راست شعبي جاتي پروگرامن، ادارن، آئيني ادارن، ڪارپوريشن ۽ ڪمپنين جي آڊٽ ٿيل اخراجات جي تفصيلن تي پڻ غور ڪيو ذيلي ڪميٽي ان ڳالهه تي زور ڏنو ته 18هين آئيني ترميم جو اهم مقصد اختيارن جي منتقلي واري آئيني ڍانچي کي مضبوط ڪرڻ ۽ وفاق توڙي صوبن جي ذميوارين کي واضح طور تي متعين ڪرڻ هو ڪميٽي مشاهدو ڪيو ته صوبن جي دائري اختيار ۾ ايندڙ معاملن کي آئين ۽ 18هين ترميم ڪانپوءِ جاري ڪيل لاڳاپيل نوٽيفڪيشن مطابق حل ڪيو وڃي وڌيڪ بريفنگ دوران ڪئبينٽ سيڪريٽري ڪميٽي کي بڌايو ته ان معاملي تي هڪ نوٽ اڳ ئي وزيراعظم ڏانهن معلومات لاءِ موڪليو ويو آهي ڪميٽي کي آگاهه ڪيو ويو ته سي سي آءِ جي اجلاسن جي اهم فورم مان آهي ۽ پنهنجي دائرا اختيار ۾ ايندڙ معاملن ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو عملدارن بڌايو ته لاڳاپيل تجويزون پڻ وزيراعظم ڏانهن موڪليون ويون آهن ڪميٽي وفاقي ادارن ۽ پوليسنگ سان لاڳاپيل بالادستي جي معاملي جو پڻ جائزو ورتو عملدارن وضاحت ڪئي ته پوليسنگ بنيادي طور تي صوبائي موضوع آهي جڏهن ته ڪجهه وفاقي ادارا پنهنجي مقرر ڪيل جڳهن تي ڪم جاري رکي رهيا آهن ڪميٽي مشاهدو ڪيو ته موجوده آئيني ۽ قانوني ڍانچي جو جائزو ورتو وڃي تاڪ يقيني بڻائي سگهجي ته اهي ڪم آئيني منتقلي واري رٿابنديءَ مطابق ٿي رهيا آهن ذيلي ڪميٽي اطلاعات ۽ نشريات ڊويزن جي رپورٽ جو پڻ معائنو ڪيو جنهن ۾ آئين جي آرٽيڪل 159 تحت صوبن کي براڊڪاسٽنگ ۽ ٽيلي ڪاسٽنگ جي ذميواري سونپڻ ۽ گڏيل قانون سازي واري لسٽ (Concurrent Legislative List) مان پرنٽ ميڊيا جي معاملي کي ختم ڪرڻ ڪانپوءِ صوبن ڏانهن منتقلي شامل هئي. بحث دوران عملدارن ڪميٽي کي فلمن سينما ۽ پرنٽ ميڊيا بابت موجوده انتظامن تي بريفنگ ڏني ڪميٽي مشاهدو ڪيو ته وفاق ۽ صوبن وچ ۾ قانون سازي ۽ انتظامي ذميوارين جي تقسيم کي واضح طور تعريف ڪيو وڃي.

بقايا 30 روزاني عبرت

ڏک ۽ افسوس ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو آهي سومر ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر ان افسوسناڪ موقعي تي ڊاڪٽر مهاتير محمد، سندس گهروارين ۽ ملائيشيا جي عوام سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو آهي صدر زرداري چيو ته ڊاڪٽر حسم جي طب، عوامي صحت ۽ سماجي ڀلائي جي شعبن ۾ ڊگهي مدي وارين خدمتن کي احترام سان ياد رکيو ويندو هن الله تعاليٰ کان دعا ڪئي ته مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ ڊاڪٽر مهاتير محمد ۽ سوگوار خاندان کي ان ناقابل تلافي نقصان کي برداشت ڪرڻ جي همت ۽ صبر عطا فرمائي

بقايا 31 روزاني عبرت

اختيارين کان رپورٽ طلب ڪري ورتي گورنر هائوس پشاور جي ترجمان مطابق فيصل ڪريم ڪنڊي ڊانڪ جي وزيرآباد ۾ ٽريفڪ پوليس جي گاڏي تي دهشتگردن جي حملي ۾ 3 اهلڪارن جي شهادت تي تعزيت جو اظهار ڪندي سندن گهروارن ۽ ساٿين سان همدردي جو اظهار ڪيو آهي. هن زخمين کي هر ممڪن طبي امداد جي فراهمي يقيني بڻائڻ جون هدايتون جاري ڪندي انهن جي جلد صحتيابي جي دعا ڪئي

بقايا 32 روزاني عبرت

سبب مبينه ڦورو مارجي ويو پوليس گارڊ کي حراست ۾ وٺي سندس هٿيار پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي تفصيلن موجب سولجر بازار ٿاڻي جي حد سولجر بازار نمبر 3 جي نشتر روڊ تي واقع "ياسين ڪباب هائوس" جي ٻاهران فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ شخص جي موت واقع ٿيو سندس لاش کي ڇيپا ايمبولينس ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو شروعات ۾ سوڊا شاپ تي ڪم ڪندڙ هڪ ملازم فهيم پوليس ۽ ميڊيا کي بڌايو ته مقتول 23 سالن جو عاصم هو جيڪو لائينز ايريا جو رهواسي ۽ اصل ۾ سکر جو رهواسي هو هن بڌايو ته موٽرسائيڪل تي سوار ٻه ڦورو آيا ۽ جهيڙي دوران عاصم جي سيني ۾ سڌي گولي هڻي کيس قتل ڪري فرار ٿي ويا. جڏهن ته رابطو ڪرڻ تي سولجر بازار جي ايس ايڇ او ۽ ميڊيا کي بڌايو ته عاصم جي موت سيڪيورٽي گارڊ جي هٿيار مان حادثاتي طور تي گولي هلڻ سبب ٿي هئي، ان ڪانپوءِ گارڊ کي حراست ۾ ورتو ويو ۽ سندس هٿيار ضبط ڪيو ويو.

بقايا 33 روزاني عبرت

اي جي عهديدارن ٽوڙي اسٽينڊنگ ڪميٽي جي ميمبرن سان ملاقات ڪئي هن سان گڏ پي آءِ ڊي (PID) سنڌ جي ڊائريڪٽر جنرل ارم تنوير پڻ موجود هيون ملاقات دوران اهم معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي، جن ۾ ملڪي سطح تي اخبارن جي صنعت کي درپيش چئلينجن اخبارن جي رجسٽريشن اي بي سي سرٽيفڪيشن سرڪاري اشتهار ۽ بقايا ادائگيون شامل هيون ان موقعي تي سي پي اين اي اخبارن جي صنعت کي درپيش مسئلن کي اجاگر ڪندي بڌايو ته سڄي ملڪ ۾ اخبارن ۽ رسالن کي رجسٽريشن جي عمل ۾ مشڪلاتن ۽ غير معمولي دير کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. جنهن جا ڪيترن ئي ادارن تي ناڪاري اثر پئجي رهيا آهن. سي پي اين اي جي عهديدارن سيڪريٽريٽ پهچڻ تي پي آءِ او رئيسه عادل جو استقبال ڪيو هن نئين سيڪريٽريٽ کي جديد سهولتن سان آراسته ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪندي چيو ته ان کي هڪ جديد ترين تربيتي پيشه ورانه مرڪز طور ترقي ڏني ويندي، جتي سي پي اين اي جي ميمبرن ۽ صحافتي تنظيمن جي نمائندن لاءِ تربيتي پروگرام ۽ ٻيون پيشه ورانه سرگرميون منعقد ڪري سگهجن. سي پي اين اي جي نمائندن پريس انفارميشن ڊپارٽمينٽ (پي آءِ ڊي) طرفان 2019 کان التوا ۾ پيل بقايا ادائگين جي فوري حل جو مسئلو پڻ اٿاريو ۽ زور ڏنو ته انهن بقايا رقم جي ادائگي اخبارن جي ادارن جي مالي استحڪام لاءِ انتهائي ضروري آهي اي بي سي (ABC) بابت پي آءِ او محترمه رئيسه عادل وضاحت ڪئي ته جيتوڻيڪ لاڳاپيل آفيسر جي غير موجودگيءَ سبب ڪجهه معاملن تي اثر پيو آهي پر آفيسر جي مقرري بابت اڳڀرائي ٿيندي آهي. هن بڌايو ته اي بي سي ۽ رجسٽريشن سسٽم کي ضم ڪرڻ (انٽيگريشن) جو معاملو غور هيٺ آهي ۽ ان مقصد لاءِ هڪ مؤثر نظام جوڙڻ تي ڪم جاري آهي. اجلاس ۾ سرڪاري اشتهارن جي منصفاڻي ورڇ، خاص طور تي علائقائي اخبارن ۽ رسالن لاءِ مخصوص اشتهارن جي معاملي تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. سي پي اين اي ان پاليسي تي مؤثر عملدرآمد جو مطالبو ڪيو جنهن تحت مقامي نوعيت جا اشتهار لاڳاپيل علائقن جي اخبارن ۾ شايع ٿيڻ گهرجن. پي آءِ او رئيسه عادل يقين ڏياريو ته علائقائي اخبارن جي اشتهارن بابت مسئلن ۽ ٻين معاملن جو جائزو ورتو ويندو ۽ قابل عمل تجويزن بابت لاڳاپيل فورمز سان مشاورت ڪئي ويندي. اجلاس جي پڇاڙي تي پي آءِ او (PIO) رئيسه عادل تقريب جي ميزباني ڪرڻ تي سي پي اين اي (CPNE) جو شڪريو ادا ڪيو جڏهن ته سي پي اين اي اخبارن جي صنعت کي درپيش چئلينجز کي حل ڪرڻ لاءِ وفاقي وزارت اطلاعات ۽ لاڳاپيل ادارن طرفان تعاون جي اميد ظاهر ڪئي. ان موقعي تي سي پي اين اي جا سيڪريٽري جنرل غلام نبي چانڊيو فنانس سيڪريٽري عارف بلوچ، انفارميشن سيڪريٽري منزه سهام، نائب صدر قاضي اسد عابد ۽ انور ساجدي، گڏيل سيڪريٽري (سنڌ) مقصود احمد يوسفي، گڏوگڏ سينيئر ميمبر اعجاز الحق، حامد حسين عابدي، عبدالخالق علي، بشير احمد ميمڻ، عبدالسامي منگريو، شير محمد خاور، محمود عالم خالد ۽ سلمان قريشي موجود هئا.

بقايا 34 روزاني عبرت

سعيد غني جي صدارت هيٺ ايمپلائرز فيڊريشن آف پاڪستان (اي ايف پي) جي عهديدارن جو اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ صنعتي شعبي کي درپيش مسئلن مزدورن جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت، سيسي جي ڪنٽريبيوشن، صنعتن جي انسپيڪشن ۽ موجوده معاشي صورتحال سميت مختلف معاملن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو اجلاس ۾ سيڪريٽري محنت سنڌ ساجد جمال ابڙو، سيڪريٽري ورڪرز ويلفيئر بورڊ سعيد صالح جماڻي، ڪمشنر سيسي هادي بخش ڪلهوڙو، ڊي جي ليبر نذير احمد سومرو ۽ ايمپلائرز فيڊريشن جي وفد ۾ عبدالمجيد عزيز، سيد نذر علي، همايون نظامي، مهناز ڪلودي، محمد يوسف ۽ صدف لطيف شرڪت ڪئي ان کان علاوه نارٿ ڪراچي ايسوسيئيشن جي عمران معيز خان، ڪاٽي جي محمد زبير چايا، سائيٽ انڊسٽريل جي محمد طاهر گوجرا، ايڇ بي ڊي جي سيد حسنين، فيڊرل بي ايريا ايسوسيئيشن جي محمد هارون شمسي، گورنگي بابري سيسي جي ميمبر انجنيئر ايم اي جبار ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن پڻ اجلاس ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 35 روزاني عبرت

رڪروٽمينٽ اينڊ سليڪشن سينٽر پاران پاڪستان نيوي ۾ مستقل ڪميشن ٽرم A-2027 تحت نيوي ڪيڊٽ جي ڀرتي جو شيڊول جاري ڪيو ويو آهي جاري ڪيل پڌرنامي موجب آپريشن ۽ سپلاءِ برانچز لاءِ نيوي ڪيڊٽ جي ڀرتي جي سلسلي ۾ رجسٽريشن جو عمل 13 سيپٽمبر کان 11 آڪٽوبر 2026ع تائين جاري رهندو ٻئي پڌرنامي موجب پاڪستان نيوي جي انجنيئرنگ برانچز ۾ پڻ مستقل ڪميشن ٽرم A-2027 لاءِ نيوي ڪيڊٽ جي ڀرتي جو شيڊول جاري ڪيو ويو آهي جنهن تحت اميدوار 13 سيپٽمبر کان 11 آڪٽوبر 2026ع تائين رجسٽريشن ڪرائي سگهن ٿا

بقايا 36 روزاني عبرت

پاڪستان انفارميشن ڪميشن جي نمائندن جو هڪ اهم اجلاس سنڌ انفارميشن ڪميشن جي آفيس ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ معلومات تائين رسائي وارن قانونن تي اثرائتي عملدرآمد ۽ ٻنهي ڪميشن وچ ۾ گڏيل سهڪار کي وڌيڪ هٿي وٺرائڻ جي مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي اجلاس ۾ چيف ڪمشنر پاڪستان انفارميشن ڪميشن جناب شعيب احمد صديقي، پاڪستان انفارميشن ڪميشن جي ميمبر اعجاز اعوان، سنڌ انفارميشن ڪميشن طرفان ڪمشنر جناب محمد سليم خان ۽ جناب نور محمد دايو شرڪت ڪئي گڏجاڻيءَ ۾ ٻنهي ڌرين ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ته شفافيت ۽ معلومات تائين رسائي وارن قانونن جي اثرائتو عملدرآمد شهرين جي معلومات تائين آسان ۽ بروقت رسائي کي يقيني بڻائڻ سان گڏ ادارتي شفافيت ۽ جوابدهي کي مضبوط ڪرڻ جو بنيادي اهميت رکي ٿو اجلاس ۾ پاڪستان ۾ سمورن انفارميشن ڪميشن جي مشاورت ۽ شموليت سان معلومات تائين رسائي بابت ضابطن کي وڌيڪ اثرائتو ۽ هم آهنگ بڻائڻ وارو معاملو خاص طور تي بحث هيٺ آيو سنڌ انفارميشن ڪميشن تجويز پيش ڪئي ته ملڪ جي ناميارن قانوندانن لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرز ۽ مختلف انفارميشن ڪميشن جي نمائندن تي ٻڌل هڪ رولز ڪميٽي قائم ڪئي وڃي، جيڪا سمورن آر ٽي آءِ ڪميشن وچ ۾ تفصيلي صلاح مشوري ذريعي سڄي ملڪ ۾ ممڪن حد تائين هڪجهڙا، جامع ۽ اثرائتا ضابطا جوڙڻ لاءِ ڪم ڪري

بقايا 37 روزاني عبرت

اڳواڻ ڪرم الله وقاصي چيو آهي ته ڪراچي ۾ شهري سهولتن جي بهتري، اهم شاهراهن جي بحالي ۽ شهر کي درپيش مختلف مسئلن جي حل لاءِ بلديه عظميٰ ڪراچي طرفان قدمن ۾ تيزي آندي وئي آهي هن چيو ته سٽي وارڊنز ڪاٽي طرفان شهر جي مختلف علائقن ۾ منشيات استعمال ڪندڙ ماڻهن خلاف ڪارروائي سان گڏ غير مجاز تارن ۽ اجازت ڪانسواءِ لڳايل اشتهاري مواد خلاف به آپريشن شروع ڪيو ويو آهي ميئر ڪراچي جي ترجمان ڪرم الله وقاصي موجب شهر جي مختلف علائقن، خاص طور تي سائوٿ، نيپئر روڊ، ضلعي وچ ۽ ٻين هنڌن تي ڪارروايون جاري آهن جن دوران منشيات استعمال ڪندڙ ماڻهن ۽ غير قانوني طور لڳايل تارن خلاف قدم کنيا پيا وڃن

بقايا 38 روزاني عبرت

پاڪستان جي مختلف تعليمي ادارن سان تعلق رکندڙ 52 عورت گريجوئيٽس شامل آهن اهڙو قدم او جي ڊي سي جي تنوع، مساوات ۽ شموليت جي عزم توڙي توانائي واري شعبي ۾ عورتن جي شموليت کي وڌائڻ وارين ڪوششن کي ظاهر ڪري ٿو تفصيلن موجب او جي ڊي سي ٽريننگ (آئل اينڊ گئس ٽريننگ انسٽيٽيوٽ – OGTI) ۾ هڪ تقريب منعقد ٿي جنهن ۾ مئنيجمينٽ ٽريني آفيسرن کي باضابطه طور تي جي ۽ ڀليڪار چيو ويو تقريب کي خطاب ڪندي او جي ڊي سي جي ايم ڊي/سي اي او احمد حيات لڪ چيو ته نئين مئنيجمينٽ ٽريني آفيسرن جو خيرمقدم ڪيو ۽ چيو ته ان قدم جو مقصد اداري ۾ عورتن جي نمائندگي کي پائيدار بنيادن تي وڌيڪ فروغ ڏيڻ آهي هن چيو ته: "اسان چاهيون ٿا ته اسان ڪمپنيءَ ۾ وڌيڪ عورتون شامل ٿين تاڪ اسان جو ڪم وارو ماحول وڌيڪ وسيع ۽ جامع بڻجي سگهي" ايم ڊي/سي اي او احمد حيات لڪ جو چوڻ هو ته: "تربيت حاصل ڪندڙ عورتون او جي ڊي سي جي ترقيءَ واري سفر ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ سان گڏ پاڪستان جي توانائيءَ جي سلامتيءَ ۾ مدد لاءِ درڪار مهارتون پڻ حاصل ڪنديون" هن وڌيڪ چيو ته: "اسان جو هدف ايندڙ ٽن سالن اندر پنهنجي پيداوار کي ٻيڻو ڪرڻ آهي.

بقايا 39 روزاني عبرت

داخل ڪيو ويو جڏهن ته دهلي ڪالوني ۾ ڌرين وچ ۾ جهيڙي ڪانپوءِ پرويز دڪاندار مبينا طور پنهنجي ئي دڪان کي باهه ڏئي ڇڏي، جنهن سبب دڪان مڪمل طور سڙي ويو ۽ پرسان برياني جي دڪان کي پڻ جزوي نقصان پهتو. مواچ ڳوٺ ۾ بجلي جي عدم فراهمي خلاف علائقي واسين حب ريور روڊ تي احتجاج ڪندي روڊ ٽريفڪ لاءِ بند ڪري ڇڏيو جنهن دوران مشتعل ماڻهن پيٽرول پمپ تي ڌاڙو هڻي ڀڃ ڊاهه ڪئي واقعي جو ڪيس پيٽرول پمپ جي مئنيجر جي فرياد تي سعيد آباد ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو جنهن ۾ 6 ڄڻن کي نامزد ڪيو ويو آهي. مقدمي جي متن موجب لڳ ڀڳ 250 کان 300 مشتعل ماڻهن جن مان ڪجهه هٿيارٻند پڻ هئا، پيٽرول پمپ تي پهچي ويا ۽ آفيس جي شيشن ۽ ٻين سامان کي نقصان پهچايو

بقايا 40 روزاني عبرت

پاران گذريل هفتي جي ٽارگيٽڊ ڪاررواين دوران الڳ طور 68 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. بوٽ بيسن بينظير پارڪ ويجهو تيز رفتار نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ 25 ورهين جو پيادل نوجوان فوت ٿي ويو گاڏي جو ڊرائيور واقعي ڪانپوءِ فرار ٿي ويو جڏهن ته پوليس لاش کي جناح اسپتال منتقل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. بلديه اتحاد ٽائون جي خيبر چوڪ وٽ ٽن مبينا ڦورن هڪ شهري کي ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي، شهري هڪ مبينا ڦورو کي پڪڙي ورتو جنهن دوران سندس ساٿي فائرنگ ڪئي، گولي سندس ئي ساٿي ثناء الله کي لڳي وئي جڏهن ته شهري پڻ زخمي ٿي پيو. پوليس موجب زخمي ثناء الله مبينا ڦورو آهي ۽ کيس اسپتال ۾ تحويل ۾ رکيو ويو آهي جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿي ويا. سچل ٿاڻي جي حد اسڪيم 33 جلباني چوڪ وٽ پوليس مبينا ڦورن سان مقابلي دوران ٻن جوابدارن شير افضل ۽ شهباز کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب هڪ ساٿي فرار ٿي ويو

Tuesday 29 september 2026

اڱارو 29 سيپٽمبر 2026ع

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

موجوده حالتن ۾ قومي ٻڌيءَ جي ضرورت

صفحو 4

مير اعظم علي ٽالپر

’پئي کٽي پساهه‘

صفحو 4

گڏيل قومن جي هال ۾ امن جو آواز: ٻاهر طاقت جي دنيا ۽ تبديل ٿيندڙ عالمي نظام!

راجا زاهد اختر خانزاد

صفحو 4

مختيار اڻڙ

صفحو 4

اڄوڪو ڏينهن — 29 سيپٽمبر

مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ سوڪ ۽ ووٽر ايجوڪيشن جي عنوان سان آگاهي سيمينار

هڪڙو ووٽ ملڪي مستقبل ۽ ملڪي صورتحال لاءِ ڪيترو قيمتي آهي اها اسان ووٽ ووٽر کي آگاهي ناهي: مقررين

اسان وٽ گهڻو ڪري اهو سمجهيو ويندو آهي ته اليڪشن ۽ ووٽ صرف مردن جي راند آهي، جڏهن ته ائين ناهي

هر ارڙهن سالن واري پاڪستاني شهري کي قومي شناختي ڪارڊ ٺهرائي پنهنجو ووٽ رجسٽر ڪري اليڪشن جي عمل جو حصو ٿيڻ گهرجي

ڄامشورو: هڪڙو ووٽ ملڪي مستقبل ۽ ملڪي صورتحال لاءِ ڪيترو قيمتي آهي اها اسان ووٽ ووٽر کي آگاهي ناهي: مقررين

ڄامشورو(پ ر) اليڪشن ڪميشن ڄامشورو آفيس پاران مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو ۾ سوڪ ۽ ووٽر ايجوڪيشن جي عنوان سان آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو سيمينار کي خطاب ڪندي ريجنل اليڪشن ڪمشنر حيدرآباد اظهر حسين ڪانوري، ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر امير مرزا، رجسٽرار مهراڻ يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر نصرالله پيرزادو، ڊائريڪٽر پلاننگ مهراڻ يونيورسٽي امداد ٻگهيو خطاب ڪيو مقررين مطابق مردن جي ڀيٽ ۾ عورتون اليڪشن دوران گهٽ ووٽ ڪندڙ آهن عورتن جي ووٽ سان ملڪي صورتحال تبديل ٿي سگهي ٿي سيمينار کي مقررن خطاب ڪندي چيو ته هڪڙو ووٽ ملڪي مستقبل ۽ ملڪي صورتحال لاءِ ڪيترو قيمتي آهي اها اسان ووٽ ووٽر کي آگاهي ناهي صنفي تناسب سان ڏسبو ته عورتن جو وڏو انگ ثقافتي ۽ ٻين رڪاوٽن جي ڪري ووٽ نٿيون ڏئي سگهن اسان وٽ گهڻو ڪري سمجهيو ويندو آهي ته الڪشن ۽ ووٽ صرف مردن جي راند آهي جڏهن ته ائين ناهي عورتن کي اڳتي اچي پنهنجا شناختي ڪارڊ ٺهرائي ووٽ جي عمل ۾ حصو وٺڻ گهرجي اليڪشن ڪميشن ووٽ جي عمل ۾ عورتن جو انگ وڌائڻو آهي اهو سبب ڄاڻڻ بعد عورتن جي ووٽ جي عمل ۾ شرڪت وڌائڻ لاءِ آگاهي سيمينار ڪرائڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي عورتن ۽ مردن جي تناسب ۾ ڪافي فرق هو تقريبن هڪ ڪروڙ عورتن جو ملڪ ۾ ووٽ ئي رجسٽر ناهي ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته ڪيتري آبادي ووٽ جو حق استعمال نٿي ڪري نوجوانن، عورتن، ٽرانسجينڊرس کي اليڪشن جي عمل جو حصو بڻائڻ لاءِ ڪوششون ورتيون پيون وڃن مقررن چيو ته هر ارڙهن سالن واري پاڪستاني کي قومي شناختي ڪارڊ ٺهرائي پنهنجو ووٽ رجسٽر ڪري اليڪشن جي عمل جو حصو ٿيڻ گهرجي نوجوان ملڪ جو بنياد آهن ملڪ جو مستقبل انهن جي ووٽ سان طئه ٿيندو جمهوريت جو عمل انهن شهرين جي انتظار ۾ بيهندو ڪونه جيڪي ووٽ جي عمل کان پري آهن نوجوانن کي اڳتي اچي پنهنجي شرڪت وڌائڻ گهرجي ينگ ليڊرس پارليمينٽ جي نمائندي عبدالحفيظ بنگلاڻي پنهنجي تيار ڪيل ڊاڪيومينٽري ڏيکاري

پيپلزپارٽي جي حڪومت سنڌ دشمن ۽ پاڪستان دشمن سوچن خلاف مزاحمت ڪندي: اسفند يار ڪرل

سنڌ کي ورهائڻ جي ڪنهن به ڪوشش خلاف پيپلزپارٽي اصولي موقف سان گڏ بيٺل آهي، سنڌ جي وحدت جي تحفظ ڪنداسين

علائقي ۾ تعليم، صحت ۽ امن امان جي صورتحال کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ويندو: تڪ جي عوام سان گڏ آهيان

پبلڪ هيلٿ، ڊرينيج روڊن، رستن ۽ اسٽريٽ لائيٽن سميت بنيادي سهولتن جي فراهمي وارن ترقياتي ڪمن کي ترجيح ڏني ويندي

سوڀوديرو: سنڌ کي ورهائڻ جي ڪنهن به ڪوشش خلاف پيپلزپارٽي اصولي موقف سان گڏ بيٺل آهي، سنڌ جي وحدت جي تحفظ ڪنداسين

سوڀوديرو(رپورٽ: فقير محمد عباسي) تعلقي سوڀوديرو پي ايس 30 جي ڊاڙو ٿيل صوبائي اسيمبلي جي ضمني چونڊ ۾ ڪاميابي حاصل ڪندڙ پاڪستان پيپلزپارٽي جي چونڊيل ايم پي اي اسفند يار ڪرل چيو آهي ته قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 73هين ورسي جي موقعي تي سندس عوام دوست فلسفي جمهوريت ۽ عوامي حقن واري جدوجهد کي جاري رکيو ويندو جڏهن ته شهيد جمهوريت محترمه بينظير ڀٽو جي قيادت ۽ جدوجهد کي به مشعل راهه بڻائي عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي سنڌ اسيمبلي جي رڪنيت جو حلف کڻڻ کان پوءِ ڪرل هائوس پهچڻ تي مختلف علائقن مان آيل مهمانن پارٽي ڪارڪنن، معززن ۽ عوام سان ملاقات دوران ڳالهائيندي اسفند يار ڪرل چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي ملڪ جو وزيراعظم بڻائڻ لاءِ جدوجهد جاري رکي ويندي ۽ پنهنجي تڪ جي عوام جي خدمت خدا جي خوشنودي خاطر بنا ڪنهن فرق جي ڪئي ويندي هن چيو ته علائقي ۾ تعليم صحت ۽ امن امان جي صورتحال کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ويندو، جڏهن ته پبلڪ هيلٿ، ڊرينيج روڊن رستن ۽ اسٽريٽ لائيٽن سميت بنيادي سهولتن جي فراهمي وارن ترقياتي ڪمن کي ترجيح ڏني ويندي سندس چوڻ هو ته عوام کي درپيش بنيادي مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل ادارن سان رابطا ڪري عملي قدم کنيا ويندا اسفند يار ڪرل وڌيڪ چيو ته سنڌ کي ورهائڻ جي ڪنهن به ڪوشش خلاف پيپلزپارٽي اصولي موقف سان گڏ بيٺل آهي ۽ سنڌ جي وحدت جي تحفظ لاءِ ڀرپور جدوجهد جاري رکي ويندي هن چيو ته پيپلزپارٽي جي حڪومت سنڌ دشمن ۽ پاڪستان دشمن سوچن خلاف مزاحمت ڪندي عوام جي حقن جي حفاظت لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي هن زراعت بابت ڳالهائيندي چيو ته آبادگارن ۽ هارين کي وڌيڪ سهولتون فراهم ڪرڻ سان گڏ زرعي نظام کي جديد ۽ بهتر بڻائڻ جي ضرورت آهي جنهن لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي، جيئن علائقي جا هاري ۽ آبادگار بهتر طريقي سان پنهنجو گذر سفر ڪري سگهن ۽ زراعت کي هٿي ملي سگهي ان موقعي تي ڳمبٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر ايڊووڪيٽ فدا حسين چاچڙ ۽ ٻين اڳواڻن ڪارڪنن معززن سان گڏ ڳمبٽ، کهڙا، سوڀوديرو ۽ رانيپور سميت مختلف علائقن مان آيل ماڻهن اسفند يار ڪرل سان ملاقات ڪري کيس چونڊ ڪاميابي ۽ سنڌ اسيمبلي جي حلف برداري تي مبارڪباد ڏني اسفند يار ڪرل مهمانن ۽ علائقي واسين کي يقين ڏياريو ته تڪ جي عوام لاءِ سندس دروازا هر وقت کليل رهندا هن چيو ته شاگردن سول سوسائٽي صحافين واپارين مختلف سماجي تنظيمن ۽ عوامي اڳواڻن کي پنهنجن مسئلن ۽ تجويزن سان ساڻس بنا ڪنهن هٻڪ جي ملاقات ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته عوام سان رابطي کي هو پنهنجي سياسي ذميواري سمجهي ٿو هن وڌيڪ چيو ته پي ايس 30 جي عوام جي اعتماد کي ترقياتي ۽ عوامي خدمتن جي صورت ۾ موٽائڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي ويندي، جڏهن ته علائقي جي مسئلن جي نشاندهي ڪري انهن جي حل لاءِ هر فورم تي آواز اٿاريو ويندو

هالا ۾ گسٽا يونين اتحاد پاران ڪريم ڏنو جي مانَ ۾ شاندار تقريب

اسڪولن ۾ معياري ۽ بهتر تعليم جي فراهمي لاءِ استاد متحد ۽ پرعزم آهن: اڳواڻ

شاگردن ۽ شاگردياڻين جي حقن جي حاصلات لاءِ پڻ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ويندو

هالا (ن.ع) هالا ۾ گسٽا يونين اتحاد پاران ڪريم ڏنو جي مانَ ۾ شاندار تقريب هالا ۾ گسٽا يونين اتحاد پاران رٽائرڊ سينيئر اڳواڻ ڪريم ڏنو جي مانَ ۾ شاندار تقريب، استادن جي خدمتن کي ڀيٽا هالا گسٽا يونين اتحاد هالا تعلقه پاران رٽائرڊ سينيئر گسٽا يونين اڳواڻ ڪريم ڏنو جي مانَ ۾ شاندار ۽ پروقار الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سروري سرهن تنظيم جي مرڪزي اڳواڻ مخدوم حسيب الزمان سميت استادن سياسي، سماجي شخصيتن ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي گسٽا جي ڊويزنل صدر ميجر مهيصر ڪوس آچر خاصخيلي، رحمان ڪشميري، گلشير سولنگي عدنان ٻگهيو، رضوان چنڙ ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته اسڪولن ۾ معياري ۽ بهتر تعليم جي فراهمي لاءِ استاد متحد ۽ پرعزم آهن، آبلا ۽ فعال اسڪول ئي خوشحال سنڌ جي ضمانت آهن مقررين چيو ته گسٽا يونين ڪنهن به گهوسٽ ٽيچر جي حمايت نٿي ڪري، جڏهن ته استادن سان گڏ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي حقن جي حاصلات لاءِ پڻ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ويندو ان موقعي تي گسٽا جي سينيئر اڳواڻ ڪريم ڏنو جي تعليمي ۽ تنظيمي خدمتن کي ساراهيندي ڊويزن جي استادن پاران کيس شاندار خراج تحسين پيش ڪيو ويو تقريب دوران مهمانن کي سنڌي لونگي ۽ ٽوپي جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا تقريب ۾ قيوم نوحاڻي علي احمد جمالي خادم جتوئي رضا ميمڻ شمس غلام شبير ميمڻ عطاالله ڀٽو سينيئر صحافي محمد افتخار ميمڻ اشتياق شيخ مشتاق ميمڻ عثمان ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ڪڪڙ لڳ ڳوٺ فقير محمد برهماڻي جو رهواسي ڀورهيت جو احتجاج

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ لڳ ڳوٺ فقير محمد برهماڻي جو رهواسي ڀورهيت شهزاد علي برهماڻي پريس ڪلب ڪڪڙ پهچي خانپور جوڻيجو جي بي بي ايڇ آ سينٽر جي عملي خلاف احتجاج ڪيو ان موقعي تي ڀورهيت شهزاد علي برهماڻي چيو ته 12 ڏينهن اڳ گهر واري روبينا حمل سان هئي جنهن کي ويم ڪرائڻ لاءِ رات جي وقت 12 بجي بي بي ايڇ آ سينٽر خانپور جوڻيجو ۾ صحتمند حالت ۾ ڪئي آيس جتي علاج ٿيڻ دوران گهر واري جي طبيعت خراب ٿي وئي 8 ڪلاڪن گذرڻ ڪانپوءِ عملي طرفان بيهوشي واري حالت ۾ وڌيڪ علاج ۽ ويم ڪرڻ کان اسان کي ڪٽو جواب ڏئي ڇڏيو ۽ اسپتال جي عملي مريض عورت کي ايمبولينس به فراهم نه ڪئي، جنهن ڪانپوءِ اسان غريب بيوس مسڪينن چندو ڪري ٽيڪسي گاڏي ذريعي سيوهڻ اسپتال کڻي وڃي رهيا هئاسين ته وچ رستي ۾ پيٽ ۾ ٻيل ٻار سميت گهر واري فوت ٿي وئي، گهر واري 4 ٻارڙن جي ماءُ هئي ۽ پنجين ٻار کي جنم ڏيڻ کان اڳ ئي پيٽ ۾ ٻيل ٻار سميت فوت ٿي وئي هن چيو ته اسان جي آواز اٿارڻ باوجود اسپتال عملي خلاف پوليس سميت ڪير به ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، نه انساني جانيون ضايع ڪرڻ جو ذميوار اسپتال عملو آهي جن جي غفلت ۽ لاپرواهي جي ڪري واقعو پيش آيو هيو هاڻي 4 معصوم ٻارڙن سميت دربدر ۽ پريشان واري زندگي گذاري رهيو آهيان ظالمن منهنجو گهر تباهه ڪري ڇڏيو آهي پر انصاف نٿو ملي هنن وڌيڪ چيو ته ساڳي اسپتال ۾ مهيني اندر 3 عورتون فوت ٿي چڪيون آهي اسپتال ۾ علاج جون ڪي به سهولتون ميسر نه آهن اسپتال ڪوس گهر بڻجي ويو آهي احتجاج ڪندڙ وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته عملي خلاف ڪاروائي ڪري ڪين عهدن تان هٽائي ساڻس انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان ۾ روڊ تي بي يارو مددگار نوجوان ڳوڙهاري عورت هٿ

لاوارث عورت کي زليخان فائونڊيشن جي چيئرپرسن رضيه سهتو حوالي ڪيو ويو

منهنجي ماءُ پيءُ ناهن ٿر ۾ مڙس ماريندو هو چوندو هو وڃي پورهيو ڪري اچ: عورت

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي سول اسپتال روڊ تي بي يارو مددگار نوجوان ڳوڙهاري عورت هٿ شهر جي سماجي اڳواڻن پاران پوليس کي اطلاع، وومين ٿاڻي تي ڪارروائي بعد لاوارث عورت کي زليخان فائونڊيشن جي چيئر پرسن رضيه سهتو حوالي جنهن ڪيس فائونڊيشن پاران شهر جي مقامي اسپتال داخل ڪرائي علاج ڪرائڻ بعد ڪيس زليخان هوم آندو ان موقعي تي زليخان فائونڊيشن جي چيئر پرسن رضيه سهتو ميڊيا اڳيان ڳالهائيندي چيو ته ڪجهه روز اڳ هڪ بي حال ڳوڙهاري عورت هٿ آئي جنهن کي ٽنڊي محمد خان جي پوليس ساڻ ڪري عورت کي وومن ٿاڻي تي آندو جتي عورت پنهنجو نالو پروين ٻڌائيندي چيو ته منهنجي ماءُ پيءُ ناهن ٿر ۾ مڙس ماريندو هو چوندو هو وڃي پورهيو ڪري اچ اڄ آئون بيمار ۽ اميد سان هئس ۽ مزدوري نه ڪري پئي سگهيس پوءِ مڙس مون کي ماريندو هو ۽ هن جي پي ۽ ڏال آهي ۽ ان مونکي گهران ڪڍي ڇڏيو جنهن بعد جنهن بعد بيماري جي حالت ۾ ڌڪا کائيندي ٽنڊو محمد خان پهتي آهيان ڪيترن ئي ڏينهن کان لاوارث حالت ۾ اسپتالن جي درن تي بکن ۾ دربدر ٿي آهيان زليخان فائونڊيشن جي چيئرمين رضيا سهتو مونکي پنهنجي گهر وٺي آئي ته متاثره عورت پنهنجو نالو پروين ٻڌائي ٿي ان موقعي تي زليخان فائونڊيشن جي چيئرمين رضيه سهتو چيو ته مون وٽ ڪيترائي لاوارث ٻارڙا ڇوڪريون توڙي ڇوڪرا زير ڪفالت آهن جن جي کاڌا خوراڪ علاج معالج توڙي تعليم جو بندوبست پڻ موجود آهي هن چيو ته حڪومت جا ادارا اڳيان اچن ته جيئن هٿ آيل ڳوڙهاري جو علاج ڪرائي ڪيس مڪمل طور سهارو ڏين ته جيستائين ان جا وارث هٿ اچن ۽ هو پنهنجي وارثن تائين پهچي سگهي، اسانجو عزم بي سهارا مسڪين ماڻهن جي خدمت ڪرڻ آهي جيڪو ڪندا رهنداسين

قومي شاهراهه تي تيز رفتار ٽرالر ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر

هڪ عورت موقعي تي فوت ٿي وئي ۽ هڪ مرد ۽ هڪ عورت زخمي

پوليس ٽرالر کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو واقعي جو ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

ڳڏيجي(ن ع) شاهه جي مشين جي ڀرسان قومي شاهراهه تي تيز رفتار ٽرالر ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن سبب موٽرسائيڪل سوار مسمات بختو مارواڙي موقعي تي فوت ٿي وئي انوماروڙي ۽ صفوران مارواڙي سخت زخمي ٿي پيافوتي جو لاش مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو ۽ زخمين کي علاج لاءِ گمس اسپتال ڳمبٽ داخل ڪرايو ويو اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي وئي جڏهن ته ٽرالر ڊرائيور ٽرالر کي ڇڏي موقعي تان فرار ٿي ويو پوليس ٽرالر کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو هو جڏهن ته واقعي جو ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي فوتي عورت بختو مارواڙي جو لاش خانواهڻ روانو ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو هيو

ميهڙ جي رهواسي صداقت ڀٽ نظير احمد ڪوسو جو پنهنجي چاچي خلاف احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)ميهڙ جي رهواسي صداقت ڀٽ نظير احمد ڪوسو پنهنجي چاچي گلزار ڀٽ هوت عرف رستم پاران آباڻي زمين جا ڪارا روينيو کاتي جي عملي جي ملي ڀڳت سان تبديل ڪرائي وڪرو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي آهي هن چيو ته ميهڙ جي ٽيپي ڪولاچي جي ديهه انبار ۾ آباڻي زمين 11ايڪڙ 34 گهنٽا گلزار ڪوسو جي نالي تي بخشش ٿيل آهي جنهن ۾ 4ڀائر ۽ 4ڀينرون حصيدار آهيون چاچو گلزار ڪوسو منهنجي پي توڙي ٻين چاچن ۽ ڦوڦين کي حصو ڏيڻ بدران ٽپيدار گلزار ڀٽي معرفت سيل سرٽيفڪيٽ ٺهرائي زمين وڪرو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي آهي

سيوهڻ ۾ اوقاف کاتي پاران صحافين خلاف پريس رليز جاري ڪرڻ خلاف احتجاج

صحافين کي اوقاف کاتي پاران حراسان ڪرڻ مذمت جوڳو عمل آهي: صحافي اڳواڻ

اوقاف کاتو صحافين جي آواز کي دٻائڻ چاهي ٿو ايئن هرگز برداشت نه ڪيو ويندو

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ جي صحافين پاران قلندر جي مزار اندر مبينا ڪرپشن جي نشاندهي ڪرڻ بعد اوقاف کاتي پاران الٽو صحافين خلاف پريس رليز جاري ڪرڻ خلاف ڪالهه نيشنل پريس ڪلب سيوهڻ جي صحافين صدر ذوالفقار سولنگي ۽ سينئر نائب صدر نصرالله انصاري، اشرف عطار عارف ميمڻ جي اڳواڻي ۾ نيشنل پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي صحافي اڳواڻن چيو ته درگاهه لعل شهباز قلندر جي ڪڙهي جي بيحرمتي بابت نشاندهي ڪرڻ تي صحافين خلاف ناڪاري پريس رليز جاري ڪئي وئي آهي، صحافين کي اوقاف کاتي پاران حراسان ڪرڻ مذمت جوڳو عمل آهي، ان عمل سان اوقاف کاتو صحافين جي آواز کي دٻائڻ چاهي ٿو ايئن هرگز برداش نه ڪيو ويندو هنن وزيراعلي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي اوقاف ملازمن جي ڪرپشن جي جاچ ڪرائي يوٽي مئنيجر ارسل الاهي ٻگهيو، عثمان مغل ۽ جاويد ابڙو کي جلد هٽايو وڃي ٻي صورت ۾ مطالبا تسليم نه ٿيڻ تائين احتجاج جاري رکيو ويندو

سيبس يونيورسٽي ڄامشورو ۾ نئين بيچ 2026-27 جي آمد، تعارفي تقريب

سيبس امن، خوشحالي، مثبت سوچ جذبو ۽ حب الوطني جي اصولن تي عمل ڪري ٿي: وي سي

جذبي ڪانسواءِ ڪيل ڪم به ڪم پنهنجي حقيقي صلاحيت تائين نٿو پهچي سگهي: ڊاڪٽر ڀٽو

ڄامشورو (پ ر) شهيد الله بخش سومرو (سيبس) يونيورسٽي آف آرٽ، ڊيزائن اينڊ هيريٽيجز ڄامشورو ۾ 2026-27ع جي تعليمي سيشن لاءِ نئين داخل ٿيل شاگردن ۽ شاگردياڻين جي مانَ ۾ تعارفي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب جي صدارت وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو ڪئي جنهن نون شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ڀليڪار ڪندي يونيورسٽي جي ويزن مشن ۽ بنيادي قدرن بابت آگاهي ڏني شاگردن کي خطاب ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو چيو ته سيبس يونيورسٽي "5 Ps"يعني امن (Peace)، خوشحالي (Prosperity)، مثبت سوچ (Positivity)، جذبو (Passion) ۽ حب الوطني (Patriotism)جي اصولن تي عمل ڪري ٿي، جيڪي شاگردن جي تعليمي ۽ ذاتي زندگي لاءِ رهنمائي فراهم ڪن ٿا پنجن اصولن جي وضاحت ڪندي وائيس چانسلر چيو ته امن (Peace)جو مطلب اهو آهي ته شاگرد پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه ۽ رابطي دوران تڪرار جو سبب بڻجڻ بدران امن جو ذريعو بڻجن خوشحالي (Prosperity)بابت هن چيو ته ان جو مطلب علم کي عملي مهارتن ۾ تبديل ڪرڻ آهي جيڪي ذاتي ۽ سماجي ترقي ۾ ڪردار ادا ڪري سگهن هن چيو ته مثبت سوچ (Positivity)شاگردن کي زندگيءَ ۾ ڪا تعميري ۽ فائيدمند شيءِ شامل ڪرڻ ۽ مثبت رويو اختيار ڪرڻ جي ترغيب ڏئي ٿي جنهن سان هو صحتمند ۽ بامقصد دوستيون پڻ قائم ڪري سگهن ٿا جذبو (Passion)بابت هن چيو ته جذبي ڪانسواءِ ڪيل ڪم به ڪم پنهنجي حقيقي صلاحيت تائين نٿو پهچي سگهي جڏهن ته حب الوطني (Patriotism)پاڪستاني هجڻ جو بنيادي جزو آهي ۽ شاگردن کي پنهنجي علمي صلاحيتن ۽ ڪردار ذريعي ملڪ جي مثبت ترقي ۾ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو چيو ته سيبس يونيورسٽي جو مقصد رڳو پاڪستان جي بهترين يونيورسٽين ۾ شمار ٿيڻ نه پر عالمي سطح تي پڻ پنهنجي سڃاڻپ قائم ڪرڻ آهي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايڊميشنز چندر ڪمارئون داخل ٿيل شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ڀليڪار ڪيو ۽ کين يونيورسٽي جي ماحول ۽ اڳتي وڌڻ واري تعليمي سفر بابت آگاهي ڏني مختلف شعبن جي سربراهنشوڪت ڪوڪي صنم ڀٽو محمد سليم جهتيال ۽ آرڪيٽيڪٽ فهد شمس نظاماڻي شاگردن کي پنهنجن لاڳاپيل تعليمي پروگرامن شعبن جي سرگرمين ۽ مطالعي جي شعبن بابت بريفنگ ڏني اينٽي هراسمنٽ ڪميٽي جي ڪنوينر آرڪيٽيڪٽ فهد شمس نظاماڻي ۽ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ آف پوليس ۽ گرلز ريسڪيو سينٽر ڄامشورو جي انچارج جهانگير انصاري شاگردن کي يونيورسٽي جي اينٽي هراسمنٽ ڪميٽي ۽ گرلز ريسڪيو سينٽر انهن جي ڪردار ۽ هراساني جي ڪنهن به واقعي جي صورت ۾ رپورٽ ڪرڻ جي طريقيڪار بابت آگاهي ڏني هنن شاگردن لاءِ محفوظ، باعزت ۽ سڀني کي شامل ڪندڙ تعليمي ماحول برقرار رکڻ جي اهميت تي زور ڏنو يونيورسٽي جي اينٽي ڊرگز اينڊ ٽوبيڪو ڪميٽي ۽ ڊسيپلينري ڪميٽي جي ڪنوينر فضل الاهي خان ٻنهي ڪميٽين جي ذميوارين ۽ ڪمن بابت شاگردن کي بريفنگ ڏني هن نظم وضبط جي اهميت ۽ منشيات ۽ تمباڪو جي نقصانڪار اثرن بابت آگاهي حاصل ڪرڻ تي زور ڏنو ڪاشف شهزاد نون شاگردن کي يونيورسٽي جي غير نصابي سرگرمين بابت بريفنگ ڏني ۽ کين همٿايو ته هو ڪلاس روم کان ٻاهر ٿيندڙ سرگرمين ۾ پڻ ڀرپور حصو وٺن جيئن سندن صلاحيتن، خود اعتمادي ۽ گڏيل ڪم ڪرڻ جي مهارتن ۾ واڌارو ٿي سگهي

ڄامشورو: سيبس يونيورسٽي ڄامشورو ۾ نئين بيچ 2026-27 جي آمد، تعارفي تقريب

ڪوٽڙي ڪبير ۾ ڳوٺ منظور شر واسين جو احتجاج

اعظم وٽو، اظهر سولنگي ۽ اعجاز جمالي اسان تي فائرنگ ڪئي: مجيد شر

هڪ همراهه نويد شر زخمي ڪري فرار ٿي ويا، پوليس کي به اطلاع ڪيو پر ڪجهه نه ٿيو

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) ڳوٺ منظور شر واسي مجيد شر، نويد شر، محمد نواز شر، رياض شر، منظور شر ۽ ضمير شر پريس ڪلب ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ اچي احتجاج ڪندي چيو ته اسان جا ٻارڙا ۽ مرد روينٽڙ مان ٿئين جو چونڊو ڪن پيا ته اعظم وٽو اظهر سولنگي ۽ اعجاز جمالي جن سندن معاش هريرو فائرنگ ڪري اسان جو هڪ همراهه نويد شر زخمي ڪري فرار ٿي ويا. اسان اهڙو اطلاع خانواهڻ پوليس کي ڏنو جيڪا جاءِ واردات هنڌ پهچي معائنو ڪري واپس موٽي وئي هنن وڌيڪ ٻڌايو ته اعظم، اظهر ۽ اعجاز نالي وارا ڏوهاري آهن. سندن معاش خيرپور ۽ نوشهروفيروز ضلعن ۾ ڦر، چورين ۽ پوليس مقابلن جا ڪيئي ڪيس داخل ٿيل آهن پاڻ روپوش آهن. روزانو موٽر سائيڪلون ڦر ۽ پيسا ڦر ڪرڻ سندن جو ڌنڌو آهي. گذر سفر به چورين تي اٿن. اسان شريف ماڻهون آهيون اسان جهيڙي جهٽي مان ن ڄاڻون. اسان کي موت مار ڌمڪيون ملن پيون. ۽ چون ٿا تياري ڪجو اسان توهان جا مهمان آهيون. اسان کي هنن مان هر وقت جاني خطرو رهي ٿو. اسان هتي پريس ڪلب ۾ لڪي لڪي پهتا آهيون. هنن ڊي آءِ جي نوابشاهه ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز کي اپيل ڪئي ته اعظم، اظهر ۽ اعجاز کي گرفتار ڪري تحفظ ڏياريو وڃي.

ڪوٽڙي ڪبير: ڳوٺ منظور شر واسين جو احتجاج

گهوٽڪي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي مظاهرو

خانپور مهر مان اغوا ٿيل صحافي عظيم سيال جي بازيابي لاءِ مظاهرو ڪيو ويو

سنڌ ۾ بدامني وڌي وئي آهي ۽ هاڻي صحافي برادري به محفوظ ناهي رهي: قلم ڌڻي

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي خانپور مهر مان اغوا ٿيل صحافي عظيم سيال جي بازيابي لاءِ گهوٽڪي پريس ڪلب اڳيان صحافين، سول سوسائٽي ۽ وڪيل برادري پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين عظيم سيال جي بازيابي لاءِ نعريبازي ڪندي پوليس کان فوري طور صحافي کي بازياب ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو احتجاج جي اڳواڻي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس ضلعي گهوٽڪي جي صدر عامر چنا، مسرت مهر سيد غضنفر بخاري، ماجد سنگهڙ شبير عارباڻي ظفر احمد صديقي الهوڙايو بوزدان مظفر احمد صديقي سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر عبدالرزاق مهر ڊسٽرڪٽ بار جي صدر ايڊووڪيٽ شاهنواز وسير شهري اتحاد جي اڳواڻن لالا قيصر پٺاڻ صالح سميجو آغا عقيل پٺاڻ بيشم لال مجاهد سخي جان چاچڙ ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته صحافي عظيم سيال جو اغوا انتهائي افسوسناڪ واقعو آهي ضلعي پوليس شهرين کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي هنن چيو ته حق ۽ سچ لکڻ واري صحافي کي اغوا ڪيو ويو آهي پر به ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس سندس بازيابي لاءِ ڪا سنجيده ڪوشش ڪندي نظر نٿي اچي سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر عبدالرزاق مهر چيو ته سنڌ ۾ بدامني وڌي وئي آهي ۽ هاڻي صحافي برادري به محفوظ ناهي رهي هنن عظيم سيال کي فوري طور بازياب ڪرائڻ جو مطالبو ڪندي صحافين جي احتجاج جي مڪمل حمايت جو اعلان ڪيو ڊسٽرڪٽ بار جي صدر ايڊووڪيٽ شاهنواز وسير چيو ته عظيم سيال جي بازيابي لاءِ اڄ ضلعي ۾ عدالتي ڪارروائي جو مڪمل بائيڪاٽ ڪيو ويو آهي جڏهن ته وڪيل برادري صحافين سان هر موڙ تي گڏ بيٺل رهندي

آزاد صحافت زنده باد
خانپور مهر جي سينيئر صحافي
عظيم سيال
کي جلد باحفاظت بازياب ڪرايو
منجانب: تعلقه گهوٽڪي يونين آف جرنلسٽ

گهوٽڪي: پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي مظاهرو

مٺي جي لوهار محلي جي رهواسي جو احتجاج جاري

پٽ سورج ڪمار بليڪ ميلنگ کان تنگ اچي خودڪشي ڪئي: پومجي ڪولهي

بليڪ ميل ڪرڻ ۾ ونود ڏرماڻي، دسرت پرمار، ڪمليش پاپوهر ۽ ٻيا ملوث آهن

مٺي (ڊ-ر) مٺي جي لوهار محلي جي رهاڪو پومجي ميگهواڙ ۽ سندس ڏال جهمون، ڀڳت ڪيسون، رميش ڪمار ۽ مورلي پريس ڪلب مٺي اڳيان ڪالهه ڇهين ڏينهن تي به احتجاج ڪيو. هنن جو چوڻ آهي ته سندس پٽ سورج ڪمار بليڪ ميلنگ ۽ ذهني دٻاءُ کان تنگ اچي ڪراچي ۾ مبينا طور خود ڪشي ڪري ڇڏي، پر پوليس ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هن الزام هنيو ته سندس پٽ کي ونود ڏرماڻي، دسرت پرمار ڪمليش پاپوهر ۽ ٻيا ملوث آهن جيڪي موبائيل نمبر تان مسلسل بليڪ ميل ڪري ذهني طور پريشان ڪندا هئا، جنهن جي نتيجي ۾ هن 29 جون تي انتهائي قدم کنيو. هن وڌيڪ ٻڌايو ته واقعي جي ايف آءِ آر داخل هجڻ باوجود اڃا تائين جوابدار آزاد گهمي رهيا آهن. هنن وزيراعلي سنڌ، آءِ جي سنڌ ۽ ٿر جي چونڊيل نمائندن کان هن معاملي جو نوٽيس وٺڻ ۽ کين فوري انصاف ڏيارڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

سنڌ جي قديمي ماڳ موهن جي دڙي تي پولينڊ جو پرڏيهي وفد پهتو، شاندار آجيان

پرڏيهي وفد اسٽوپا گريٽ باٿ، ڊي ڪي ايريا ۽ ميوزيم سميت ٻين قديمي آثارن جو دورو ڪيو

اسان موهن جو دڙو جي تاريخ بابت ڪتابن ۾ پڙهيو هيو، سامهون ڏسي ڪري تمام خوش ٿيا آهيون: پرڏيهي وفد

خواهش هئي ته موهن جو دڙو ضرور زندگي ۾ هڪ دفعو ڏسي اچجي، اڄ هتي اچي ڪري اسان جي خواهش پوري ٿي وئي آهي

2026/09/28 12:18

ڏوڪري: پرڏيهي وفد اسٽوپا گريٽ باٿ، ڊي ڪي ايريا ۽ ميوزيم سميت ٻين قديمي آثارن جو دورو ڪيو

ڏوڪري (ن ع) سنڌ جي قديم ماڳ موهن جي دڙي تي پولينڊ جو پرڏيهي وفد موهن جو دڙي جو دورو ڪيوپرڏيهي وفد اسٽوپا گريٽ باٿ، ڊي ڪي ايريا ۽ ميوزيم سميت ٻين آثارن جو پڻ دورو ڪيو آهي پرڏيهي وفد کي انچارج موهن جو دڙو احسان عباسي ويلڪم ڪيو وفد کي سنڌ ٽوئرزم جو مقرر گائيڊ ارشاد سولنگي تفصيلي بريفنگ ڏني هوڏانهن پولينڊ جي وفد جو چوڻ هو ته موهن جو دڙو تي اچي ڪري هتي گهڻي خوشي محسوس ڪيون ٿا هنن چيو ته موهن جو دڙو اڳ کان وڌيڪ خوبصورت بڻايو ويو آهياسان موهن جو دڙو جي تاريخ بابت ڪتابن ۾ پڙهيو هيو موهن جو دڙو سامهون ڏسي ڪري تمام خوش ٿيا آهيون هنن چيو ته خواهش هئي ته موهن جو دڙو ضرور زندگي ۾ هڪ دفعو ڏسي اچجي اڄ هتي اچي ڪري اسان جي خواهش پوري ٿي وئي آهي هوڏانهن پرڏيهي وفد جي سيڪيورٽي سخت ڪئي وئي هئي

ضلعي سڄاول ۾ ڏوهارين خلاف ڪارروائين دوران ٻن مختلف هنڌن تي مبينا پوليس مقابلا

پوليس پاران 4 ڄڻن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندن قبضي مان هٿيار ۽ ايمونيشن هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

راڄهيا سر نالي پرسان گشت دوران ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي: غلام مصطفيٰ لوڌيو، قادو ملاح ۽ جانو ملاح کي گرفتار ڪيو: پوليس

جهوڪ مان گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ محمد يوسف عرف ميڏرو چانڊيو طور ڪئي وئي آهي، جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿي ويا

سڄاول: پوليس پاران 4 ڄڻن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندن قبضي مان هٿيار ۽ ايمونيشن هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

سڄاول (ڊ ر) ضلعي سڄاول ۾ ڏوهارين خلاف پوليس ڪارروائين دوران ٻن مختلف هنڌن تي مبينا پوليس مقابلا 4 ڄڻن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندن قبضي مان هٿيار ۽ ايمونيشن هٿ ڪرڻ جي دعويٰ 3 ساٿي فرار ٿي ويا پوليس ترجمان موجب ايس ايس پي سڄاول محمد عثمان سدوزئي جي هدايتن تي ڏوهاري عنصرن خلاف ڪارروايون جاري آهن ٿاڻي جاتي پوليس جي ايس ايڇ او امجد حسين چانڊيو انچارج مڙهو بولا خان عبدالغني ڪيرانو ۽ ٻين اهلڪارن راڄهيا سر نالي پرسان گشت دوران ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي جتي مبينا طور 4 کان 5 هٿياربند ڏوهاري وڏي واردات جي ارادي سان موجود هئا پوليس جو چوڻ آهي ته پوليس پارٽي کي ڏسي جوابدارن فائرنگ شروع ڪئي جنهن تي اهلڪارن حق دفاع ۾ جوابي فائرنگ ڪئي فائرنگ جي ڏي وٺ دوران ٽن مبينا جوابدارن کي سندن ئي ساٿين جي فائرنگ لڳڻ سبب زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندن ٻيا ساٿي فرار ٿي ويا. گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ غلام مصطفيٰ لوڌيو قادو ملاح ۽ جانو ملاح طور ڪئي وئي آهي پوليس موجب جوابدارن وٽان هٿيار ۽ ايمونشن پڻ هٿ ڪيا ويا آهن ٻئي طرف ٿاڻي جهوڪ جي حد ۾ جهوڪ پوليس به مبينا ڏوهارين سان مقابلي بعد هڪ ڄڻي کي زخمي حالت ۾ هٿيار سميت گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب ايس ايڇ او جهوڪ پنهنجي عملي سان گڏ جهوڪ بهتورو روڊ تي پڊو اسٽاپ پرسان گشت ڪري رهيو هو ته مبينا طور واردات جي ارادي سان موجود هٿياربندن پوليس کي ڏسي فائرنگ ڪئي جنهن تي پوليس اهلڪارن حق دفاع ۾ جوابي فائرنگ ڪئي فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ مبينا جوابدار پنهنجي ساٿين جي فائرنگ ۾ زخمي ٿي پيو جنهن کي پوليس هٿيار سميت گرفتار ڪري اسپتال منتقل ڪيو گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ محمد يوسف عرف ميڏرو چانڊيو طور ڪئي وئي آهي جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿي ويا پوليس موجب ٻنهي واقعن ۾ گرفتار زخمي جوابدارن کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته فرار ٿيل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ علائقن ۾ سرچ ۽ ڪارگيٽ آپريشن جاري آهي گرفتار جوابدارن خلاف ضابطي موجب قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي جڏهن ته سندن اڳوڻو ڪرمنل رڪارڊ سڄاول ضلعي سميت ٻين ضلعن جي ٿاڻن مان پڻ معلوم ڪيو پيو وڃي

هنگورجا لڳ پرائمري اسڪول جهانگر ۾ استاد نه هجڻ ڪري ڪيتري عرصي کان تالا لڳل

استاد نه هجڻ سبب اسڪول ۾ زير تعليم 150 کان وڌيڪ شاگرد توڙي شاگردياڻين جي تعليم داءُ لڳل

ڪيتري ئي عرصي کان اسڪول ۾ استاد مقرر ناهي جنهن جي ڪري 150 اسڪولي ٻارڙن جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي: رهواسي

اسڪول ۾ واش روم توڙي پيئڻ جي پاڻي جي سهولت ناهي، فوري طور تي استاد مقرر ڪري بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن

هنگورجا(ن ع) هنگورجا لڳ پرائمري اسڪول جهانگر ۾ استاد نه هجڻ ڪري ڪيتري عرصي کان اسڪول جي تالا لڳل آهن جنهن سبب اسڪول ۾ زير تعليم 150 کان وڌيڪ شاگرد توڙي شاگردياڻين جي تعليم داءُ لڳل آهي اسڪولي ٻارڙا روزانا اسڪول اچن ٿا اسڪول تالا لڳل ڏسي واپس هليا وڃن ٿا. اسڪول جي استاد مقرري ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ اسڪولي ٻارڙن ۽ والدين بياز علي جهانگر ضمير جهانگر فرحانا روبينا ڪامياب جهانگر جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو احتجاج ڪندڙن الزام لڳايو ته ڪيتري ئي عرصي کان اسڪول ۾ استاد مقرر ناهي جنهن جي ڪري 150 اسڪولي ٻارڙن جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي ڪيترائي ڀيرا تعليم کاتي جي آفيسرن وٽ دانهيو آهي پر اسان دانهن ٻڌي اڻ ٻڌي ڪئي وڃي ٿي هنن چيو ته اسڪول جي عمارت زبان حال آهي اسڪول ۾ واش روم توڙي پيئڻ جي پاڻي جي سهولت ناهي هنن مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي استاد مقرر ڪري بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن

مٽياري ضلعي ۾ ريبيز بابت عوامي آگاهي وڌائڻ لاءِ پروگرام، ريلي

لائيو اسٽاڪ کاتي وٽ ڪتن لاءِ ويڪسين موجود آهي: ڊاڪٽر زاهد صدر

گهرن ۾ پاليل يا ماڻهن جي حفاظت لاءِ رکيل ڪتن کي وقت سر ريبيز جي ويڪسين لڳرائڻ ضروري آهي

WORLD RABIES DAY
28 SEPTEMBER
War Against Rabies
Livestock & Fisheries
Dr. Riaz Ahmed Laghari
Deputy director Livestock
Animal Husbandry District Matiari

مٽياري: گهرن ۾ پاليل يا ماڻهن جي حفاظت لاءِ رکيل ڪتن کي وقت سر ريبيز جي ويڪسين لڳرائڻ ضروري آهي

مٽياري (ڊ ر) ضلعي انتظاميا مٽياري جي هدايتن تي ورلڊ ريبيز ڊي جي موقعي تي ضلعي ۾ ريبيز بابت عوامي آگاهي وڌائڻ لاءِ صحت کاتي ۽ لائيو اسٽاڪ کاتي پاران مختلف آگاهي پروگرام منعقد ڪيا ويا، جن ۾ آگاهي سيمينار، ريبيز بابت واڪ ۽ ڪتن لاءِ مفت ويڪسينيشن ڪيمپ شامل هئا. ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر مٽياري ڊاڪٽر زاهد صدر جي صدارت هيٺ ڊي ايڇ او آفيس مٽياري ۾ آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ضلعي جي ڊاڪٽرن، پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڊاڪٽر زاهد صدر چيو ته مٽياري ضلعي ۾ ريبيز کان بچاءَ لاءِ 9 اينٽي ريبيز سينٽرز قائم آهن جتي ريبيز جي ويڪسين موجود آهي ڊاڪٽر زاهد صدر عوام کي هدايت ڪئي ته ڪتي جي چڪ لڳڻ جي صورت ۾ زخم کي فوري طور صاف وهندڙ پاڻي ۽ صابڻ سان گهٽ ۾ گهٽ 15 منٽن تائين چڱيءَ طرح ڌوئڻ گهرجي، جنهن کان پوءِ بنا دير ويجهي اينٽي ريبيز سينٽر تي پهچي ڊاڪٽر جي مشوري موجب ويڪسين لڳرائي وڃي سيمينار جي پڄاڻي تي ريبيز بابت آگاهي واڪ پڻ منعقد ڪئي وئي ٻئي طرف لائيو اسٽاڪ کاتي پاران پڻ ورلڊ ريبيز ڊي جي حوالي سان اينٽي ريبيز آگاهي واڪ منعقد ڪئي وئي جنهن جي اڳواڻي اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر ڪئي واڪ ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر حبيب شيخ، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر رياض احمد لغاري، ڊپٽي ڊائريڪٽر وٽرنري ڊاڪٽر فاروق لغاري ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر طارق رحيم لاکو سميت ٻين ڊاڪٽرن، آفيسرن ۽ لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي واڪ کي خطاب ڪندي اسسٽنٽ ڪمشنر ڊاڪٽر مظاهر چيو ته ريبيز بابت عوام ۾ وڌ کان وڌ آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ هي واڪ منعقد ڪئي وئي آهي هن چيو ته گهرن ۾ پاليل يا ماڻهن جي حفاظت لاءِ رکيل ڪتن کي وقت سر ريبيز جي ويڪسين لڳرائڻ ضروري آهي جڏهن ته لائيو اسٽاڪ کاتي وٽ ڪتن لاءِ ويڪسين موجود آهي ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر رياض احمد لغاري چيو ته ڪتي جي چڪ ۽ ريبيز کان بچاءَ بابت عوام ۾ وڌ کان وڌ آگاهي پيدا ڪرڻ ضروري آهي هن چيو ته ريبيز هڪ خطرناڪ پر روڪٿام لائق بيماري آهي جنهن کان بچاءَ لاءِ بروقت ويڪسينيشن انتهائي اهم آهي هن وڌيڪ چيو ته لائيو اسٽاڪ کاتو سوشل ميڊيا ۽ ٻين پليٽ فارمن ذريعي پڻ عوام ۾ ريبيز بابت مسلسل آگاهي فراهم ڪري رهيو آهي ان سان گڏ سرڪاري ويٽرنري اسپتال مٽياري / اينيمل هيلٿ ايڪسٽينشن سينٽر مٽياري ۾ ڪتن لاءِ مفت ريبيز ويڪسينيشن ڪيمپ پڻ لڳائي وئي، جتي RABISINريڪسين ذريعي پالتو جانورن کي مفت ويڪسينيشن فراهم ڪئي وئي، شهرين ۽ پالتو جانورن جي مالڪن ڪيمپ مان فائدو حاصل ڪندي پنهنجن ڪتن کي ويڪسين لڳرائي ريبيز ڊي جي انهن سرگرمين جو مقصد "Rabies: One Health, Zero Deaths"جي پيغام تحت انسانن ۽ جانورن ٻنهي کي ريبيز کان محفوظ رکڻ، پالتو جانورن جي ذميوار نگراني ۽ بروقت ويڪسينيشن بابت عوامي شعور اجاگر ڪرڻ هو پروگرام ۾ صحت کاتي لائيو اسٽاڪ کاتي سول سوسائٽي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن ۽ عملدارن شرڪت ڪئي

مورو ويجهو ڳوٺ سانوڻ مري جي رهواسين جو احتجاج

مورو(ن ع) مورو ويجهو ڳوٺ سانوڻ مري جي رهواسين سانوڻ مري، سارنگ مري، بادل مري، عبدالله مري، ياسين مري ۽ ٻين احتجاج ڪيو جتي هنن چيو ته اسان جي سروي نمبر 76/78 ۾ ڪل ايراضي 8 ايڪڙ کان وڌيڪ زرعي زمين آهي جنهن جا اصل ڪاغذ وغيره اسان وٽ آهن ۽ اها اسان زرخريد ڪئي آهي جنهن جو رڪارڊ 1992/1993 کان موجود آهي پر ڪجهه برادريءَ جا بااثر ماڻهون زرعي زمينن تي قبضو ڪرڻ چاهين پيا ۽ اسان کي سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته اسان جي زرعي زمين جو ڪيس هاءِ ڪورٽ سکر ۾ ڪيس هلندڙ هو جنهن 2021 ۾ اسان جي حق ۾ فيصلو ڏئي زمين ڏياري آهي جنهن رڪارڊ موجود آهي پر ان باوجود هو قبضو ڪرڻ چاهين پيا ۽ غلط بيان بازي ڪري رهيا آهن هنن الزام هڻندي چيو ته اسان جي زرعي زمين تي شير خان حيات ۽ علي شير ولد گلو مري ٻين ماڻهن سان گڏجي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن اسان غريب مسڪين ڀورهيت طبقي سان واسطو رکندڙ آهيون هو ڏاڍ سبب اسان کي ڌمڪائي رهيا آهن هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي مذڪورا ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ٿيندڙ هر نقصان جا ذميوار اهي قبضو ڪندڙ ۽ ڌمڪيون ڏيندڙ هوندا

مسوپرڳڙي جي بنيادي صحت مرڪز ۾ مليريا جي ليبارٽري بند

روزانو جي بنياد تي ٻه سئو کان مٿي او پي ڊي هجڻ باوجود اختيارين اک نه پٽي

بنيادي صحت مرڪز ۾ ليبارٽري جا اوزار ميسر ڪري ليبارٽري هلائي وڃي: رهواسي

مسوپرڳڙي (ن ع) مسوپرڳڙي جي بنيادي صحت مرڪز ۾ مليريا جي ليبارٽري گذريل ڪافي عرصي کان بند اسپتال جي روزانو جي بنياد تي ٻه سئو کان مٿي او پي ڊي آهي پر افسوس هن شهر جو ڪو ڌڻي ناهي جو اهڙي اسپتال هوندي به اهو حال آهي مسوپرڳڙي بنيادي صحت مرڪز مريضن لاءِ بي لاپ بڻجي وئي صحت کاتو اگهور ننڊ ستل اهڙي صورتحال تي علائقي واسي سخت پريشان آهن علائقي واسين ڊي ايڇ او حيدرآباد پي پي ايڇ آءِ جي آفيسرن کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي مسوپرڳڙي جي بنيادي صحت مرڪز ۾ ليبارٽري جا اوزار ميسر ڪري ليبارٽري هلائي وڃي ٻي صورت ۾ علائقي واسي احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندا

مسوپرڳڙي: روزانو جي بنياد تي ٻه سئو کان مٿي او پي ڊي هجڻ باوجود اختيارين اک نه پٽي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اڱارو 29 سيپٽمبر 2026ع

موجوده حالتن ۾ قومي ٻڌيءَ جي ضرورت

پاڪستان هن وقت ڪيترن ئي اندروني ۽ ٻاهرين چئلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي هڪ پاسي سرحدي علائقن ۾ طالبان سان جهڙپون ۽ ڇڪتاڻ واريون حالتون آهن ته ٻئي پاسي ڀارت سان به ڪي اطمينان جوڳا ناتا ڏسڻ ۾ نه پيا اچن جڏهن ته دهشتگرديءَ جو وڌندڙ خطرو ملڪ جي امن سلامتي ۽ معاشي ترقيءَ لاءِ وڏو مسئلو بڻيل آهي. روزانو ملڪ جي مختلف علائقن ۾ سيڪيورٽي اهلڪارن تي حملن جون خبرون اچن ٿيون ۽ عام پورهيت، مزدور ۽ روزگار سانگي گهرن کان ٻاهر نڪرندڙ شهري به دهشتگردن جي ڪاررواين کان محفوظ ناهن اهڙين حالتن ۾ ملڪ کي سياسي اختلافن باهمي ڇڪتاڻ ۽ محاذ آرائيءَ بدران اتحاد، اتفاق ۽ گڏيل حڪمت عمليءَ جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته هڪ ئي وقت ڪيترن ئي محاذن تي تڪرار ڪنهن به ريت اسان جي مفاد ۾ ناهن ملڪ جي سلامتيءَ جو تعلق رڳو سرحدن جي حفاظت يا دهشتگرديءَ جي خاتمي سان نه آهي پر ان لاءِ اندروني سياسي استحڪام، معاشي مضبوطي ۽ عوام جي رياستي ادارن تي اعتماد جو هجڻ به ايترو ئي ضروري آهي جڏهن ملڪ کي ٻاهرين خطرن سان گڏ اندروني بدامنيءَ جو به مقابلو ڪرڻو پوي، تڏهن قومي قيادت جي ذميواري وڌي وڃي ٿي ته اها پنهنجي ترجيحن جو درست تعين ڪري ۽ اهڙيون پاليسيون اختيار ڪري، جيڪي ملڪ کي وڌيڪ بحرانن ۾ ڦاسائڻ بدران استحڪام ڏانهن وٺي وڃن جيڪڏهن سياسي قوتون هڪٻئي سان ٽڪراءَ ۾ مصروف رهنديون ۽ قومي مسئلن تي گڏ ويهڻ لاءِ تيار نه ٿينديون ته ان جو نقصان رڳو حڪومتن يا سياسي جماعتن کي نه پر سڄي ملڪ ۽ عوام کي ڀوڳڻو پوندو حقيقت اِها آهي ته دهشتگرديءَ جو مسئلو هڪ ڀيرو ٻيهر ڳنڀيرتا جوڳو بڻجي چڪو آهي سيڪيورٽي اهلڪارن تي حملا عام شهرين جو جاني نقصان ۽ روزگار جي ڳولا ۾ نڪتل پورهيتن جي زندگين کي درپيش خطرا ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته امن امان جي بحاليءَ لاءِ وڌيڪ اثرائتي ۽ گڏيل حڪمت عمليءَ جي ضرورت آهي دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي ادارن جون قربانيون پنهنجي جاءِ تي اهم آهن پر ان مسئلي کي مستقل طور ختم ڪرڻ لاءِ رڳو طاقت جو استعمال ڪافي نه آهي ان سان گڏوگڏ ان دهشتگرديءَ جا سبب، انهن جي مدد ڪندڙ نيٽ ورڪ مالي وسيلن ۽ انتهاپسنديءَ کي هٿي ڏيندڙ عنصرن کي به ختم ڪرڻو پوندو متاثر علائقن ۾ تعليم، روزگار، صحت ۽ بنيادي سهولتن جي فراهميءَ کي يقيني بڻائڻ سان به امن جي بنيادن کي مضبوط ڪري سگهجي ٿو ٻئي طرف افغانستان سان لاڳاپيل صورتحال ۽ طالبان سان ڇڪتاڻ به هڪ حساس معاملو آهي سرحدي علائقن ۾ بدامنيءَ جا اثر رڳو انهن علائقن تائين محدود نٿا رهن پر سڄي ملڪ جي سلامتي، واپار ۽ معيشت تي پون ٿا. ان ڪري ضروري آهي ته قومي سلامتيءَ جي معاملن ۾ واضح موقف اختيار ڪرڻ سان گڏ سفارتي ذريعن کي به اثرائتي نموني استعمال ڪيو وڃي پاڪستان جي خودمختياري ۽ شهرين جي تحفظ تي ڪو به سمجهوتو نه ٿيڻ گهرجي، ساڳئي وقت اهڙا رستا به ڳولڻ گهرجن جن وسيلي ڇڪتاڻ گهٽائي سگهجي ۽ سرحد پار دهشتگرديءَ جي روڪٿام لاءِ نتيجا ڏيندڙ سهڪار ممڪن بڻائي سگهجي جنگ ۽ تڪرار جا اثر عام ماڻهن تي سڀ کان وڌيڪ پون ٿا، تنهن ڪري هر ممڪن ڪوشش امن جي قيام لاءِ ٿيڻ گهرجي سياسي محاذ تي به حالتون گهڻيون اطمينان جوڳيون ناهن خاص طور خيبر پختونخواهه ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي حڪومت ۽ وفاقي حڪومت وچ ۾ ڇڪتاڻ سياسي ماحول کي وڌيڪ پيچيده بڻائي رهي آهي وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ اختلاف ڪنهن به جمهوري نظام ۾ ٿي سگهن ٿا پر انهن اختلافن کي اهڙي حد تائين وڌڻ نه ڏيڻ گهرجي، جو حڪومتي ڪارڪردگي امن امان ۽ عوامي مسئلن جي حل تي اثر پوي سياسي جماعتن جي وچ ۾ اختلافن جو فيصلو جمهوري اصولن آئين ۽ قانون موجب ٿيڻ گهرجي جيڪڏهن هر معاملي کي سياسي مقابلي ۽ هڪٻئي کي ڪمزور ڪرڻ جي نظر سان ڏٺو ويندو ته قومي مسئلا پوئتي رهجي ويندا. تنهنڪري ملڪ کي هن وقت اهڙي قومي حڪمت عمليءَ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ سياسي جماعتن وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن، پارليامينٽ، سيڪيورٽي ادارن ۽ سماج جي ٻين اهم ڌرين کي اعتماد ۾ ورتو وڃي قومي سلامتي، دهشتگرديءَ جي خاتمي، معاشي بحالي ۽ عوامي ڀلائيءَ جهڙن معاملن تي گڏيل موقف اختيار ڪرڻ وقت جي اهم گهرج آهي حڪومت کي به گهرجي ته مخالف ڌر جي جائز خدشن کي ٻڌي، جڏهن ته مخالف ڌر کي به قومي مفادن سان لاڳاپيل معاملن ۾ تعميري ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي اختلاف راءِ کي دشمنيءَ ۾ تبديل ڪرڻ بدران ان کي جمهوري عمل جو حصو سمجهڻ گهرجي

ايم آر ڊي جي شهيدن جي ورسيءَ جي مناسبت سان

گهوڙن ۽ گهوٽن، رڻ ۾ لائون لڌيون!

غلام رسول چانڊيو

اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي تاريخ ۾ اهو المناڪ ڏينهن آهي، جنهن تي سموري سنڌ ۾ ڳوٺ پنهل خان چانڊيو ۾ ايم آر ڊي تحريڪ دوران انهيءَ تحريڪ جي سڀ کان وڏي راند کيڏي وئي هئي. ظلم ۽ بربريت جو اهڙو ته سنگين مثال قائم ڪيو ويو هو جو دنيا حيرت زده ٿي، حڪمرانن کي نفرت آميز نگاهن سان ڏسي رهي هئي. ٿيو ڪجهه ائين هو جو ڳوٺ پنهل خان چانڊيو جي ماڻهن سِر جا سانگا لاهي جڏهن ته سنڌ جي مزاحمتي تاريخ کي زنده ڪري ڇڏيو هو. جڏهن به سنڌ جي تاريخ جا ورق ورائبا ته پنهل خان ڳوٺ جا ڳڀرو، اوچي ڳاٽ سان آمريت جي ڇهري تي نه ختم ٿيندڙ نشان بڻيل هوندا. جنرل ضياءَ، جيڪو سعودي عرب ۾ هو اهو 29 سيپٽمبر 1983ع تي ملڪ اچڻو هو پر هن وڌيڪ ٻه ڏينهن سعودي عرب ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو هو. 1983ع ۽ 1986ع جي تحريڪ دوران "بي بي سي لنڊن" جو پروگرام سيربين ئي سنڌي ماڻهن جي معلومات جو واحد ذريعو هوندو هو. اوطاقن تي ريڊين جون اينٽينا ڦيرائيندي سنڌ جا ماڻهو پنهنجي پُرامن ويڙهه جي سموري معلومات حاصل ڪندا هئا. سنڌي چئنل ته هئا ئي ڪونه. باقي اخبارن تي بندش لاڳو ٿي چڪي هئي، تنهنڪري ان وقت جي اخبارن ۾ ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ هڪ ڪالمي خبر لڳندي هئي. 29 سيپٽمبر 1983ع تي رڳي احتجاج ڪٿي هيوا هي جو سڪرنڊ واري جوڻين ميل کان ٿورو اڳيان، پنهل خان چانڊيو ڳوٺ سامهون، بينر ڪٿي اچي نيشنل هاءِ وي تي ويٺا هئا. سي رڳي جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ نه آيا هئا نه ئي ڪين 1973ع جي آئين جي بحاليءَ جو ڪو اُونو هو، هو ته بس هڪ مختصر سالن جي انتظار کان پوءِ سمورن تصوفي رنگن سان پنهنجي محبوب اڳواڻ ۽ سنڌ جي صدين جا فرياد کڻي اچي روڊ تي ويٺا هئا. ڪلام پاڪ جي تلاوت ڪري رهيا هئا. ڪين اهو علم نه هو؟ 1973ع جي آئين جا آرٽيڪل ڇا ٿا چون يا جمهوريت جو جوهر ڇا آهي؟ هنن کي بس ايتري خبر هئي ته ذوالفقار علي ڀٽي کي شهيد ڪيو ويو آهي. 6 سال گذرڻ باوجود به ساڻس ڪو انصاف نه ٿيو هو. عجيب الميو هو جو ڀاڄهرين سَنگ ڪيا هئا ۽ جيئڻ جي مُنڊ ۾ سَرَ نِسرڻ لاءِ آيا هئا. ڳوٺ پنهل خان چانڊيو ۾ عورتون جاڏيءَ ۾ مانڊائي ڦيرينديون پنهنجي ڪونڌر پٽن لاءِ سِهرا جهونگاري رهيون هيون. پنهل خان چانڊيو جي آس پاس وارن ڳوٺن جي گلين ۾ خوشبو هئي ۽ ٻار ڪٽن ۾ ٻڌل لوڏن ۾ هونگريون ڏئي رهيا هئا ۽ سندن ڳِڇن تي سُرمي جي سَرائِي سان نڪتل ٽِڪا، نرڙ تي ناهيل اِليون ۽ سُرمي سان ڪارا ڪيل پُرون، سندن سونهن جي انتهائن کي ڇُهي رهيا هئا. ڳوٺ پنهل خان چانڊيو جا وڻجارا به روڊ تي ڪلام پاڪ پڙهي تاريخ جو انوکو احتجاج ڪري رهيا هئا ته ڪن جي هٿن ۾ وري بينر ڪنيل هئا. جن تي آمريت جي حڪمرانيءَ خلاف نفرت جو اظهار ٿيل هو. بندوقن جي بيرحم نڪائن تي، ڪٽن جي اِيسَن سان ٻڌل لوڏن ۾ ٽنجٽا ڏنل ٻارن کان ڀڙيان چرڪ نڪتا ۽ پوءِ ريهون، ماڻن جا هنيانءَ هيرڻ پن وانگر ڦاڪون ٿيا ۽ وَهِنِ وڻجارن لاءِ واڪا ڪندي ڪيڏارو ڇيڙيو.

بي بي سي جي نمائندي مارڪ ٽيلي کي شايد سنڌ سڏيو هو جو سنڌ کي تاريخ جي عدالت لاءِ شاهد گهربل هو ۽ اڄوڪي ڏينهن تي مارڪ ٽيلي بي بي سي تان پنهنجي شاهدي رڪارڊ ڪرائيندي دنيا کي ٻڌايو ته سڪرنڊ لڳ ڳوٺ پنهل خان چانڊيو وٽ پاڪستان ۾ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ احتجاج ڪندڙن مان 16 ڄڻن کي شهيد ڪيو ويو آهي. 45 کان وڌيڪ زخمي ٿيا آهن، ڪيترن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. دنيا حيران ٿي هئي ته لطيف جي ديس وارن صوفي منش ماڻهن کي ڪلام پاڪ پڙهندي رڳو، ان ڪري ماريو ويو آهي جو انهن دنيا جي پسنديده جمهوري نظام جي بحاليءَ لاءِ پُرامن احتجاج ڪيو هوا پوءِ ان ايم آر ڊي تحريڪ بعد ڏيهه مسلسل بحرانن جي ور چڙهندو رهيو آهي. شام ٿي ۽ پوءِ سانجهي پر ڪنهن به عورت سانجهڻ جا ساٽ نه ڪيا جو ڪين اچا پتوئي نه پيو هو ته ڪنهن جو ڪانڌ قربان ٿيو. ڪنهن جو پاءِ قتل ڪيو ويو ۽ ڪنهن جي جگر کي جهير ڏنا ويا. رات گهٽي گذري چڪي هئي ۽ سنڌ جو ماتم جاري ٿي هو ته هڪ هڪ گهر ۾ ٻه ٻه ٽي ٽي شهيدن جون ميتون پُهتيون. ان ئي لمحي سنڌ پنهنجي سوچ جو رستو تبديل ڪيو. پنهل خان پنهنجن شهيدن جو آخري ديدار ڪري نه سگهيو جو ڪيس واقعي وقت ئي گرفتار ڪري اذيتن جي حوالي ڪيو ويو هو ۽ پوءِ هڪ سال به مس زنده رهي سگهيو. جهان ڇڏڻ تائين پنهل خان جو سينو روئندو رهيو.

سنڌ سڄي دنيا وٽ جمهوريت پسند هجڻ جو داد ته وٺي چڪي هئي پر الميو اهو ٿيو جو ملڪ ۾ چونڊون به ٿينديون رهيون، وزيراعظم ۽ وزيراعليٰ به چونڊيا ويا پر ڏيهه ۾ حقيقي جمهوريت اڃان تائين واپس ناهي اچي سگهي. اڄ به ايم آر ڊي تحريڪ جا شهيد هن ڏيهه لاءِ سوال بڻيل آهن ته اها جمهوريت ڪڏهن ايندي؟ جڏهن چونڊيل نمائندن بجاءِ عوام خوشحال ٿيندو ۽ اها جمهوريت ڪڏهن ايندي؟ جڏهن اَجاڙ جا منظر پيش ڪندڙ شاهوڪار سنڌ. ڪريشن لاءِ نه پر سنڌ جي 70 سيڪڙو خوراڪ جي کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ وفاق کان پنهنجو حصو گهرندي؟ موهن جي ماڙي جا ڪروڙين انسان پيئڻ جي صاف پاڻيءَ لاءِ سِڪي رهيا آهن. ڪيلاش پربت جي اوچين چوٽين تان شينهن جي وات مان نڪرندڙ سنڌو درياهه کي ڪهڙي ڏوهه ۾ سڪائڻ جون سازشون ڪيون پيون وڃن؟ سنڌ سوچي پئي ته هن جي وڏن ان لاءِ قربانيون ڏنيون هيون ته سنڌ ورهائڻ جون سازشون ڪيون وڃن.

هوڏانهن هُن هاڪاريو، هيڏانهن هي هٿن
سرنايونءَ سَنڌڙا، ٻنهي ڀار ٻَرَن
گهوڙن ۽ گهوٽن، رڻ ۾ لائون لڌيون. (شاهه لطيف)

'پَئي ڪٽي پساهه'

مير اعظم علي ٽالپر

هيءَ ڳالهه پيدائشي طور ٻڌائي وڃي ٿي ته راقم اڃا ننڍڙو هو ته گراما فون رڪارڊ فوني تي وڄائڻ جو آواز ٻڌڻ ڪانپوءِ ننڊ سمهندو هو.

هوش سنڀالڻ ڪانپوءِ ريڊيو ٻڌڻ ۽ ريڊيو جي ٻارن واري پروگرام ۾ وڃڻ جو شوق ٿيو. والد صاحب پوليس ۾ ملازم هئا، تنهنڪري زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ٻه فلمون به ڏٺم: 'انتظار' ايلائيٽ سئنيما ۾ ۽ 'تيس مار خان' قيصر سئنيما ۾. ان ڪانپوءِ راقم خود ئي فلمبين بڻجي ويو ۽ 1968ع ۾ رليز ٿيل فلم 97 نمبر واري 11 آڪٽوبر جمع ڏينهن تي ڪوهه نور سئنيما ۾ 'مين زنده هون' ڏٺي هئي. ان ننڍيءَ عمر ۾ لڙائيءَ واريون فلمون گهڻيون پسند هونديون هيون، خاص ڪري لالا سڌير جون فلمون 'مين زنده هون' ۾ سڌير، اعجاز، شبنم، رنگيلا ۽ اديب هئا. ان فلم ۾ سڌير ولن اديب سان زبردست جنگ ڪندو آهي ۽ ان کي لڙائيءَ واري ٻوليءَ ۾ سڀ چوندا هئا: 'واهه جا گهن پيوا' سڌير فلم جو هيرو ۽ اديب ولن (سائيڊ هيرو) هو. 'مين زنده هون' فلم جو ذڪر رڳو فلم جي حوالي سان ڪرڻ مقصد نه هو پر راقم پنهنجي لاءِ به چئي ٿو ته 'مين زنده هون'، يعني 'آئون زنده آهيان' ۽ جيئرو جاڳندو آهيان. البته اها ٻي ڳالهه آهي ته شايد ضمير مري چڪو هجي ته هجي، باقي جسماني طرح ۽ جاگرافيائي لحاظ کان راقم زنده سلامت آهي. هن داستان لکڻ جو اصل مطلب اِهو آهي ته تازو حڪومت پاران رٽائرڊ ملازمن جي سهولت لاءِ هڪ نئين فخريه پيش ڪش جي نمائش ڪئي وئي آهي. 'لائيف سرٽيفڪيٽ' جي شاندار نمائش جاري آهي ۽ ماضيءَ جي فلمن وانگر 'ڪڙڪي ٽوڙ' زبردست رش نادرا جي سينٽرن (آفيسن) تي نظر اچي ٿي حالانڪ راقم کي مشهور هندستاني فلم 'آن' ۾ دليپ ڪمار جي سامهون نادرا کو خاص متاثر نه ڪيو هو. البته لتا جي ڳايل، موسيقار نوشاد جي موسيقي ۽ بدايون شهر جي شڪيل بدايونيءَ جي شاعريءَ وارو سدا بهار گانو 'تجهي کو ديا هم نه پاني کي بعد' پسند آيو هو. جڏهن به ملڪ ۾ ڪو نظام تبديل ٿيندو آهي ته ان کي هلائڻ وارن لاءِ به ان کي هلائڻ ۾ مسئلا پيدا ٿيندا آهن ۽ نئين نظام کي سمجهڻ ڪانپوءِ ان کي سمجهائڻ به ڪو سولو ڪم نه هوندو آهي. سرڪاري رٽائرڊ ملازمن کي هوندي به 'چٽل ڪارتوس' سمجهيو ويندو آهي. اڄڪلهه رٽائرڊ ملازمن کي حڪومت پينشن وٺڻ واري نظام ۾ سهولت عنايت فرمائڻ جو اعلان ڪرڻ لاءِ اشتهارن تي لکين رپيا لٽائي رهي آهي. پر هر سهولت 'سهولت جي نالي ۾ آسان' نه هوندي آهي ۽ وري هر سهولت هر ماڻهوءَ لاءِ به نه هوندي آهي. سرڪار جو سرڪاري خيال آهي ته پينشن جي هن نئين نظام سان سڀ مسئلا حل ٿي ويندا. ان لاءِ گورنمينٽ هڪ عدد ايپ به ايجاد ڪئي آهي. جنهن تحت بزرگ، جهونا ۽ پوڙها پينشنر بئنڪ بدران گهر ويٺي موبائيل تي پنهنجو آڱوٺو هڻي پنهنجي جيئري هئڻ جو ثبوت ڏيندا. هن نظام تحت نادرا مرڪزن تان بايو ميٽرڪ ڪانسواءِ منهن (بوٿ) واري شڪل تحت پينشن وٺڻ واري جي تصديق ڪئي ويندي. نادرا پاران پينشن ۾ سهولت واري هن اشتهار ۾ واضح لکيل آهي 'تمام' رٽائرڊ سرڪاري ملازمن لاءِ سڃاڻپ جو نئون نظام، هاڻ بايو ميٽرڪ لاءِ بئنڪ وڃڻ جي ضرورت نه پوندي. حالانڪ هن اعلان ڪانپوءِ راقم به هڪ رٽائرڊ وفاقي ملازم ۽ پينشن هولڊر هئڻ تحت ويجهي پنهنجي شهر جي نادرا آفيس ۾ پهتو (جيئن ڊائرين ۾ لکيل هوندو آهي ويجهي اسپتال) آفيس ۾ ٽوڪن بعد ڪمپيوٽر آپريٽر منهن مبارڪ جو تفصيلي جائزو وٺندي اکين ۾ هڪ اک جي نظر ختم ڏٺي اک ۾ لينس هئڻ جو ٻڌايو ۽ چيو ته سائين اوهان جو شناختي ڪارڊ جو نمبر اپ ڊيٽ نٿو ٿئي. آئون ۽ پنهنجي اداري کي چئو ته نمبر اپ ڊيٽ ڪرائي. ان ئي شام جو نادرا ميگا سينٽر لطيف آباد نمبر 8 ۾ لائيف سرٽيفڪيٽ لاءِ پاڻ کي حاضر ڪيو ته انهن به منهن جو بغور معائنو فرمائي چيو ته ڪل اوهان جو ڪارڊ وارو نمبر نٿو ملي، اپ ڊيٽ ڪرايو. ان تي راقم گهٽو ٿي چيو ته لائيف سرٽيفڪيٽ ڏيو، جيئن نادرا جي اشتهار ۾ هڪ جهونو ڏيکاريل آهي. ڪائونٽر تي اچي ٿو ۽ ڦٽافٽ ان کي لائيف سرٽيفڪيٽ ملي ٿو پوءِ راقم کي ڇونه؟ ان تي نادرا واضح ڪيو ته اوهان رجسٽرڊ نه آيو. بهرحال پنهنجي آفيس پهچي ٻئي ڏينهن صاحب وٽ پيش ٿي هٿ ادب جا ٻڌي صاحب بهادر کي عرض ڪرڻ لاءِ سِر بخت جو خير گهري گذارش ڪئي ته 'جيئن ته راقم هن وقت تائين سڌير جي فلم 'مين زنده هون' وانگر خود زنده سلامت، جيئرو ۽ جاڳندو اوهان جي حضور ۾ پيش ٿيو آهي ۽ هن کاتي جو رٽائرڊ ملازم آهي، سو راقم کي زنده هئڻ جي تصديق ڪري جيئري هئڻ جو سرٽيفڪيٽ ڏيو' ان تي صاحب چيو ته جي ها پر پهرين اوهان کاتي کي زنده هئڻ جو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي جيئري هئڻ واري درخواست لکي ڏيو ته 'آئون زنده آهيان' ۽ پنهنجي جيئري هئڻ جو ثبوت به لکيو ۽ تڪ ڪائونسلر کان زنده هئڻ جي تصديق به ڪرائي اچو. بهرحال جيوٽي ٻائيءَ جي ڳايل ڪلام 'تو راز ڪري فاش، خلق ڪلاتي آ' وانگر هاڻ خبر ڪٿن تائين پهتي آهي ته پينشن جي نظام ۾ في الحال انهن سرڪاري رٽائرڊ ملازمن کي شامل ڪيو ويو آهي، جيڪي مرڪز جا ملازم آهن ۽ 'اي جي پي آر' معرفت پينشن کڻن ٿا، جڏهن ته صوبائي ملازمن کي ٽريزريءَ ذريعي پينشن ملي ٿي. انهن کي اها 'سهولت واري آساني' حاصل هوندي ته هُو گهر ويٺي ايپ استعمال ڪن يا نادرا آفيس مان لائيف سرٽيفڪيٽ وٺن. باقي خودمختيار کاتا، خودمختيار ادارا ۽ يونيورسٽيون نادرا جي هِن فيز ۾ شامل ڪيا ويندا. جڏهن ته حڪومت طرفان پينشنرن لاءِ ڏنل اشتهار ۾ 'تمام رٽائرڊ ملازم' لکڻ سبب وفاق جا اهي ملازم، جيڪي مختلف وزارتن تحت رٽائرڊ ٿيا ۽ صوبن ۾ يونيورسٽين جا رٽائرڊ ملازم، في الحال پنهنجو قيمتي وقت برباد ڪري نادرا آفيسن تائين پهتا، پر مايوسيءَ جا هٿ مهٽي واپس ٿيا. هاڻ اهي ان پريشانيءَ ۾ مبتلا آهن ته جيڪڏهن بئنڪ کي بايوميٽرڪ جو اختيار ٿي ڪونهي ۽ نادرا وٽ به سندن رڪارڊ رجسٽرڊ نه آهي ته اهڙي حالت ۾ سندن مستقبل ڇا ٿيندو؟ اڄڪلهه هر چئنل ۾ موبائيل تي بريڪنگ نيوز طور حڪومت پاڪستان اي جي پي آر پينشن جو پراڻو ڪاغذ ۽ چيڪ وارو سسٽم هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو آهي ۽ بئنڪ جو پنڌ ڪرڻو نه پوندو. نئون اِي پينشن پورٽل نظام نافذ ڪري ڇڏيو آهي. نادرا جو عام اطلاع آهي ته Proof of life سرٽيفڪيٽ زندگيءَ جو ثبوت وارو سرٽيفڪيٽ سڀني پينشن هولڊرن کي ڏيندي، هن نئين ايس او پيز جو نوٽيفڪيشن به جاري ٿيل آهي هن ۾ فيملي پينشن به آهي. ان ڪري هاڻي دستاويزي طريقيڪار ختم ٿي ويو آهي. هاڻ ڊائريڪٽ پينشن جو ڪم ٿيندو. البته هر ڇهين مهيني 'زندگيءَ جي زنده دليل' ۽ زنده هئڻ جو ثبوت ڏيڻو پوندو ان لاءِ اڪائونٽنٽ جنرل پاڪستان، مالي ادارن جي سهڪار سان پينشن جو ڪم هلائيندو. هن وقت نائون مهينو هلي رهيو آهي ۽ نائون مهينو سخت تڪليف وارو هوندو آهي. اڳ بايوميٽرڪ مارچ (ٽئين مهيني) ۽ سيپٽمبر (نائين مهيني) ۾ ٿيندي هئي، يعني هر ڇهين مهيني تصديق ٿيندي هئي. هاڻ به هر ڇهين مهيني تصديق ٿيندي، جيڪا ڊجيٽل طريقي سان ٿيندي. البته هن وقت بئنڪن جي به پاليسي واضح نه آهي ته اڳتي هلي ڇا ٿيندو؟ سرڪاري ادارن جا حال هيٺا سور پيٺا آهن. پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز ته پينشن جي بلڪل خلاف آهي. سندس خيال آهي ته اها هجي ئي نه، اِهو بار آهي. نادرا جي ترجمان سيد شباهت علي هڪ مختصر وضاحت ۾ چيو آهي ته نادرا رڳو تصديق ڪندي پيسا ملازم جو ادارو ڏيندو. اسان جنجهٽ کي گهٽايو آهي. آئنده ٻئي فيز ۾ ٻين ادارن کي به شامل ڪيو ويندو. هن سلسلي ۾ 'اي جي پي آر' جي اڳوڻي سائين غفران ميمڻ سان راقم رابطو ڪيو ته هن سائينءَ سسٽم تي ڀرپور روشني وڌي ۽ سمجهايو. غفران ميمڻ چيو ته هن تحت زنده هئڻ جو ثبوت ڏيڻو پوندو ۽ هي مرڪز ۽ صوبن جو گڏيل تعاون آهي. ٻيا ادارا به هن ۾ اچي سگهن ٿا.

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

ارڙهن سالن جو اقتدار ۽ سنڌ جي ترقيءَ جا سوال

سياسي تاريخ ۾ ارڙهن سال ڪو معمولي عرصو نه هوندو آهي ايتري عرصي ۾ نه رڳو حڪومتون پنهنجا مقصد حاصل ڪري سگهن ٿيون، پر قومن جي تقدير بدلائڻ لاءِ به بنيادي قدم کڻي سگهجن ٿا. پيپلز پارٽيءَ کي سنڌ ۾ اقتدار سنڀاليندي ارڙهن سال گذري چڪا آهن جيڪڏهن هن عرصي کي انساني نسلن جي حوالي سان ڏسجي ته هڪ نسل جوان ٿي سگهن ٿا اهي ٻار، جيڪي ارڙهن سال اڳ اسڪولن ۾ داخل ٿيڻ جي عمر ۾ هئا، اڄ جوان ٿي چڪا آهن ۽ انهن مان ڪيترائي روزگار، تعليم ۽ بهتر مستقبل جي ڳولا ۾ دربدر ٿي رهيا آهن ڪنهن به حڪومت جي ڪارڪردگيءَ جو اندازو رڳو وڏين دعوائن جلسن اعلانن ۽ ترقياتي منصوبن سان نه پر عام ماڻهن جي زندگيءَ ۾ ايندڙ تبديليءَ سان لڳايو ويندو آهي جيڪڏهن ارڙهن سالن جي اقتدار کان پوءِ به سنڌ جا لکين ٻار اسڪولن کان ٻاهر هجن نوجوان ڊگريون کڻي روزگار لاءِ ڌڪا کائيندا وتن شهر بنيادي سهولتن کان محروم هجن ۽ ٻهراڙين جا ماڻهو غربت جي چڪيءَ ۾ پيسجندا رهن ته پوءِ حڪومتي ڪارڪردگيءَ بابت سوال ضرور پيدا ٿيندا سنڌ جا ماڻهو اهو پڇڻ ۾ حق بجانب آهن ته آخر ايتري ڊگهي عرصي دوران سندن زندگيءَ ۾ ڪهڙي بنيادي تبديلي آئي آهي؟ ڏٺو وڃي ته سنڌ قدرتي وسيلن زرخيز زمينن سامونڊي پٽي ڪوئلي گئس ۽ ٻين معدني ذخيرن سان مالا مال آهي جيڪڏهن انهن وسيلن کي عوام جي ڀلائيءَ لاءِ رٿابنديءَ سان استعمال ڪيو وڃي ها، صنعتن کي هٿي ڏني وڃي ها ۽ تعليم، صحت، زراعت ۽ روزگار کي ترجيح ڏني وڃي ها ته سنڌ اڄ ترقيءَ جي هڪ نئين منزل تي بيٺل هجي ها ضروري نه هو ته سنڌ کي پئرس بڻايو وڃي ها پر گهٽ ۾ گهٽ پنجاب جي ڪيترن ئي ترقي يافته علائقن جي برابر بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ممڪن ٿي سگهي پيو افسوس جو اڄ به سنڌ جا ڪيترائي علائقا بنيادي ترقيءَ لاءِ واجهائي رهيا آهن سنڌ جو سڀ کان وڏو مسئلو تعليم جي بدحالي آهي تعليم ڪنهن به سماج جي ترقيءَ جو بنياد هوندي آهي پر جڏهن ٻار اسڪولن کان ٻاهر رهن ته ترقيءَ جا خواب ڪيئن ساڀيان ٿي سگهندا؟ تعليم کان پوءِ نوجوانن جي بيروزگاريءَ هڪ ٻيو وڏو چئلينج آهي يونيورسٽين مان ڊگريون حاصل ڪندڙ نوجوان جڏهن نوڪريءَ لاءِ در در ڀٽڪندا آهن ته سندن مايوسي رڳو ذاتي مسئلو نه رهندي آهي پر اها سماج جي مجموعي ناڪاميءَ جو اظهار بڻجي ويندي آهي سنڌ ۾ وڏين صنعتن ڪارخانن ۽ پيداواري ادارن جي کوٽ سبب روزگار جا موقعا محدود آهن حڪومت کي گهرجي ته نيون صنعتون قائم ڪرڻ لاءِ سيڙپڪاريءَ کي هٿي ڏئي ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن کي سهولتون فراهم ڪري ۽ نوجوانن کي فني سکيا ڏئي جيئن اهي پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ بنا نوجوانن کي خوشحاليءَ جو يقين ڏيارڻ ممڪن ناهي سنڌ جي زراعت به سخت ڏکيائين کي منهن ڏئي رهي آهي زرعي زمينن جي گهٽجندڙ پاڻيءَ جي کوٽ، وڌندڙ خرچن ۽ آبادگارن جي معاشي بدحالي ڪيترن ئي خاندانن کي پنهنجي اباڻي ڌنڌي کان پري ڪري ڇڏيو آهي امن امان، انصاف جي فراهمي ۽ عوامي ادارن جي ڪارڪردگيءَ بابت به ماڻهن جون شڪايتون موجود آهن پيپلز پارٽيءَ کي سنڌ جي ماڻهن ڪيترائي ڀيرا اقتدار جو موقعو ڏنو آهي اها عوامي محبت رڳو سياسي حمايت نه پر حڪمرانن لاءِ هڪ وڏي ذميواري پڻ آهي اقتدار جو اصل مقصد ماڻهن جي زندگي آسان بڻائڻ، سندن مسئلا حل ڪرڻ ۽ ايندڙ نسلن لاءِ بهتر مستقبل جو بنياد رکڻ آهي هاڻي وقت اچي ويو آهي ته سنڌ سرڪار دعوائن کان اڳتي وڌي عملي نتيجا ڏيکاري.

علم الدين ڏيئو/ جيڪب آباد

آمريڪا جي فضائن مان

گڏيل قومن جي هال ۾ امن جو آواز، ٻاهر طاقت جي دنيا ۽ تبديل ٿيندڙ عالمي نظام!

راجا زاهد اختر خانزاده

(حصو ٻيو ۽ آخري)

جڏهن هڪ پاڪستاني صحافيءَ ڪانٽس ڀارت طرفان پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ جي مبينا سرپرستيءَ بابت سوال ڪيو، جئي شنڪر ان الزام کي قبول ڪرڻ بجاءِ پاڪستان کي 'terrorist country' قرار ڏيندي سوال کي ان ئي تناظر ۾ رد ڪري ڇڏيو. پاڪستان ڀارت تي پنهنجي سرزمين ۾ عدم استحڪام ۽ دهشتگرديءَ جي سرپرستيءَ جا الزام هڻندو رهيو آهي جڏهن ته ڀارت پاڪستان کان سرگرم گروهن کي پنهنجي سلامتيءَ لاءِ خطرو قرار ڏئي ٿو. هڪ ئي هال، هڪ ئي منبر، ٻه پاڙيسري ۽ ٻه مختلف قومي بيانيا. شايد هتي ئي 'هڪ ڇت، ڪيترين دنيائون' جو مفهوم سڀ کان وڌيڪ واضح ٿي وڃي ٿو. شهباز شريف جي تقرير جو دائرو رڳو ڀارت ۽ ڪشمير تائين محدود نه هو اوپر وچ ايشيا، ايران، نار جو خطو، سعودي عرب، افغانستان ۽ اهم عالمي سامونڊي رستا به سندس گفتگوءَ جو حصو هئا. هن آبناءِ هرمز ۽ باب المندب کي کليل رکڻ تي زور ڏنو. پاڪستان جو واپار نار جي خطي سان، توانائي اوپر وچ ايشيا سان، اقتصادي مستقبل جا ڪيترائي پهلو چين سان ۽ ملياتي ۽ سفارتي لاڳاپا آمريڪا سميت مغربي دنيا سان واڳيل آهن. شايد ان ڪري اڄ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ کي ڪنهن هڪ محور تي هلائڻ اڳ کان به وڌيڪ مشڪل آهي. ان ڪانپوءِ فلسطين جو وارو آيو. غزه جو ذڪر ڪرڻ ڪانسواءِ هن جنرل اسيمبليءَ جي تصوير مڪمل ٿئي ٿي. اتي ويٺل هوندي مون کي محسوس ٿي رهيو هو ته فلسطين هاڻي رڳو هڪ علائقائي تڪرار ناهي بلڪ عالمي نظام جي اخلاقي دعوائن جو امتحان به آهي.

فلسطين جي ڳالهه ٻڌندي منهنجي ذهن ۾ 1988ع جو هڪ پراڻو منظر موٽي آيو. ان وقت فلسطين لبريشن آرگنائزيشن جي چيئرمين ياسر عرفات کي آمريڪا نيويارڪ اچڻ جو ويزا ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته جنرل اسيمبليءَ فلسطين جي مسئلي تي پنهنجي نشست جنيوا منتقل ڪري ڇڏي، جتي عرفات دنيا سان خطاب ڪيو. لڳ ڀڳ چئن ڏهاڪن ڪانپوءِ تاريخ پاڻ کي ورجايو آهي. هن ڀيري فلسطيني صدر محمود عباس کي آمريڪا اچڻ جو ويزا نه مليو ۽ هن رڪارڊ ٿيل وڊيو ذريعي جنرل اسيمبليءَ سان خطاب ڪيو. جنرل اسيمبليءَ 152 ووٽن سان سندس ورچوئل شموليت جو رستو کوليو ۽ ڪيترن ملڪن آمريڪي فيصلي تي اعتراض به ڪيو پر 1988ع جهڙو اهو غير معمولي قدم نظر نه آيو. جڏهن هڪ فلسطيني يا عالمي اڳواڻ لاءِ نشست ئي نيويارڪ کان جنيوا منتقل ٿي هئي. شايد اهو ئي فرق ٻن زمانن جي ڪهاڻي به ٻڌائي ٿو. سوال اهو ناهي ته دنيا فلسطين جو آواز ٻڌو يا نه؟ بلڪ سوال اهو آهي ته چئن ڏهاڪن ۾ ان آواز تي دنيا جي گڏيل ردعمل جي طاقت ڪيتري تبديل ٿي آهي؟ اسرائيل پنهنجي فوجي ڪاررواين کي پنهنجي سلامتيءَ ۽ حماس خلاف جنگ جي حوالي سان پيش ڪري ٿو، جڏهن ته فلسطينين ۽ ڪيترن ملڪن تباهيءَ ۽ انساني بحران تي سخت اعتراض ڪيا آهن. گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل به غزه ۾ ويڙهه روڪڻ، انساني امداد پهچائڻ ۽ ٻه رياستي حل ڪرڻ جي اپيل ڪئي. ان دوران منهنجي ذهن ۾ هڪڙو سوال اُڀريو ته ڇا لفظ 'امن' به هر قوم لاءِ الڳ معنيٰ رکي ٿو؟ ڪنهن لاءِ امن پنهنجي سرحد جي حفاظت آهي، ڪنهن لاءِ پنهنجي ٻار کي جيئرو ڏسڻ، ڪنهن لاءِ رياست جي بقا ۽ ڪنهن لاءِ پنهنجي زمين تي آزادي. گڏيل قومن جي مشڪل شايد اها ئي آهي ته ان کي امن جي انهن مختلف تعريفن کي هڪ ئي ڇت هيٺ ويهارڻو پوي ٿو. ان ئي ڇت هيٺ چين جو آواز به ٻڌڻ ۾ آيو پر ان جي لغت آمريڪي ٻوليءَ کان مختلف هئي. چين رياستي خودمختياري ۽ بين الاقوامي قانون تي زور ڏيندي آمريڪي پاليسين جي ڪجهه پهلوئن تي تنقيد ڪئي. اهڙيءَ طرح هڪ طرف آمريڪا قومي مفاد، خودمختياري ۽ طاقت جي ٻولي ڳالهائي رهيو هو، ٻئي طرف چين خودمختياري، عدم مداخلت ۽ بين الاقوامي قانون جي ڳالهه ڪري رهيو هو. عالمي سياست جو پراڻو تضاد پنهنجي جاءِ تي موجود آهي ته اصول ان وقت تمام سهڻا ٻڌڻ ۾ ايندا آهن جڏهن انهن جو ٻنهي تي لاڳو ٿي رهيو هجي؛ ڪنهن رياست جي اصول جو اصل امتحان ان وقت ٿئي ٿو جڏهن اهوئي اصول ان جي پنهنجي مفاد جي آڏو بيهي وڃي.

مختلف سيشن دوران ڪڏهن ڪڏهن مان مقرر کي ٻڌڻ بجاءِ خاموشيءَ سان هال کي ڏسي رهيو هئس. منهنجي آڏو دنيا ويٺل هوندي هئي، وڏيون ايٽمي طاقتون به، ننڍيون ٻيٽ نما رياستون به، وڏيون معيشتون به ۽ اهي غريب ملڪ به جن لاءِ موسمياتي تبديلي ڪنهن ڪانفرنس جي اصطلاح ناهي بلڪ پنهنجي وجود جو سوال آهي. ڪنهن وٽ ايٽمي هٿيار آهن، ڪنهن وٽ ڊالر، ڪنهن وٽ تيل، ڪنهن وٽ ٽيڪنالاجي ۽ ڪنهن وٽ شايد رڳو پنهنجو آواز. ڪاغذ تي رياستون خودمختار ۽ برابر آهن پر گڏيل قومن جي عمارت کان ٻاهر دنيا ڪڏهن به برابر نه رهي آهي. ڪنهن وٽ سلامتي ڪائونسل جو ويٽو آهي، ڪنهن وٽ بي پناهه عسڪري طاقت، ڪنهن وٽ عالمي معيشت کي متاثر ڪرڻ جي صلاحيت ۽ ڪنهن وٽ رڳو اهي چند منٽ آهن، جن ۾ سندس نمائندو جنرل اسيمبليءَ جي منبر تي بيهي دنيا کي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي سگهي ٿو. نيويارڪ کان موٽندي منهنجي ذهن ۾ تقرين جي لفظن کان وڌيڪ تصويرون رهجي ويون ته گڏيل قومن جي ٻاهران لهرائيندڙ جهنڊا، سيڪيورٽي بيريئر، صحافين جا ڪئميرا، تيزيءَ سان گذرندڙ وفد، هال جون خالي ڪرسيون، وڄندڙ تاڙيون، راهدارين جي هلچل، ربيڪا گرينسپين سان مختصر ملاقات، محمد مهديءَ سان گفتگو، عظيم ميان ۽ فرخ سان ويهڪ، واشنگٽن ۾ خرم شهزاد ۽ پاڪستاني آمريڪن پريس ايسوسيئيشن پاڪستاني صحافي ۽ ريپبلڪن پاڪستاني صحافي اڳواڻ ساجد تارڙ ٽرمپ جو لهجو، شهباز شريف جي تقرير، ڪشمير ۽ پاڻي، غزه ۽ فلسطين، ايران، چين ۽ آمريڪا ۽ اهو عظيم هال جتي پوري دنيا واري وڃان پنهنجي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي ٿي. انهن سمورين تصويرن کي گڏ رکان ٿو ته محسوس ٿئي ٿو ته دنيا کي اڄ تقرين جي کوٽ ناهي، اصل کوٽ ان فاصلي کي گهٽائڻ جي آهي جيڪو تقرير ۽ عملن جي وچ ۾ وڌندو پيو وڃي. هي غزه هجي يا ڪشمير، يوڪرين هجي يا ايران، پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ پاڻي هجي يا آمريڪا ۽ چين جي وچ ۾ طاقت جي ڪشمڪش، گڏيل قومن جي لغت ۾ هر مسئلي لاءِ لفظ موجود آهن: امن، ڳالهه ٻولهه، خودمختياري، انصاف، انساني حق ۽ بين الاقوامي قانون. سوال اهو ناهي ته اسان وٽ لفظ باقي آهن يا نه؟ سوال اهو آهي ته ڇا انهن لفظن پويان ايتري اخلاقي ۽ سياسي طاقت آهي جو اهي طاقت کي روڪي سگهن؟ شايد ان ڪري هن ڀيري گڏيل قومن جي عمارت مون کي دنيا جي طاقت جي علامت هجڻ سان گڏ ان جي بيوسيءَ جو آئينو به محسوس ٿي. پر اهو اهڙو آئينو آهي جنهن کي ڀڃي ڇڏڻ مسئلي جو حل ناهي ڇاڪاڻ ته پوءِ دنيا پاڻ کي ڪٿي ڏسندي؟ ٻي عالمي جنگ جي ملبي مان پيدا ٿيندڙ هن اداري جا 8 ڏهاڪا گذرڻ ڪانپوءِ به جنگ موجود آهي. طاقت ڪيترائي ڀيرا قانون کان وڏي نظر اچي ٿي ۽ انصاف جي تعريف سرحد مٽجندي مٽجي وڃي ٿي. تڏهن به دنيا هر سال ان ئي عمارت ۾ موٽي اچي ٿي، ان ئي منبر تي بيهي ٿي ۽ هڪ ٻئي سان ڳالهائي ٿي. شايد ان ڪري ته انسان اختلاف باوجود هڪ ٻئي سان ڳالهائيندو رهڻ جو ان کان بهتر عالمي رستو اڃا ڳولي نه سگهيو آهي ۽ مان هن هال مان نڪرندي اهو ئي سوچي رهيو هئس: جڏهن قانون ۽ طاقت آمهون سامهون بيٺا هجن ته دنيا آخر ڪنهن جو آواز ٻڌي ٿي؟

ٻي عالمي جنگ جي ملبي مان پيدا ٿيندڙ هن اداري جا 8 ڏهاڪا گذرڻ کان پوءِ به جنگ موجود آهي. طاقت ڪيترائي ڀيرا قانون کان وڏي نظر اچي ٿي ۽ انصاف جي تعريف سرحد مٽجندي مٽجي وڃي ٿي. تڏهن به دنيا هر سال ان ئي عمارت ۾ موٽي اچي ٿي ان ئي منبر تي بيهي ٿي ۽ هڪ ٻئي سان ڳالهائي ٿي. شايد ان ڪري ته انسان اختلاف باوجود هڪ ٻئي سان ڳالهائيندو رهڻ جو ان کان بهتر علمي رستو اڃا ڳولي نه سگهيو آهي ۽ مان هن هال مان نڪرندي اهوئي سوچي رهيو هئس ته جڏهن قانون ۽ طاقت آمهون سامهون بيٺا هجن ته دنيا آخر ڪنهن جو آواز ٻڌي ٿي؟ گڏيل قومن جي ڇت اڄ به هڪ آهي مگر هن هڪ ڇت هيٺ آباد دنيائون اڄ به مختلف آهن

اڄوڪو ڏينهن ---- 29 سيپٽمبر

ڪرشن رامچندر ڪرپالاڻي

ڪرشن رامچندر ڪرپالاڻي مهان ليکڪ ۽ فريڊم فائيٽر هو. هن 29 سيپٽمبر 1907ع تي ڪراچيءَ ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو. ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد مان ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين. 1928ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪرڻ بعد اعليٰ تعليم لاءِ انگلينڊ روانو ٿي ويو. هن لنڊن جي اسڪول آف اڪانامڪس ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ لنڊن مان قانون جي سند حاصل ڪئي. 1931ع ۾ وطن واپس وريو ۽ لاهور ۾ وڪالت ڪرڻ شروع ڪيائين، گڏوگڏ آزاديءَ واري جدوجهد ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺڻ شروع ڪيائين. انهيءَ جدوجهد دوران هن کي ڪجهه عرصو قيد پڻ ڪاٽڻو پيو. اڳتي هلي رابندرناٿ ٽئگور جي قائم ڪيل وسوا ڀارتي يونيورسٽيءَ ۾ انگريزيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو. هن انهيءَ يونيورسٽيءَ پاران جاري ٿيندڙ ٽماهي رسالي جي ايڊيٽر طور پڻ ڪم ڪيو. 1946ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس جو جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيو. هو هندستان جي آئين ناهڻ واري ڪميٽيءَ جو ڪنوينر رهيو ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد جي پرسنل سيڪريٽريءَ طور پڻ ڪم ڪيائين. هن روس، جپان، برطانيه، فرانس ۽ جرمنيءَ سميت ڪيترن ئي ملڪن ۾ هندستاني وفدن جي نمائندگي ڪئي. 1962ع ۽ 1984ع جي وچ ۾ ڪيترائي ڪتاب تحرير ڪيائين، جن ۾ رابندرناٿ ٽئگور ۽ مهاتما گانڌيءَ جون سوانح عمريون به شامل آهن. 1969ع ۾ هن کي ڀارت سرڪار پاران پدما ڀوشن جهڙي اعليٰ ايوارڊ سان نوازيو ويو. هن ساهتيه اڪيڊميءَ جي پهرئين سيڪريٽريءَ ۽ هندستان جي نيشنل بڪ ٽرسٽ جي چيئرمين طور پڻ ڪم ڪيو. 1974ع کان 1980ع تائين راجيه سڀا جو ميمبر رهيو. هن 27 اپريل 1992ع تي پنهنجي حياتيءَ جو سفر پورو ڪيو.

روي واسواڻي

اڄ باليووڊ جي مشهور سنڌي مزاحيه اداڪار روي واسواڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هو 29 سيپٽمبر 1946ع ۾ نئين دهليءَ ۾ ڄائو. هن سينٽ جارج ڪاليج مسوريءَ مان ابتدائي تعليم حاصل ڪئي ۽ دهلي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين. هن پنهنجي اداڪاريءَ واري سفر جي شروعات 1981ع ۾ فلم چشم بددور سان ڪئي، جنهن ۾ هن هڪ مزاحيه ڪردار ادا ڪيو. ان بعد هن 2010ع تائين ٻين به ڪيترين ئي فلمن ۾ ڪم ڪيو جن ۾ جاني ڀي دو يارو، ڪڀي هان ڪڀي نان، ڇوٽا چيتن، اب آئيگا مزا، يون هوتا تو ڪيا هوتا ۽ ٻيون فلمون شامل آهن. هن ٽيليويزن جي به ڪيترين ئي مشهور ڊراما سيريلس ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. روي واسواڻيءَ جو 27 جولاءِ 2010ع تي لاڏاڻو ٿيو.

پروفيسر ضرار رستماڻي

هن مشهور محقق، اديب ۽ تعليمي ماهر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1965ع ۾ ٽنڊي باگي ۾ ٿيو. هو مئٽرڪ تائين ٽنڊي باگي ۾ پڙهيو ۽ انٽرميڊيئيٽ جو امتحان گورنمينٽ پاڪستان ڪاليج سعيدپور مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي گورنمينٽ اسلاميه ڪاليج بدين مان بي اي ۽ ايم اي (مسلم هسٽري) جا امتحان پاس ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات جونيئر اسڪول ٽيچر طور ڪيائين. بعد ۾ سنڌ جي تعليم کاتي ۾ ڪاليج جو ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪري ايسوسيئيٽ پروفيسر جو عهدو ماڻي 2023ع ۾ رٽائر ٿيو. هن 1999ع ۾ ٽنڊي باگي ۾ اورينٽ پبلڪ اسڪول قائم ڪيو جتي اڄ به قوم جا نونهال علم جي زيور سان مالامال ٿي رهيا آهن. پروفيسر رستماڻي مولوي احمد ملاح جي ڪلام جو وڏو پارکو آهي. هن مولوي احمد ملاح جو ڪلام گڏ ڪري "ڪلياتِ احمد" جي نالي ڪتاب سان ڇپرايو آهي، جيڪو سندس وڏو ادبي ڪارنامو مڃيو وڃي ٿو. اهو ڪتاب ٻن ڀاڱن ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

فرهاد جروار

هن ناميارى شاعر جو اصل نالو محمد شريف ولد جمع خان جروار آهي. سندس جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1978ع ۾ ضلعي ٽنڊو الهيار جي ڳوٺ خير محمد جروار ۾ ٿيو. هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي آنرس جي سند حاصل ڪئي آهي. لکڻ جي شروعات 1994ع ڌاري ڪيائين. هن جي شاعريءَ ۾ غزل، نظم، وايون، ڇوسٽا، بيت، پنجڪڙا ۽ دوها وغيره شامل آهن. سندس شاعري مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندي رهي آهي. گڏيل شاعريءَ جي مجموعي "پير پير جو پنڌ" ۽ "سخنور سنڌ ڌرتيءَ جا" ۾ به سندس شاعري شامل آهي.

گل نصرپوري

اڄ مشهور ليکڪ ۽ تعليمي ماهر مرحوم گل نصرپوريءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن سنڌ جي تاريخي شهر نصرپور ۾ اکيون کوليون. سندس ٻانگ جو نالو گل محمد ميمڻ هو. هن ابتدائي تعليم نصرپور مان حاصل ڪئي، بعد ۾ ٽنڊي الهيار ۾ پڙهيو. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌيءَ ۾ ماسٽر آف آرٽس جي سند حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪيائين. بعد ۾ ايليمينٽري ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج ۾ استاد طور ڪم ڪيائين. هو هڪ بلند پائيءَ جو شاعر، مقالا نگار ۽ ناول نگار هو. شاعريءَ ۾ مولانا غلام محمد گرامي ۽ مخدوم طالب المولىٰ کي پنهنجو استاد مڃيندو هو ۽ بزم طالب المولىٰ جي مشاعرن ۾ شوق سان شرڪت ڪندو هو. هن جون لکڻيون مهراڻ رسالي سميت سنڌ جي مختلف ادبي رسالن جي زينت بڻيون. هن هڪ ناول "درياهه جي ڪپ تي" لکيو جيڪو 1960ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هن 29 سيپٽمبر 1965ع تي وفات ڪئي.



مختيار انڙ

ميان جان محمد عباسي شاد ڀورڙائي

هن قادرالڪلام شاعر ۽ علم انسان دوست جو جنم تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ضلعي دادوءَ جي ڳوٺ ڀورڙي شريف ۾ 25 جولاءِ 1934ع تي ٿيو. هو اڃا معصوم ٻار هو، جڏهن سندس والد ميان حسن علي عباسيءَ وفات ڪئي، ان ڪري هن جي پرورش سندس چاچي ميان فيض محمد عباسيءَ جي هٿن ۾ ٿي. سندس ڏاڏو ميان جان محمد عباسي فدا پنهنجي دور جو وڏو شاعر ۽ علم دوست انسان هو. ميان جان محمد سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري تعليم کاتي ۾ پرائمري اسڪول جو استاد مقرر ٿيو ۽ سڄي عمر قوم جي نونهالن ۾ علم جي روشني پکيڙيندو رهيو. هن کي ننڍي هوندي کان ئي شاعريءَ ۽ ادبي سرگرمين سان دلچسپي هئي. شاعريءَ ۾ مشهور شاعر حافظ محمد احسن چنه کان اصلاح وٺندو هو. هن پنهنجي ڳوٺ ۾ "بزمِ فدا" نالي ادبي سنگت جو بنياد رکيو ۽ پاڻ انهيءَ جو پهريون سيڪريٽري چونڊيو ويو. بزم طالب المولىٰ سان به سندس ساٿ رهيو. هو سنڌ جي مختلف شهرن ۾ منعقد ٿيندڙ مشاعرن ۾ شوق سان حصو وٺندو هو. ذاتي زندگيءَ ۾ انتهائي نيڪ سيرت ۽ پرهيزگار انسان هو. هن 29 سيپٽمبر 1981ع تي هن فاني دنيا کان هميشه لاءِ منهن موڙي ڇڏيو.



علي نواز حاجن جتوئي

اڄ لسانيات جي ماهر پروفيسر علي نواز حاجن جتوئيءَ جي ورسيءَ جو ڏهاڙو آهي. هن جو جنم 11 جولاءِ 1914ع تي ڳوٺ گڏو، نزد پراڻا جتوئي تعلقي موري ۾ ٿيو. هو ڊي جي سنڌ ڪاليج، جهونا ڳڙهه ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهيو. 1953ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو. کيس سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي پهرئين چيئرمين هئڻ جو اعزاز حاصل آهي. هن جا لکيل مضمون سنڌ جي مختلف رسالن ۾ ڇپيا. سندس لکيل ڪتابن ۾ "علم لسان ۽ سنڌي ٻولي"، "ويرون ۽ وهڪرا"، "ديوان حافظ"، "سنڌي صحيفو"، "غزلن جو غنچو" (ترتيب ڏنل) ۽ "شهيد گرهوڙيءَ جو سنڌي ڪلام" شامل آهن. ان کان علاوه ڪجهه ڪتاب ترجمو به ڪيائين. هن 29 سيپٽمبر 1996ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي.



سيد امداد محمد شاهه

اڄ سائين جي ايم سيد جي فرزند سيد امداد محمد شاهه جي وفات جو ڏينهن آهي. سندس جنم 30 سيپٽمبر 1935ع تي ڄامشوري ضلعي جي شهر سن ۾ ٿيو. هن پهريان ٽي درجا سن ۾ پڙهيا. ان بعد ڪراچيءَ ۾ پهريائين گرامر اسڪول ۾ ۽ بعد ۾ سينٽ پيٽرڪ اسڪول مان تعليم حاصل ڪيائين. هن ڊي جي سائنس ڪاليج مان بي ايس سي ۽ اسلاميه ڪاليج ڪراچيءَ مان ايل ايل بي جي سند حاصل ڪئي. هن کي پنهنجي اباڻي زمين مان سڪرنڊ تعلقي جي ڳوٺ مجيد ڪيرڙيءَ جي آسپاس حصو مليو. ان ڪري پاڻ گهڻو وقت اتيئي گذاريائين. هن قاضي فيض محمد سان گڏ ڪجهه وقت نوابشاهه ۾ وڪالت پڻ ڪئي. پاڻ 1985ع ۽ 1988ع ۾ ٻه ڀيرا صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. سياسي طور تي عوامي ليگ ۽ پونم سان واڳيل رهيو. هن پنهنجي علائقي ۾ ڪيترائي ترقياتي ڪم ڪرايا ۽ ڪيترائي اسڪول ۽ ڪاليج کولرايا. هن 29 سيپٽمبر 2004ع تي وفات ڪئي.

گلشن شيخ

هن مشهور صحافيءَ جو جنم 13 اپريل 1973ع تي ڳوٺ ٻهمڻ، تعلقي رتيديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هو مئٽرڪ تائين رتيديري ۾ پڙهيو. 1995ع ۾ رتيديري ۾ هڪ پرنٽنگ پريس جو بنياد وجهي "ساوڪ" نالي هڪ اخبار جاري ڪيائين. اڳتي هلي روزگار سانگي ڪراچيءَ منتقل ٿيو ۽ اتي ڪراچيءَ جي قديم ڳوٺن جي بچاءَ لاءِ "قديم ڳوٺ اتحاد ايڪشن ڪميٽيءَ" جو بنياد وڌائين ۽ پاڻ انهيءَ ڪميٽيءَ جو مرڪزي اطلاعات سيڪريٽري مقرر ٿيو. ڪراچيءَ مان هن رچنا نالي هڪ ماهوار رسالو پڻ جاري ڪيو. هو مختلف اخبارن ۽ ٽي وي چئنلن جو رپورٽر پڻ رهيو. هن ڪجهه ڊراما نجي ٽي وي چئنلن تان پيش ڪيا. 29 سيپٽمبر 2021ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج IV ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات راحيلہ زال محمد زمان رهندڙ ڳوٺ غلام علي لغاري مسڻ تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار .. پلينٽف.بخلاف. محمد زمان ولد نور محمد رهندڙ ڳوٺ غلام علي لغاري مسڻ تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 02-10-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج IV ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج IV ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر 84سال 2026

مسمات راڻي زال علي رضا ذات ڪشميري حال رهندڙ پلاٽ نمبر 161عبدالغني ميو ڪالوني نزد چمبڙ روڊ تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊو الهيار 2- بابا محمد رضا ولد علي رضا (صغير) عمر اٽڪل 5 سال 3- بيبي نور فاطمہ ڌي علي رضا سيما (صغير) عمر اٽڪل 8 مهينا (ٻئي صغير معرفت سندن ماءُ مدعي نمبر 1) - مدعي - خلاف - علي رضا ولد رضا حسين بالغ مسلم ذات ڪشميري رهندڙ ڳوٺ شبراتي ڪشميري شيخ پرڪيو تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊو محمد خان - مدعاليہ. نوٽس مٿين نالي واري مدعاليہ ڏانهن : جيئن تہ مٿين نالي واري مدعيءَ اوهان جي خلاف خرچ ۽ ڀير جي خرچ جي پيسن جي وصولي لاءِ هڪ دعوي ا داخل ڪرائي آهي جنهن جي ٻڌڻي 29-09-2026 تي صبح جو 30-08 وڳي رکي آهي اوهان کي هن اشاعت معرفت نوٽس ٿو ڏجي تہ ٻڌڻي جي تاريخ ۽ وقت تي پاڻ يا پنهنجي وڪيل يا بااختيار ايجنٽ معرفت پيش ٿي جواب/ اعتراض داخل ڪندا ناڪامي جي صورت ۾ قانون مطابق فيصلو ڪيو ويندو . منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مهر سان 28 سيپٽمبر 2026 تي جاري ٿيو بحڪم :

فيملي جج IV ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار
ايف سي سوٽ نمبر 117 سال 2026

مسمات حوا ڌيءِ بهرام خان زال زاهد حسين رهندڙ ڳوٺ مريد خان لنڊ تعلقو چمبڙ ضلع ٽنڊو الهيار .. پلينٽف.بخلاف. (1) اسٽنٽ مينيجر نادرا ٽنڊو الهيار (2) ڊي جي نادرا اسلام آباد ....ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 29-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظيرآباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 422 سال 2026

مسمات فرزانہ بيبي ڌيءِ Mansab Ali رهندڙ علي ستي نزد فارسي باغ نوابشاهہ .. پلينٽف.بخلاف. نذير علي ولد نواب خان مستوئي رهندڙ ڪيمٽ نمبر 2 غوثيہ مسجد نوابشاهہ ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 02-10-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظيرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظيرآباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
ايگزيڪيوشن سوٽ 44 سال 2026 فيملي سوٽ 506 سال 2026

مسمات نسيم خاتون ڌيءِ علي نواز خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ نواب مراد علي ديهہ 26 داد نوابشاهہ .. پلينٽف.بخلاف. طارق ولد سليمان خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ غلام رسول شاهہ نوابشاهہ ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13(3) فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 01-10-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظيرآباد

لاتعلقي جواظهار

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ منهنجو پٽ نالي فياض ولد غلام سرور جيڪو غلط صحبت ۾ اچي نافرمان ٿي ويو آهي ۽ گهروارن سان سلو برتاءُ تہ اٿس اڄ کانپوءِ اسان جو ان سان ڪنهن بہ قسم جو ڪو بہ واسطو نہ آهي اگر ڪوبہ شخص يا ادارو سندس سان ڪنهن بہ قسم جي ڏيتي ليتي ڪندو يا ڦلو فساد ڪندو تہ ان سان اسان جو ڪو بہ واسطو نہ رهندو هو پنهنجي ٻري ڀلي جو پاڻ ذميوار هوندو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي

غلام سرور ولد محمد مٺل ويٺل ڳوٺ خاوند ڏنو موريو
تعلقو ڀريا ضلعو نوشهروفيروز
شناختي ڪارڊ نمبر 4530165844073

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي تہ عرضدار روشن علي ملاڻو ولد محمد اسماعيل رهندڙ ڳوٺ قائم ٻيهر تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي تہ سندس نالي مسمات نعمت زال محمد اسماعيل تاريخ 19-01-2024 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 340،121،113،120،110 ٻيا حصي موجب ديهہ مولان ٽپو مولان تعلقو حيدرآباد جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسہ عام بيان ۾ ڏني آهي (1) خان محمد (پٽ)(2) روشن علي (پٽ) (3) صدر حسين (پٽ) (4) اهيجاڻي (ڌي) (5) رخسانہ ملاڻو (ڌي) جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبہ جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي تہ هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرالالڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نہ هوندي

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي تہ عرضدار علي محمد ولد غلام نبي رهندڙ ڳوٺ قائم ٻيهر تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي تہ سندس نالي مسمات غلام محمد ولد محمود تاريخ 16-11-2015 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 317/33/2 ايراضي حصي موجب ديهہ مولان ٽپو مولان تعلقو حيدرآباد جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسہ عام بيان ۾ ڏني آهي (1) غلام نبي (پاڻ)(2) غلام نبي ولدمحمود مورخہ 26-12-2017 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث (1) علي محمد (پٽ) (2) فوتي اڪبر الدين (3) اڪرم (پٽ) (4) قائم (پٽ) جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبہ جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي تہ هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرالالڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نہ هوندي

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن تہ درخواستگذار نالي شان محمد ولد شهمير ڪوسو ويٺل حاجي شهمير خان ڪوسو تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي تہ سندس والد نالي شهمير ولد ڏاتو ڪوسو جيڪو تاريخ 04-05-1990 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديهہ شاهپور ٽپو شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي. (1) رياض حسين (پٽ) (2) محمد طفيل (پٽ) (3) شان محمد (پٽ) (4) حاجاڻي (ڌي) (5) سسئي (ڌي) (6) شهجان (ڌي) (7) حسينا (ڌي) (8) مهتاب (ڌي) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ فوتي فقہ اهلسنت جو مسلمان هو سندس گهرواري والد ۽ والدہ فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) قادر بخش ولد جمعون خان ڪوسو (2) الهنواز ولد محمد ڪوسو جن ڳوٺ شهمير ڪوسو ۾ مقرر ڪيل جلسہ عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهنڪري هرخاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي تہ جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو بہ اعتراض هجي تہ هن اشاعت جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو بہ اعتراض ٻڌڻ جوڳو نہ رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن42 موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

هر عام وخاص کي آگاهہ ٿو ڪجي تہ پلاٽ نمبر 118/2 نائب (بي) ايراضي 166 مربع گز واقع ڪوهسار فيز 2 لطيف آباد حيدرآباد جو شهباز وهاب ولد وهاب الدين , فيصل نذير ولد وهاب الدين, خالد نذير ولد وهاب الدين جي نالي تي هو مذڪوره پلاٽ ۾ شهباز وهاب ولد وهاب الدين کي حصي جو رقم ڏئي چڪي آهي ان پلاٽ سان شهباز وهاب جو هاڻي ڪو بہ تعلق نہ آهي اگر ڪنهن کي اعتراض هجي تہ آگاهہ ڪري

شهباز وهاب 03332782375

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات مرڪ جتوئي .. پلينٽف.بخلاف. ڪامران ولد حيدر جتوئي رهندڙ راڄڙ سٽي نزد ريلوي اسٽيشن تعلقو ميهڙ ضلعو دادو سيل نمبر 03053544587..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ مينٽيننس اينڊ رڪوري داوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 29-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 338 سال 2026

مسمات معروف .. پلينٽف.بخلاف. محمد اسماعيل ولد عبدالله ذات جمالي رهندڙ ڳوٺ حاجي بريو جمالي بي اي جوهي واهي پانڌي ضلعو دادو حال مدينہ نگر ڄامشورو سيل نمبر 03103416289..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 14-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 367 سال 2026

مسمات نادرا ڌيءِ صالح لانگاهہ زال نصير علي رهندڙ سبحان الله ڪالوني ڪوٽڙي .. پلينٽف.بخلاف. نصير علي ولد مبارڪ علي رهندڙ نوراني بستي لالو لاشاري هيرآباد حيدرآباد 03163140854..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 06-10-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 345 سال 2026

مسمات هما ڪنول .. پلينٽف.بخلاف. سيد ارباب علي شاهہ ولد اشفاق علي شاهہ رهندڙ محمد اولو ڳوٺ ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو 03123841652..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس اينڊ رڪوري آف داور اماؤنٽ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 30-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ فرسٽ سول جج اينڊ جي ايم ڄامشورو
ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر سال 2026

فرزانہ .. پلينٽف.بخلاف. اختر حسين ولد فريد سانگي رهندڙ فليٽ نمبر G/1713 جاني شاهہ محلہ 03 نمبر تلاءُ تعلقو ضلعو حيدرآباد ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13(3) فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 30-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج V حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1144 سال 2026

مسمات ڪنول زال فتح محمد ڌيءِ غلام مصطفيٰ ويسر رهندڙ گهر نمبر A-46 حيدرآباد بنگلوز قاسم آباد حيدرآباد .. پلينٽف.بخلاف. فتح محمد عرف وسيم راڄپر ولد گلبهار رهندڙ گهر نمبر B62 حيدرآباد بنگلوز قاسم آباد حيدرآباد ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 30-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VIحيدرآباد
(روبرو جناب خالد حسين لغاري)
سمري سوٽ نمبر 210 سال 2026

شيرزادہ ولد سيد رحمن رهندڙ پي او ملٽري فارم مردان حال اسلام آباد پاڙو حيدرآباد اٿارني محمد سعيد ولد عبدالرزاق ذات راجپوت رهندڙ گهر نمبر N-79 ظفر هائوسنگ اسڪيم حيدرآباد .. پلينٽف.بخلاف. ڪريم بخش راڄپر ولد محمد بخش راڄپر رهندڙ اسٽريٽ نمبر 05 پٺاڻي اسپتال لطيف آباد ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سمري سوٽ زير قلم 37 رول 1 ۽ 2 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 06-10-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VIحيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج V حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 734 سال 2026

مسمات عريشا رحيم ڌيءِ محمد رحيم درس رهندڙ گهر نمبر B-2 نوراني نگر قاسم آباد حيدرآبادمعرفت اٽارني محمد رحيم ولد دريا خان درس .. پلينٽف.بخلاف. علي حسين ملاح ولد شاهد علي رهندڙ وارڊ نمبر 08 گولاڙچي روڊ بدين سٽي ضلعو بدين ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 01-10-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج سعيد آباد
(روبرو جناب عبدالستار)
فيملي سوٽ نمبر 100 سال 2026

مسمات ثوبيہ ڌيءِ غلام نبي زال مهتاب ذات ماڇي رهندڙ وارڊ نمبر 12 سولنگي محلہ سعيد آباد تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري .. پلينٽف.بخلاف. مهتاب ولد پٺاڻو ذات ماڇي رهندڙ ڳوٺ لٿو لال نزد مجيد ڪيريو تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ ۽ داوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 03-10-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ فيملي جج سعيد آباد

لاتعلقي جواظهار

هر عام خاص کي اطلاع ٿي ڏيان جيئن تہ منهنجي شادي بتاريخ 18-12-2023 تي نادر ولد غلام حسين سان شرعي طريقي موجب شادي ٿي جنهن مان اسان کي هڪ نياڻي طيبہ آهي. آئون پنهنجي مڙس ۽ نياڻي سان پنهنجي مرضيءَ ۽ خوشيءَ سان رهندي اچان ٿي پنهنجي ازدواجي زندگيءَ مان مطمئن آهيان.منهنجي والدين طرفان مون تي مڙس کان طلاق وٺڻ لاءِ دٻاءُ وجهڻ ۽ منهنجي ازدواجي زندگيءَ ۾ مداخلت ڪرڻ سبب، پنهنجي والد مولا بخش جوڻيجو، والدہ ڦيائي، رهواسي محلہ غريب آباد ڪالوني ڪوٽڙي، ضلع ڄامشورو، توڙي پنهنجن ڀائرن ۽ ڀيڻن سان پنهنجي آزاد مرضيءَ سان ڏاتي ۽ سماجي لاتعلقيءَ جو اعلان ڪريان ٿي.اڄ کان پوءِ جيڪڏهن مٿين ڄاڻايل ماڻهو منهنجي، منهنجي مڙس يا سندس گهر ڀاتين خلاف ڪا شڪايت، الزام يا دعويٰ ڪن تہ منهنجو واضح موقف آهي تہ آئون پنهنجي مڙس سان پنهنجي آزاد مرضيءَ سان رهندڙ آهيان. ڪنهن بہ قسم جي هراسان ڪرڻ، ڌمڪي ڏيڻ يا اسان جي ازدواجي زندگيءَ ۾ ناجائز مداخلت جي صورت ۾ قانوني تحفظ لاءِ لاڳاپيل ادارن سان رجوع ڪيو ويندو

ناهيد زال نادر، ڌيءِ مولا بخش جوڻيجو
رهواسي گهر نمبر 173، بلاڪ A، محلہ هاءِ وي ٽائون
فيز-1، گلشن شهباز ڪوٽڙي، ضلع ڄامشورو

عام اطلاع

جيئن تہ درخواستگذار نالي فيض محمد ولد بلوچ ڪوسو ويٺل مير حسن محلہ تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي تہ سندس والدہ نالي فاطمہ بيواهہ بلوچ ڪوسو تاريخ 27-11-2016تي فوت ٿي وئي آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديهہ پورڪو ۽ سترٽپو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) مريد (پٽ) (2) فيض محمد (پٽ) (3) مولا بخش (پٽ) (4) نعيم ڪوسو (پٽ) (05) رقيہ ڪوسو (ڌي) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ فوتي فقہ اهلسنت جو مسلمان هو سندس والد ۽ والدہ فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) آفتاب احمد ولد ڏني بخش ميمڻ (2) مولابخش ولد علي محمد ڪوسو جن شهر مٽياري ۾ مقرر ڪيل جلسہ عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهنڪري هرخاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي تہ جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو بہ اعتراض هجي تہ هن اشاعت جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو بہ اعتراض ٻڌڻ جوڳو نہ رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن42 موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن تہ درخواستگذار نالي فيض محمد ولد بلوچ ڪوسو ويٺل مير حسن محلہ تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي تہ سندس والد نالي بلوچ ولد حيدر بخش ڪوسو تاريخ 15-12-2004 تي فوت ٿي وئي آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديهہ پورڪو ۽ سترٽپو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) مريد (پٽ) (2) فيض محمد (پٽ) (3) مولا بخش (پٽ) (4) نعيم ڪوسو (پٽ) (05) رقيہ ڪوسو (ڌي) (6) فاطمہ فوتي (بيواهہ) (7) حيدر بخش ڪوسو والد (فوتي) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ فوتي فقہ اهلسنت جو مسلمان هو سندس والد ۽ والدہ فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) آفتاب احمد ولد ڏني بخش ميمڻ (2) مولابخش ولد علي محمد ڪوسو جن شهر مٽياري ۾ مقرر ڪيل جلسہ عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهنڪري هرخاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي تہ جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو بہ اعتراض هجي تہ هن اشاعت جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو بہ اعتراض ٻڌڻ جوڳو نہ رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن42 موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

گمشده فائل بابت اطلاع

آئون نالي الطاف حسين ولد محمد صالح ميمڻ پڌرو ٿو ڪريان منهنجي پلاٽ نمبرR-276 ، GFCبلڊرز ڪراچي کان هڪ پلاٽ قسطن تي ورتل آهي جنهن جا ڪاغذ فائل گس هلندي ڪٿي ڪري گم ٿي ويا آهن ڪافي ڳولهڻ ڪرڻ باوجود نہ مليا تمام دوستن ۽ يارن کي گذارش آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن کي هي منهنجو فائيل ملي تہ مهرباني ڪري هن ايڊريس تي موڪلي ڏي تہ مهرباني ٿيندي اهڙي اين سي بدين ٿاڻون ٿاڻي تي داخل ڪرايل آهي

الطاف حسين ولد محمد صالح ميمڻ رهندڙ علي ٽائون
نزد سيشن ڪورٽ شهر بدين
موبائيل نمبر 03312265137

بقايا 1 "روزاني عبرت"

ادارن ڏانهن اماڻي ويو جنهن سبب ملازم سڄي سنڌ اندر دربدر اڃان تائين ڪٿي بہ جوائننگ نہ ٿي سگهي. وايس اداري اندر رڪنداسين ملازمن کي ڏنا دلاسا ڏيئي اداري اندر ويٺل ملازم متاثر ملازمن کان لکين روپيا ڦٻائڻ لڳا. ان سلسلي ۾ ايس، ڊي، اي، جي گيٽ آڏو احتجاج ڪندي امتياز ويسر دانهيندي الزام هنيو آهي تہ اداري جي ڪنجي سنڀاليندڙ ذميوار ڊيسڪ تي ويٺل راجا اوڍو مون کان مبينا بيوقوف بڻائي چار لک روپيا هڙپ ڪيا آهن هن مون 2025 جون رهيل پگهارون ڪرڻ ، ايس، ڊي، اي ۾ واپس ڊيوٽي تي رکڻ ۽ اسرار پٽو جيڪو غريب شخص آهي اٺهي کي سروس بڪ ناهي ڏيڻ جا ٽوٽل چار لک ورتا آهن ۽ هاڻي هو اسان کي سڃاڻي ئي ڪونہ ٿو سندس کاتي جي ملازمن بہ سندس جي مٿان دٻاءُ رکيو پر هو ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي هن چيو تہ مون اينٽي ڪرپشن ۽ حيدرآباد ۾ مختلف ادارن ۾ درخواستون ڏنيون آهن . هن الزام لڳايو تہ راجا اوڍو آيس، ڊي، اي مان ڪروڙن جي ڪرپشن ڪري بنگلا خريد ڪيا آهن هن مطالبو ڪيو تہ مان غريب آهيان جنهن ڪم جي لاءِ پئسا ورتا ويا اهن اهو ڪم بہ نہ ٿيو وس وارا نوٽيس وٺن ۽ مون سان انصاف ڪن .ٻئي طرف ايس، ڊي، اي مان زوري ٽيڪالي ڏنل ملازم سڄي سنڌ اندر دربدر ٿي ويا اطلاعن مطابق ڪنهن جي بہ پوسٽنگ نہ ٿي سگهي ڳري رشوت وٺي پوسٽنگ ڪرائڻ لاءِ ملازمن کي آڇون جنهن سبب ملازم پريشان ايڏي وڏي ستم ظريفي جو سياسي سماجي تنظيمن نوٽيس ورتو آهي هنن چتاءُ ڏنو آهي ملازمن سان ناروا سلوڪ بند ڪري هنن کي پوسٽنگ ڏني وڃي تہ جيئن هو پنهنجي گهر وارن سان خوش رهي سگهن.

بقايا 2 "روزاني عبرت"

ٽنڊوآدم سٽي پوليس واقعي جي اين سي داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 3 "روزاني عبرت"

پوي ٿي جڏهن تہ عورتن ۽ ٻارن کي بہ پنين ۽ ٻين هنڌن ڏانهن وڃڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي رهي آهي. ڳوٺاڻن جو چوڻ هو تہ رستن جي بندش سبب سندن معمول جي زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي، هنن چيو تہ ڄاڻايل معاملي جي ڊي سي ٿرپارڪر ايس ايس پي ٿرپارڪر کي مطلع ڪري بار بار درخواستون ڏنيون ويون آهن پر ڪنهن بہ ايڪشن ناهي ورتو ڳوٺاڻن مطالبو ڪيو تہ مبينا قبضو ختم ڪرائي بند ڪيل رستا بحال ڪيا وڃن ۽ کين بنيادي سهولتن تائين بنا رڪاوٽ رسائي فراهم ڪئي وڃي.

بقايا 4 "روزاني عبرت"

ماڻهو سڄاڳ آهن ڪڏهن پنهنجي ماءُ سوڌو قبول نہ ڪندا هن سنڌي قوم کي اپيل ڪئي تہ 15 آڪٽوبر تي ڪراچي ۾ قائداعظم محمد علي جناح جي مزار تي پهچي سنڌ جي ورهاست خلاف احتجاج ۾ شرڪت ڪري سنڌي هجڻ جو ثبوت ڏين

بقايا 5 "روزاني عبرت"

مٿان ڪوڙا ڪيس ڪري ڪين حيسايو پئي ويو هاڻ ظلم ڏٺين کي اغوا ڪيو پيو وڃي پوليس جي ناڪامي جو چٽو ثبوت آهي مظاهرين مطالبو ڪيو خانپور مهر جي صحافي عظيم سيال کي فل فور بازياب ڪرايو وڃي.ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 6 "روزاني عبرت"

شراب سميت گرفتار ڪيو پوليس ترجمان موجب، ڪنڊرا پوليس اسٽيشن جي ايس ايڇ او سنيپ چيڪنگ جي حدن اندر آپريشن ڪندي جوابدار اسلام شر کي گرفتار ڪيو. پوليس گرفتار جوابدار جي قبضي مان 1,040 گرام چرس هٿ ڪرڻ جو دعويٰ ڪيو آهي. پوليس موجب، جوابدار خلاف نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ وڌيڪ جاچ شروع ڪئي

وڃي آهي. هيو آپريشن پوليس اسٽيشن اي سيڪشن جي حدن اندر ڪيو ويو. جتي پوليس جوابدار اعجاز احمد کي شراب جي بوتلن سميت گرفتار ڪيو. پوليس موجب، گرفتار جوابدار جي قبضي مان چار شراب جون بوتلون هٿ ڪيون ويون آهن. جوابدار خلاف 3/4 ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. سکر پوليس ترجمان موجب، منشيات جي خاتمي ۽ منشيات فروشن خلاف ڪارروائيون زيرو ٽالرنس پاليسي تحت جاري رهنديون.

بقايا 7 "روزاني عبرت"

ايس ايس پي سکر احمد فيصل چوڌري گڏپور منو پتڻ پهچي منو پتڻ تي ڪيمپ قائم ڪري ورتي درياهہ جي اورئين پار گڏپور پرئين پار شڪارپور توڙي ڪشمور ضلعن جي علائقن ۾ ڊرون ذريعي نگراني ۽ ڪارروايون جاري آهن ڊرون گولا هڻي ڌاڙيلن جا ڪجهہ ٺڪاڻا بہ تباهہ ڪيا ويا آهن؛ ذريعا سکر ۽ گهوٽڪي ضلعي جون ٽيڪنيڪل ٽيمون ۽ وڏي نفري منو پتڻ تي موجود آهي جنهن جي ڪمانڊ سکر ۽ گهوٽڪي جا ايس ايس پيز ڪن پيا، ذريعا صحافي عظيم سيال کي اغوا ڪندڙن ۽ سهولتڪارن خلاف ڪارروايون هلڻ پيون.ذريعا ڪچي ۾ خانپور مهر جي سينئر صحافي محمد عظيم سيال جي بازيابيءَ لاءِ آپريشن جاري پوليس ڊرون ذريعي ڌوهاري گينگ واجو مصراڻي جا ٺڪاڻا تباهہ ڪرڻ جا اطلاع ، ڪچي ۾ ڪي ٽي اين نيوز جي رپورٽر عظيم سيال جي بازيابي لاءِ پوليس جو آپريشن جاري، ڊرون ذريعي ڪچي جي مختلف علائقن ۾ نگراني ۽ ڪارروايون، مبينا ڌاڙيلن جا ڪجهہ ٺڪاڻا تباهہ ڪرڻ جي دعويٰ. ايس ايس پي گهوٽڪي انور کيتران ۽ ايس ايس پي سکر احمد فيصل چوڌري منو پتڻ پهچي ڪيمپ قائم ڪري آپريشن جي نگراني ڪري رهيا آهن. سکر ۽ گهوٽڪي جي ٽيڪنيڪل ٽيمن ۽ وڏي پوليس نفري جي موجودگي، اغواڪارن ۽ مبينا سهولتڪارن خلاف ڪارروايون جاري آهن.پنوعاقل؛ سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطا تارڙ پاران ڪي ٽي اين نيوز جي رپورٽر عظيم سيال جي اغوا جو نوٽيس سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطا تارڙ ڪي ٽي اين نيوز جي رپورٽر عظيم سيال جي اغوا واري واقعي جو نوٽيس وٺندي معاملو جرنلسٽس پروٽيڪشن ڪميٽي ڏانهن موڪلڻ جو اعلان ڪيو آهي. عطا تارڙ چيو آهي تہ عظيم سيال جي اغوا واري معاملي جا سمورا تفصيل اڄ ئي طلب ڪيا پيا وڃن، جڏهن تہ واقعي بابت لاڳاپيل ادارن کان رپورٽ ورتي ويندي. وفاقي وزير چيو تہ صحافين جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ عظيم سيال جي معاملي کي جرنلسٽس پروٽيڪشن ڪميٽي آڏو رکيو پيو وڃي.

بقايا 8 "روزاني عبرت"

مسئلا حل ڪرايو صدر فيڊريشن آف پاڪستان چيمبرس آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري عاطف اڪرام شيخ چيو تہ اسين توهان واپاري برادري جا مسئلا حل ڪرائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪنداسين. چيف پيٽرن يونائيٽيڊ بزنس گروپ آف پاڪستان ايس ايم تنوير چيو تہ انرجي سيڪٽر ٽيڪس ۽ ٻيا مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪنداسين تہ جيئن واپاري کي رليف ملي سگهي. تقريب ۾ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو شيراز نظير عباسي، ايس ايس پي لاڙڪاڻو اظهر خان مغل، اڳوڻي صدر ۽ ٻين عهديدارن سميت واپارين ۽ مختلف مڪتبہ فڪر سان واسطو رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 9 "روزاني عبرت"

صحافي جي اغوا جي سخت مذمت ڪئي ۽ واقعي تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ سنڌ حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان فوري ڪارروائي جو مطالبو ڪيو. ان موقعي تي ڳالهائيندي سکر يونين آف جرنلسٽس جي صدر جاويد جتوئي چيو تہ سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال اڳ ئي پريشان ڪندڙ آهي. شهري چوري، ڦر ۽ اغوا جي ڪري غير محفوظ آهن، پر جيڪڏهن هڪ بہ صحافي پنهنجي پيشيورانہ فرضن جي انجام ڏيڻ دوران محفوظ نہ آهي تہ پوءِ اها صورتحال نہ رڳو شهرين لاءِ پر صحافي برادري لاءِ بہ انتهائي پريشان ڪندڙ آهي. هن چيو تہ صحافي عظيم سيال جي بازيابي ۾ دير ڪنهن بہ صورت ۾ ناقابل قبول آهي. قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي بنيادي ذميواري آهي تہ اهي شهرين ۽ خاص طور تي صحافين جي جان ۽ مال جي حفاظت کي يقيني بڻائين. صحافي سماج ۾ ڏوهن، بدامني، عوامي مسئلن ۽ ناانصافين کي اجاگر ڪن ٿا، اهڙي صورتحال ۾ صحافي جو اغوا آزاد صحافت ۽ اظهار جي آزادي لاءِ سنگين خطري جي نشاني آهي. سکر يونين آف جرنلسٽس جي اڳواڻن مطالبو ڪيو تہ آءِ جي سنڌ، سنڌ جو گهرو وزير ۽ سنڌ جو وڏو وزير لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪن تہ عظيم سيال جي محفوظ بازيابي لاءِ سڀئي موجود وسيلا استعمال ڪن. اڳواڻن واضح ڪيو تہ عظيم سيال جي بازيابي سان گڏ، واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪو بہ عنصر اغوا ۾ ملوث ثابت ٿئي تہ ان کي قانون موجب ڪارروائي جو نشانو بڻايو وڃي. صرف اعلانن جي بدران، صحافين جي تحفظ لاءِ عملي، اثرائتي ۽ ممڪن سيڪيورٽي اپاءَ ورتا وڃن تہ جيئن صحافي بنا ڪنهن خوف جي پنهنجا پيشہ ورانہ فرض ادا ڪري سگهن. سکر يونين آف جرنلسٽس جي عهديدارن واضح طور تي چيو تہ صحافي برادري پنهنجي ساٿي جي اغوا تي خاموش نہ رهندي. جيڪڏهن عظيم سيال جي فوري ۽ محفوظ بازيابي لاءِ اثرائتي اڳڀرائي نہ ڪئي وئي تہ سکر يونين آف جرنلسٽس احتجاج جو دائرو وڌائڻ ۽ صحافي تنظيمن، پريس ڪلبن ۽ سول سوسائٽي جي تعاون سان مڪمل احتجاجي تحريڪ شروع ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي. احتجاجي مظاهري ۾ وڪيل اڳواڻ سندر چاچڙ سينيئر صحافين سليم سهتو ممتاز بخاري، شاهد علي، ياسر فاروقي، اسحاق ڪوسو شاهد چنا، بلاول پٽي، بابر ڪوڪر عبدالغفور شيخ، وقاص آرائين، جميل مغل، مجاهد بوزدار عثمان سيد مجيد جمن، مجيد جمال ۽ ٻين شرڪت ڪئي. جواد شاهہ، رضوان لوڌي، مشتاق منگريو عقيل قريشي، فضل الرحمان، اورنگزيب ماڪو ديدار اٿڙ اي ڊي گهاٽو ۽ علي ڊينو شاهہ سميت صحافين ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن شرڪت ڪئي.

بقايا 10 "روزاني عبرت"

بدامني جي ڪري ڪراچي ڪمائڻ ويو هو جيڪو هٿياربندن موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مزاحمت ڪرڻ تي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿي

ويو آهي مقتول نوجوان گهر جو ڪمائڻ وارو هڪڙو پٽ هو جيڪو هٿياربندن جي ور چڙهي ويو آهي ايس ايس پي ڪراچي کان مطالبو ٿا ڪريون تہ فوري طور نوٽيس وٺي جوابدار گرفتار اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 11 "روزاني عبرت"

گذري چڪا آهن، پر سندس بازيابي لاءِ ڪا اثرائتي اڳڀرائي نظر نہ اچي رهي آهي. صحافين مطالبو ڪيو تہ عظيم سيال جي فوري بازيابي لاءِ عملي قدم کنيا وڃن ۽ واقعي ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 12 "روزاني عبرت"

ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ شاگردن کي انعامي شيلڊون ڏئي سندن حوصلا افزائي ڪئي وئي تقريب ۾ شاگردن ۽ استادن سان گڏ بدين ضلعي جي معزز شخصيت ڊاڪٽر طفيل چانڊيو - سرفراز نظاماڻي - پروفيسر احمد اياز گاتچي - سر غفار جت - سر ڪنعش راءِي - ميم عابدهہ جمالي - پروفيسر منان سومرو - سر ذولفقار سوبيرو - خالد سوبيرو اعظم راهو - سر اصغر سومرو مختلف موضوعن تي ججز جا فرائض سرانجام ڏنا - صحافين پڻ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ايوان صحافت بدين جي ٽيم - پريس ڪلب بدين جي ٽيم - نيشنل پريس ڪلب گولاڙچي جي ٽيم ڀرپور شرڪت ڪئي - جڏهن تہ آيل مهمانن کي پڻ اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا بيسو آرگنائيزيشن جي اهڙي قدم کي شاگردن جي لڪل صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ کين اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ اهم ڪوشش قرار ڏنو ويو

بقايا 13 "روزاني عبرت"

ايجوڪيشن شهدادپور ممتاز علي ڏاهري.ڊاڪٽر سڪندر شاهہ.ڊاڪٽر عرفان گروار.عبدالستار خاصخيلي.شمع گلاٽي.تنوير اختر آرائين.صحافي سيد قربان شاهہ سميت ٻين خطاب ڪيو. ان موقعي تي مقررين چيو تہ اسان جو مقصد ريبيز کان بچاءُ، ڪتي جي چڪ لڳڻ جي صورت ۾ فوري ابتدائي طبي امداد، بروقت ويڪسين ڪرائڻ ۽ ريبيز جهڙي خطرناڪ بيماري جي روڪٿام بابت عوام ۽ طبي عملي ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ آهي.هنن چيو تہ رڳو هلندڙ مهيني جي 27 ڏينهن ۾ 586 مريض رجسٽرڊ ٿيا.جن کي ويڪسين ڪئي وئي.پر 55 اهڙا مريض آهن.جيڪي ڊفالٽر ٿيا.۽ ويڪسين مڪمل نہ ڪرائي وئي.ان لاءِ سڀن کي گهرجي تہ ڪتي جي چڪ لڳڻ بعد فوري طور ويجهي صحت مرڪز تي اچي ويڪسينيشن ڪرائي وڃي. هنن چيو تہ ويڪسينيشن ۽ بيماري جي خاتمي ذريعي انساني جانين جو تحفظ يقيني بڻائي سگهجي ٿو ريبيز کان بچاءُ لاءِ عوام ۾ وڌائڻ ۽ ڪتي جي چڪ لڳڻ کان پوءِ بروقت طبي امداد ۽ ويڪسينيشن جي اهميت اجاگر ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هن پروگرام جو مقصد ريبيز کان پاڪ ۽ محفوظ معاشري جي قيام لاءِ گڏيل ڪوشش کي هٿي وٺرائڻ آهي. پروگرام ۾ ڊاڪٽرن، طبي عملي، شاگردن ۽ لاڳاپيل شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي شرڪت ڪئي. جڏهن تہ ميونسپل ڪميٽي شهدادپور جانورن جي اسپتال سميت لاڳاپيل ادارن مان ڪنهن بہ شرڪت نہ ڪئي.سيمينار بعد آگاهي واڪ ڪئي وئي.

بقايا 14 "روزاني عبرت"

ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي.پوليس جو چوڻ آهي تہ علائقي ۾ منشيات جي وڪري ۽ استعمال خلاف ڪارروايون جاري رهنديون.

بقايا 15 "روزاني عبرت"

تي سنڌ جي قومي سڄاڳي لاءِ قومي محفل ۽ خيرات جو اهتمام ڪيو ويو

بقايا 16 "روزاني عبرت"

تہ ڇڏينداسين. جڏهن تہ منهنجي ڀاڄائي مهناز جڏهن اسين 8 تاريخ تي عدالت ويل هئاسين تہ ٻين سان گڏ اسان جي گهر ۾ داخل ٿي، گهر ۾ رکيل نقد رقم، سونا زيور ۽ ٻيو سامان پاڻ سان کڻي وئي هنن چيو تہ اٽڪل 2 مهينا اڳ اسين جهلم تي حيدرآباد وڃي رهيا هئاسين تہ گاڏي ۾ سوار مذڪوره ماڻهو جن سان منهنجي ڀاڄائي مهناز بہ گڏ هئي، جيڪي اديبہ کي زبردستي اغوا ڪري ويا جيڪا اڃا تائين گم آهي اهي اسان سان گڏ منهنجي ڀاءُ امجد علي جي ٻارن کي پاڻ سان وٺي ويا. اسان ٽنڊوالهيار جي وومين ٿاڻي تي واقعي جي ايف آءِ آر درج ڪرائي جنهنجو ڪيس مقامي عدالت ۾ هلندڙ آهي. عدالت هن مهيني جي 22 تاريخ تي حڪم جاري ڪيو آهي تہ اديبہ، مهناز ۽ ٻارن کي 29 تاريخ تي هاءِ ڪورٽ حيدرآباد ۾ پيش ڪيو وڃي. اديبہ جي عمر گهٽ آهي پر اسان کي خبرپئي آهي تہ ان جي شادي زبردستي منهنجي ڀاڄائي مهناز پنهنجي ڀاءُ شبير پٽ امير بخش سان ڪرائي آهي. هاڻ اسان کي حيدرآباد ڪورٽ ۾ پيش ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ اسان جا مخالف مذڪوره ماڻهو ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن تہ عدالت نہ وڃو ۽ ڪيسن تان هٿ کڻو ٻي صورت ۾ اوهان کي ماري ڇڏينداسين. هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي مٽياري، ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي تہ مذڪوره ماڻهن خلاف قانوني قدم کڻي اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 17 "روزاني عبرت"

تي صحت کاتي جي آفيسرن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ ريبيز هڪ سنگين پر روڪٿام جوڳي بيماري آهي، جنهن کان بچاءُ لاءِ عوام ۾ آگاهي، جانورن بابت احتياطي تدبيرون ۽ ڪتي جي چڪ يا نوچ لڳڻ جي صورت ۾ فوري طبي امداد ۽ بروقت ويڪسين ڪرائڻ انتهائي ضروري آهي جيئن فوري علاج ڪرائي هن مرض کان بچي سگهجي

بقايا 18 "روزاني عبرت"

اسان جي رهائشي جڳهہ آهي، جنهن ۾ اسين ابن ڏاڏن کان وٺي رهائش پذير آهيون. هن الزام لڳايو تہ پاڙي واسي بااثر حبيب الله پٽن علي رضا، ڪريم الله،

سليم الله، وحيد پٽو وارن 10 مهينا اڳ مونکان 6 لک روپيا پٽو گهريو هيو انڪار تي هنن مونکي پريشان ڪرڻ شروع ڪيو جنهن ۾ هنن منهنجي گهر جي ٻاهرين در کي تالا لڳائي اسان جو رستو بند ڪري ڇڏيو اهڙيون شڪايتون مان مختلف وقتن تي ٺٽون ديرو جي معززن سميت حد جي ٿاڻي، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي آفيسن ۾ الڳ الڳ ڪيون آهن، پر تنهن باوجود هن وقت تائين ڪوبہ تدارڪ نہ ٿي سگهيو آهي، تازو 21 سيپٽمبر تي لاڙڪاڻي جي هڪ معزز سياسي شخص وٽ اسان جون ڳالهيون رکيل هيون جتي پڻ هو نہ آيا ۽ گذريل ڏينهن بااثرن هٿيار ساڻ ڪري مون معذور سان جهيڙو ڪندي مونکي سخت تشدد جو نشانو بڻايو آهي، جڏهن تہ هن وقت بہ پڪي لاءِ ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن، جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي. هن پاڪستان پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت، صوبائي گهرو وزير، آءِ جي سنڌ سميت لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي تہ معاملي جو نوٽيس وٺي مٿي ڄاڻايل بااثرن خلاف ڪارروائي ڪرڻ سان گڏ لڳل تالا کولرائيندي مونکي تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 19 "روزاني عبرت"

تي ڪاروبار جي مد ۾ اسان کان 40 لک 50 هزار روپيا روڪ رقم ورتي هئي، جنهن کان پوءِ اسان پنهنجي حق جي گهر ڪئي سين تہ هو رات جي وقت پنهنجي گهرياتين کي ساڻ ڪري ڪراچي فرار ٿي ويو جنهن بعد اسان ڳولا ڪري ڪيس هٿ ڪرڻ کان پوءِ ڪرايا پاڙا ڪري گذريل 24 سيپٽمبر تي هن کي لاڙڪاڻي واپس آندوسين ۽ هن پئسا واپس ڪرڻ لاءِ وقت گهريو پر گذريل ڏينهن اوچتو بااثر نديم علي ڪوريجو ميڊيا تي اچي اسان خلاف احتجاج ڪندي اسان مٿان ڪوڙا الزام لڳائي اسان جي ساک خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جڏهن تہ سندس طرفان هنيل الزامن ۾ ڪابہ سچائي نہ آهي، اهڙيون شڪايتون اسان علائقي جي معززن سميت يوسي چيئرمين سان ڪيترائي ڀيرا ڪيون آهن، پر ان جي باوجود هن وقت تائين ڪوبہ تدارڪ ناهي ڪيو ويو. هنن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي تہ معاملي جو نوٽيس وٺي اسان سان فراڊ ڪندڙ بااثر خلاف ڪارروائي ڪرڻ سان گڏ اسان کي پنهنجو حق واپس ڏياري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 20 "روزاني عبرت"

ڊاڪٽر علي اڪبر سيال شرڪت ڪئي اٿهي موقعي تي وائيس چانسلر قائد عوام يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر سليم رضا سمون چيو تہ جديد ٽيڪنالاجيز جي تيزي سان ٿيندڙ ترقي کي نظر ۾ رکندي يونيورسٽين ۾ تحقيق ۽ جديد مهارتن کي هٿي ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت بڻجي چڪي آهي وائيس چانسلر پيپلز ميڊيڪل يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر علي اڪبر سيال چيو تہ جديد ٽيڪنالاجيز بابت تعليم ۽ تحقيق شاگردن ۽ تحقيق ڪندڙن کي تيزي سان تبديل ٿيندڙ ٽيڪنالاجي واري دنيا لاءِ تيار ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي آرگنائيزر پروفيسر ڊاڪٽر پرديپ ڪمار چيو تہ منصوبي جي فريم ورڪ تحت يونيورسٽي ۾ ايم ايس پروگرام ان ايمرسو ٽيڪنالاجيز اينڊ ڊجيٽل ٽوئنز پڻ شروع ڪيو ويو آهي هن چيو تہ عالمي سيمپوزيم جديد ايمرسو ٽيڪنالاجيز جي مستقبل ۽ تعليم، صنعت، صحت، انجنيئرنگ ۽ ٻين شعبن ۾ انهن جي استعمال بابت علم جي مٽاسٽا، تحقيق ۽ عالمي سهڪار لاءِ اهم فورم ثابت ٿيندو

بقايا 21 "روزاني عبرت"

ڳالهائيندي چيو تہ منصوبي تحت برهمڻ آباد جي قديم تاريخ، مختلف تهذيبي دورن، شهري ڍانچي ۽ آثارن جي مختلف تهن جو سائنسي بنيادن تي مطالعو ڪيو ويندو. ڊاڪٽر اليساندرو تليا چيو تہ برهمڻ آباد سنڌ ۽ خطي جو اهم تاريخي ماڳ آهي، ان ڪري هتي تحقيق ۽ کوٽائي کي ڊگهي مدي واري منصوبي طور جاري رکڻ ضروري آهي. هن مقامي انتظاميا ۽ شهرين کي اپيل ڪئي تہ ماڳ جي تحفظ لاءِ سهڪار ڪن. زاهده قادري ٻڌايو تہ اٽلي جو آثار قديمہ مشن گذريل لڳ ڀڳ 15 سالن کان پنهور ۾ ڪم ڪري رهيو آهي ۽ هاڻي پنهنجي تحقيقاتي منصوبي کي برهمڻ آباد تائين وڌايو ويو آهي. شروعاتي سروي دوران ماڳ جي مختلف حصن ۾ زرعي سرگرميون، روڊن ۽ ٻين انساني سرگرمين جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. هن چيو تہ تقريباً 500 ايڪڙن تي پکڙيل برهمڻ آباد ۾ لڳ ڀڳ 7 ڪلوميٽر ڊگهي قديم شهر جا آثار موجود آهن. ماضي ۾ هتي ٿيل کوٽائي دوران اهم آثار پڻ دريافت ٿيا هئا. آثار قديمہ کاتي موجب برهمڻ آباد کي عالمي ورثي جي فهرست ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ بہ قدم کنيا پيا وڃن، جڏهن تہ پاڪستان ۽ اٽلي جي گڏيل منصوبي تحت هر سال سروي، تحقيق، دستاويز سازي ۽ کوٽائي جاري رکڻ جو منصوبو آهي

بقايا 22 "روزاني عبرت"

ياسين ابڙو، خان راجا مڪسي، نادر ماڇي، محمد ادريس بلوچ، شاهہ محمد لاشاري، عبدالحفيظ منگي، محمود پٺاڻ، زين پٺاڻ، اڪبر آزاد هيسباڻي، ذيشان ڪوڪر نويد سومرو، وحيد لانگاهہ، نصير محمد کهاوڙ ۽ ٻين چيو تہ ٽي ڏينهن اڳ خانپور مهر جي سينئر صحافي عظيم سيال کي ڌاڙيلن پاران هٿيارن جي زور تي اغوا ڪيو ويو آهي تہ ٻي طرف راڌڻ جي صحافي مظفر گورڙ جي گهر مٿان رات جي وقت پوليس چڙهائي ڪري سندس گهرياتين کي حراسان ڪيو ويو آهي، پر افسوس اهڙن واقعن خلاف سنڌ حڪومت توڙي آءِ جي پوليس ڪوبہ نوٽيس ناهي ورتو جنهن عمل جي جيتري مذمت ڪجي اها گهٽ آهي. هنن چيو تہ سنڌ جا صحافين هر وقت غير محفوظ بڻيل آهن، جن جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪي بہ قدم نہ ٿا کنيا وڃن، جنهن ڪري صحافي اهڙي ظلم جو شڪار ٿيندا رهن ٿا. هنن سنڌ حڪومت

سميت آءِ جي سنڌ ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو تہ فوري طور تي خانپور جي صحافي عظيم سيال کي بازياب ڪرائڻ سان گڏ راڌڻ جي صحافي مظفر گورڙ جي گهر تي چڙهائي ۾ ملوث پوليس عملدارن توڙي اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪري صحافين ۾ ڇانيل مايوسي ۽ پريشاني ختم ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 23 "روزاني عبرت"

جو نظام". ٽي ايڇ ڪيو اسپتال روهڙي ۾ آگاهي واڪ جي قيادت ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز سکر ڊاڪٽر فرخ ٻنهري، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر سکر ڊاڪٽر علي گل شاهہ ۽ ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ٽي ايڇ ڪيو اسپتال روهڙي ڊاڪٽر عامر علي سرهيو ڪئي. واڪ ۾ ڊاڪٽرن، پيراميڊڪس ۽ ايل ايڇ ويز وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن سرڪاري بينر "عالمي ڏينهن انسداد ڪتن جي چڪ - 28 سيپٽمبر 2026 - گڏجي مضبوط - ريبيز جو خاتمو ممڪن آهي" کڻي رکيو ۽ نعرا هنيا "ڪتن کي ويڪسين ڏيو - ريبيز روڪيو ريبيز کان بچاءُ ممڪن آهي، زخم کي 15 منٽ صابڻ سان ڌوئو - زندگي بچايو"

بقايا 24 "روزاني عبرت"

نتيجي ۾ ٽرالر هيٺان اچي مارواڙي برادريءَ سان تعلق رکندڙ خاتواهڻ واسڻ عورت بختون زال ارجن مارواڙي ٿڏي تي فوت ٿي وئي، جڏهن تہ صفوران زال الو مارواڙي ۽ هڪ مرد سخت زخمي ٿي پيا. حادثي کانپوءِ مقامي ماڻهن ۽ ريسڪيو 1122 جي مدد سان فوتي عورت جو لاش ۽ زخمين کي رورل هيلٿ سينٽر هنگورجا منتقل ڪيو ويو، جتي زخمين کي ضروري طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد ڳڻتي جوڳي حالت سبب گمس اسپتال گمبٽ ريفر ڪيو ويو. ٻئي طرف حادثي جو ذميوار ٽرالر ڊرائيور ٽرالر سميت موقعي تان فرار ٿي ويو. آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪو بہ ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو هو.

بقايا 25 "روزاني عبرت"

ٿي ويا. متاثر موجب هو سامان کڻڻ لاءِ گمبٽ وڃي رهيو هو تہ هٿياربندن موٽر سائيڪل تي پهچي واردات ڪئي. علائقي واسين بدامني خلاف ڳڻتي ظاهر ڪندي پوليس کان ڏوهارين خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 26 "روزاني عبرت"

خلاف صحافي برادري، سياسي سماجي ڌرين، شهرين ۽ هندو پنچائت ۾ سخت ڳڻتي ۽ بيچيني پکڙجي وئي آهي. عظيم سيال جي فوري ۽ محفوظ بازيابي لاءِ مختلف ڌرين پاران ڌار ڌار احتجاجي مظاهرا ڪري پريس ڪلب آڏو ڌرڻا هنيا ويا. صحافين، سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين سائل قاضي، ڪامريڊ دودو مهي قاضي خادم، محمد خان شر آڪاش مهي نواب ميراڻي، ميهر مهي آزاد مهي شهزادو لاڙڪ، سري چند کپوں خان محمد پتافي، آفتاب سيال، شبير سيال، شاد مهر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي مظاهرين عظيم سيال جي فوري بازيابي لاءِ سخت نعريبازي ڪئي ۽ پوليس کان اثرائتي ڪارروائي جو مطالبو ڪيو. هوڏانهن هندو پنچائت خانپورمهر پاران پڻ مکي چندر بان، سورج لال، سري چند، ڪرشن لال، بجا رام، سندرداس ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو. مظاهرين چيو تہ 36 ڪلاڪن کان وڌيڪ وقت گذري چڪو آهي، پر هن مهل تائين پوليس خانپورمهر جي سينئر صحافي عظيم سيال کي بازياب ڪرائڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهي آهي، جنهن سبب صحافي برادري ۽ شهرين ۾ شديد بيچيني ۽ خوف جي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي. هنن چيو تہ مغوي صحافي جي بازيابي بابت پوليس طرفان بار بار يقين ڏياريو ويو تہ 24 ڪلاڪن اندر عظيم سيال کي بازياب ڪرايو ويندو پر وقت گذرڻ باوجود عملي طور تي بازيابي عمل ۾ نہ اچي سگهيو آهي. مظاهرين جو چوڻ هو تہ رڳو خاطريون ۽ آسرا ڏيڻ بدران مغوي صحافي جي بازيابي لاءِ عملي ۽ نتيجا ڏيندڙ قدم کنيا وڃن. احتجاج ڪندڙن سوال اٿاريندي چيو تہ ڪچي جي علائقن مان هٿياربند ڌاڙيل خانپورمهر شهر جي پڪي آبادي تائين پهچي هڪ سينئر صحافي کي گهر ويندي اغوا ڪري وڃن ٿا، آخر انهن کي ايتري آسائي سان شهر تائين پهچڻ ۾ مدد ڪندڙ سهولتڪارن ۽ ساٿين بابت پوليس اڃا تائين ڪا اڳڀرائي ڇو نہ ڪري سگهي آهي؟ مظاهرين چيو تہ عظيم سيال جو اغوا رڳو هڪ صحافي جو اغوا نہ، پر علائقي ۾ امن امان ۽ شهرين جي تحفظ بابت هڪ سنگين سوال آهي. هنن مطالبو ڪيو تہ سينئر صحافي عظيم سيال کي بنا دير محفوظ طريقي سان بازياب ڪرائي، سندس وارثن، صحافي برادري ۽ شهرين ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي ....

بقايا 27 "روزاني عبرت"

دوران جوٽياريون واري علائقي مان 3 ڪبرو واري پاسي هڪ باز پڪڙي لکين روپين جي ماليت ۾ وڪرو ڪيا ويا آهن. جڏهن تہ وائلڊ لائيف کاتي جا عملدار شڪارين خلاف ڪا خاص ڪارروائي نہ ڪري سگهيا آهن. علائقي جي سماجي ڌرين ناياب پکين جي شڪار توڙي غيرقانوني طور وڪرو ٿيڻ واري واقعي تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا 28 "روزاني عبرت"

سجاد شاهاڻي، چيف انجنيئر شفيق چنہ ڊي او سيڪنڊري خديجا ممتاز پنهور، ٽي او نياز الله ابڙو ٽي او سرهاڻ حميد ميمڻ، غلام رسول چانڊيو سميت تعليم کاتي جا لاڳاپيل آفيسر ۽ ٻيا موجود هئا. تقريب کي خطاب ڪندي پيپلز پارٽي جي ايم پي اي پير مجيب الحق چيو تہ 2022ع جي ٻوڏ سبب دادو ۾ ڪيترن ئي سرڪاري اسڪولن جون عمارتون تباهہ ٿي ويون هيون، جنهن ڪانپوءِ اسڪولن جي بحالي ۽ شاگردن کي تعليمي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ ۽ وفاقي حڪومت جي سهڪار سان ٻيهر تعمير جو منصوبو شروع ڪيو ويو. هن چيو تہ نئين تعمير ٿيل عمارتن سبب علائقي جي ٻارن کي پرائمري کان مڊل سطح تائين تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ بهتر سهولتون ميسر ٿينديون. حڪومت جي ڪوشش آهي تہ اسڪولن جي عمارتن ۽ ٻين بنيادي سهولتن کي بهتر بڻائڻ سان گڏ تعليم جو معيار پڻ وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي. پير مجيب الحق وڌيڪ چيو تہ سنڌ حڪومت تعليمي ادارن ۾ بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ اسڪولن جي بحالي لاءِ مختلف منصوبن تي ڪم ڪري رهي آهي، جيئن ٻارن کي بهتر ۽ سازگار تعليمي ماحول فراهم ڪري سگهجي.

بقايا 29 "روزاني عبرت"

طور ٻچي ويس منهنجي پٽن ٻني تي واٽر جي پاڻي کي ڳنڍا هڻي بند ڪيو آهي جنهن بعد اسان پوليس کي گهرائي پاڻي کولرايو هن چيو تہ منهنجي پٽن زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي مون پنهنجي ملڪيت مان سڀني پٽن کي پنهنجي پنهنجي حصي جي ملڪيت لکي ڏئي آهي جنهن باوجود بہ پٽ تنگ ڪري رهيا آهن مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيو آهيان هن وڌيڪ چيو تہ منهنجا پٽ مون خلاف ڪوڙيون درخواستون ڏئي پريشان ڪري رهيا آهن جن مان جاني ۽ مالي نقصان جو خطرو پڻ آهي جيڪي موتمار ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري رهيا آهن هن آءِ جي سنڌ . ڊي آءِ جي حيدرآباد . ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي تہ مون تي حملو ڪندڙ پٽن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري مون کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 30 "روزاني عبرت"

هو جنهن جي ڪيس ۾ نامزد جوابدار کي بي سيڪشن پوليس گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪري ڇڏيو آهي. احتجاج ڪندڙن پوليس جي ڪارروائي کي ساراهيندي مطالبو ڪيو تہ واقعي جي شفاف جاچ ڪري زخمي بلاول سهاڳ کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 31 "روزاني عبرت"

برادري جي خدمت لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هنن واپارين جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ، ڪاروباري رابطن کي مضبوط بڻائڻ ۽ واپاري برادري جي مفادن جي مؤثر نمائندگي لاءِ فعال ڪردار ادا ڪيو آهي. هن اميد ظاهر ڪئي تہ مبين وقار جو وسيع ڪاروباري تجربو عالمي واپار بابت ڄاڻ ۽ واپارين کي درپيش مسئلن کان واقفيت، ڪي سي سي آءِ جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبر طور سندن لاءِ ڪاروباري برادري جي خدمت ۾ مثبت ۽ تعميري ڪردار ادا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي. آصف بيگا بزنس مين گروپ (BMG) جي سمورن اميدوارن کي پڻ ڪي سي سي آءِ جي چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي. هن خاص طور تي بي ايم جي جي چيئرمين زبير موتي والا ۽ سمورن وائيس چيئرمينن کي ڪاميابي تي مبارڪباد ڏيندي سندن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. هن چيو تہ ڪاروباري برادري پاران چونڊيل نمائندن تي اعتماد انهن لاءِ هڪ اهم ذميواري پڻ آهي تہ هو واپارين ۽ صنعتڪارن جي بهتري لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکن. آصف بيگا اميد ظاهر ڪئي تہ ڪي سي سي آءِ جي نئين چونڊيل ٽيم ڪاروباري برادري کي درپيش مسئلن جي حل، ڪاروباري ماحول کي بهتر بڻائڻ، واپار ۽ صنعت جي ترقي، سيڙپڪاري کي هٿي وٺرائڻ ۽ ڪراچي جي معاشي ترقي لاءِ مؤثر طريقي سان ڪم ڪندي. هن وڌيڪ چيو تہ ڪراچي ملڪ جو اهم تجارتي ۽ معاشي مرڪز آهي، جيڪو پاڪستان جي معيشت ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو هن اميد ظاهر ڪئي تہ ڪي سي سي آءِ جي قيادت واپارين، صنعتڪارن ۽ سمورن لاڳاپيل ڌرين سان ويجها رابطا برقرار رکندي ۽ شهر جي واپاري ۽ صنعتي شعبي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي.

بقايا 32 "روزاني عبرت"

شاهد حسين خاصخيلي، ڊاڪٽر نائلا ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي ڊي ايڇ او خيرپور ڊاڪٽر ڪليم الله شيخ چيو تہ ريبيز هڪ خطرناڪ ۽ جان ليوا بيماري آهي، جنهن کان بچاءُ لاءِ احتياطي تدبيرن تي عمل ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. هن چيو تہ ڪتي يا ڪنهن بہ جانور جي چڪ لڳڻ جي صورت ۾ زخم کي فوري طور صاف پاڻي ۽ صابڻ سان ڌوئي، بنا ڪنهن دير جي ويجهي صحت مرڪز يا اسپتال پهچي طبي امداد ۽ ريبيز کان بچاءُ جون ويڪسينون لڳرائڻ گهرجن هن وڌيڪ چيو تہ ريبيز جي روڪٿام لاءِ عوام ۾ وڌ کان وڌ آگاهي پيدا ڪرڻ سان گڏ آوارہ ڪتن جي ويڪسين لڳائڻ ۽ انهن جي آبادي تي ضابطو آڻڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. هن چيو تہ ريبيز کان بچاءُ ممڪن آهي، پر ان لاءِ ڪتي جي چڪ کان پوءِ بروقت علاج ڪرائڻ ۽ حفاظتي ويڪسين جو مڪمل ڪورس ڪرڻ انتهائي اهم آهي. ڊاڪٽر ڪليم الله شيخ عوام کي اپيل ڪئي تہ هو پنهنجي ٻارن کي آوارہ ڪتن ۽ ٻين جانورن کان پري رکن ۽ ڪنهن بہ جانور جي چڪ يا چنبي لڳڻ واري واقعي کي معمولي نہ سمجهن. هن چيو تہ صحت کاتي پاران ريبيز بابت عوامي آگاهي وڌائڻ لاءِ اهڙيون سرگرميون جاري رکيون وينديون، جيئن ماڻهن کي بيماري جي خطرن، بچاءُ جي طريقن ۽ بروقت علاج بابت ڄاڻ فراهم ڪري سگهجي.

بقايا 33 "روزاني عبرت"

ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ شاگردن کي انعامي شيلڊون ڏئي سندن حوصلا افزائي ڪئي وئي تقريب ۾ شاگردن ۽ استادن سان گڏ بدين ضلعي جي معزز شخصيت ڊاڪٽر طفيل چانڊيو - سرفراز نظاماڻي - پروفيسر احمد اياز گاتچي - سر غفار جت - سر ڪنعش راءِي - ميم عابدهہ جمالي - پروفيسر منان سومرو - سر ذولفقار سوبيرو - خالد سوبيرو اعظم راهو - سر اصغر سومرو مختلف موضوعن تي ججز جا فرائض سرانجام ڏنا - صحافين پڻ شرڪت ڪئي.

پاکستان سیکورٹی پرنٹنگ کارپوریشن (پرائیویٹ) لمیٹڈ

(اسٹیٹ بینک آف پاکستان کے مکمل ملکیتی ذیلی ادارہ)

تصحیح/ ضمیمہ نمبر1

ٹینڈر نمبر:FP/T-0025

پی ایس پی سی ڈبلیو/ایم چیک پیپر کی پروکیورمنٹ

حوالہ ٹینڈر نمبر FP/T-0025جو کہ پی پی آر اے(PPRA) کی ویب سائٹ (TS0000014673E) پر اپ لوڈ کیا گیا تھا اور اخبارات (دی نیوزKLI، نئی باتKLI، روزنامہ عبرتK) میں PID K 948/26مع کھولنے کی تاریخ 22-10-2026 کے ساتھ شائع ہوا تھا۔

1. مطلع کیا جاتا ہے کہ ٹینڈر کی دستاویز میں لے آؤٹ شامل/اضافہ کر دیا گیا ہے۔ ترمیم شدہ/اپڈیٹڈ ٹینڈر دستاویز E-PADSاور PPRA کی ویب سائٹ سے ڈاؤن لوڈ کی جا سکتی ہیں۔
2. مطلع کیا جاتا ہے کہ مذکورہ ٹینڈر کی کھولنے کی تاریخ 22-10-2026سے بڑھا کر 26-10-2026 کر دی گئی ہے۔
3. دیگر تمام شرائط وضوابط حسبِ سابق رہیں گے۔

ڈپٹی جنرل مینیجر (پروکیورمنٹ)

PID K.1058/26

PAKISTAN AIRPORTS AUTHORITY (PAA)

Pakistan Airports Authority

پاکستان ایئر پورٹس اتھارٹی

ٹینڈر نوٹس (ریورس پروکیورمنٹ)

باچاخان انٹرنیشنل ایئرپورٹ، پشاور پر کاروباری موقع

ا۔ پاکستان ایئرپورٹس اتھارٹی(PAA) باچاخان انٹرنیشنل ایئرپورٹ(BKIAP)، پشاور پر درج ذیل کنسیشن کے اجراء کے لیے رجسٹرڈ کمپنیوں / فرموں / جوائنٹ وینچرز / واحد ملکیتی اداروں سے ٹینڈرز طلب کرتی ہے۔ ٹینڈر، ٹینڈر کی شرائط وضوابط میں تفصیل سے بیان کردہ بولی دہندگان کی اہلیت کے معیار کے مطابق سنگل اسٹیج / ٹو-اینولپ بنیاد پر ہوں گے، یعنی تکنیکی اور مالی پیشکش کی بنیاد پر۔

نمبر شمار	کنسیشن کا نام	مقررہ کم از کم قیمت (روپے ماہانہ)	لائسنس کی مدت	اوقات کار اور رابطہ شخص کی تفصیلات	ٹینڈر دستاویز خریدنے کی آخری تاریخ	ٹینڈر فیس (ناقابل واپسی)	جمع کرانے کی تاریخ، وقت اور مقام	کھولنے کی تاریخ، وقت اور مقام
.1	بین الاقوامی اور ڈومیسٹک بریفنگ ایریاز کے اندر ہمراہ سامان Accompanied) (Baggage ریپنگ کی سہولت	1,502,000/- روپے	پانچ(05) سال	صبح09:00سے شام05:00بجے تک دفتری ایام میں PAA، جوائنٹ ڈائریکٹر کمرشل BKIAP، پشاور ٹیلی فون:091-9211517	14اکتوبر،2026	5,000/- روپے (صرف پانچ ہزار روپے)	15اکتوبر،2026 بوقت صبح11:00بجے C.O.O. / APM آفس،BKIAP، پشاور	15اکتوبر،2026 بوقت صبح11:30بجے C.O.O. / APM آفس،BKIAP، پشاور

۲۔ تفصیلی ٹینڈر نوٹس کے لیے براہِ کرم درج ذیل ویب سائٹس www.paa.gov.pk اور www.ppra.org.pk ملاحظہ کریں:

ڈائریکٹر کمرشل اینڈ اسٹیٹس

ہیڈ کوارٹرز، پاکستان ایئرپورٹس اتھارٹی، ٹرمینل۔1، جناح انٹرنیشنل ایئرپورٹ، کراچی، پاکستان

فون:+92-21-99242531 | فیکس:+92-21-99242532 | ای میل:dce@paa.gov.pk

www.paa.gov.pk

PID(K)1075/26

سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽيءَ ۾ ڪروڙين رپين جي ڪرپشن جا انڪشاف، ڪيترائي ملازم جبري برطرف

اداري جي ملازمن کان رهيل پگهارن جي ادائيگي ۽ ٻيهر ڊيوٽيءَ تي رکڻ لاءِ مبينا طور رشوت ورتي وئي: امتياز ويسر

جبري نيڪالي ڏنل ملازم سڄي سنڌ ۾ دربدر آهن، پوسٽنگ لاءِ ڳري رشوت طلب ڪئي وڃي ٿي: الزام

انچارج راجا اوڊو ڪروڙن جي ڪرپشن ڪئي آهي، اينٽي ڪرپشن ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کان جاچ جو مطالبو

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ: نعيم اختر سومرو) سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي ڪرپٽ ملازمن جي حوالي ڪروڙين روپين جي خرد برد جا انڪشاف سامهون اچي ويا. ڪيترن ئي ملازمن کي زوري نيڪالي ڏيڻ جي ٻين

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڳاڙهو: ايس ٽي پي سربراهه قادر مگسي ڪارڪنن کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪاريگر ٽانگ سنڌ کي ٽڪرا ڪري ڪراچي حوالي ڪرڻ چاهين ٿا: ڊاڪٽر قادر مگسي

ڌرتي اسان جي ماءُ آهي ان جي ڪنهن به صورت ۾ ورهاست قبول نہ ڪئي ويندي

سنڌ جي زمين ڪنهن بيڪري جو ڪيڪ ناهي جيڪو ڪٽي ڇڏيندا سنڌ جا ماڻهو سجاڳ آهن

ميرپور ساڪرو (ن ع) ايس ٽي پي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي جا ساحلي پٽي جا دورا سنڌ جي ورهاڱي خلاف احتجاج جو اعلان سنڌ ترقي پسند پارٽي ايس ٽي پي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي سنڌ اسان جي ماءُ مهم جي سلسلي ۾ ساحلي پٽي جي مختلف شهرن جا دورا ڪري عوام کي آگاهي ڏني. ڊاڪٽر قادر مگسي ميرپور ساڪرو، ٻهارا ۽ ڳاڙهو سميت مختلف علائقن جو دورو ڪيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته هي ڪاريگر ٽانگ آهن سنڌ کي ٽڪرا ڪري ڪراچي حوالي ڪرڻ چاهين ٿا هن چيو ته سنڌ اسان جي ماءُ آهي ان جي ڪنهن به صورت ۾ ورهاست قبول نہ ڪئي ويندي. سنڌ جي زمين ڪنهن بيڪري جو ڪيڪ ناهي جيڪو ڪٽي ڇڏيندا سنڌ جا

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ ملڪاڻي ۽ هڪڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 2 ڄڻا زخمي، اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي علائقي گلزار ڪالوني ۾ معمولي ڳالهه تان ملڪاڻي ۽ هڪڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ گولي لڳڻ سبب غلام فريد ملڪاڻي ۽ هٿيارن جا ڌڪ لڳڻ ڪري وقار بلوچ سخت زخمي ٿي پيا جن کي علاج لاءِ تعلقہ اسپتال ٽنڊوآدم آڻڻ بعد ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ايل ايم يو حيدرآباد نيو ويو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: ڦر دوران زخمي ٿيل مقبول بنگلاڻي ۽ زخمي ڏهاري

ٽنڊوآدم ۾ مبينہ موٽرسائيڪل چوري ڪندي چابي چور سوگهو، پوليس حوالي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي مرڪ اسپتال ويجهو مبينہ طور محمد يوسف سري جي موٽر سائيڪل چوري ڪندي چابي چور کي ڏٺين سوگهو ڪري پوليس حوالي ڪيو سنڌس سڄاڻپ حسان جدگال جي نالي سان ٿي آهي پوليس چور کي حراست ۾ وٺي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

سکر پوليس پاران ٻن جوابدارن کي چرس ۽ شراب سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس ايس ايس پي سکر احمد چوڌري جي ايس پي، ڪيو پي ايم جي هدايتن تي منشيات خلاف پنهنجي زيرو ٽالرنس پاليسي جاري رکي رهي آهي پوليس مختلف علائقن ۾ آپريشن ڪندي ٻن جوابدارن کي چرس ۽

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد ۽ خانپور مهر جي صحافي عظيم سيال جي اغوا خلاف احتجاج

قلم ڌڻين ممتاز جتوئي، ذوالفقار ٽانوري، راجا ساجد انڙ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

صحافي عظيم سيال کي بازياب ڪرايو وڃي، ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

قاضي احمد(ن ع) قاضي احمد ۾ خانپور مهر کي ٽي اين نيوز رپورٽر عظيم سيال جي ڌاڙيلن هٿان مبينا اغوا خلاف قاضي احمد جي صحافين قلم ڌڻين ممتاز جتوئي، ذوالفقار ٽانوري، راجا ساجد انڙ، الهرکيو سيال، رجب علي جتوئي، ڪامران چانڊيو، ساحل ڪمار ٺاڪر، خالد چانڊيو، درياء خان سري، امتياز مهر، ايم بي ڏاهري، جاويد سيال، يحيا پلي ۽ محسن راهو سميت ٻين جي اڳواڻي ۾ تعلقي پريس ڪلب قاضي احمد اڳيان هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪري سنڌس جي بازيابي لاءِ مين روڊ تي ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي قلم ڌڻين ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۾ لاقانونيت هجڻ ڪري صحافي به غير محفوظ آهن ان کان اڳ پيڪا ايڪٽ تحت صحافين

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

گهچاڻي کان ڪوئيٽا ويندڙ مزدوري لاءِ ويندڙ پورهيت هٿياربندن جي فائرنگ ۾ قتل

بختيارآباد وٽ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ 40 ورهين جو محمد جمن ڪوسو مارجي ويو

پوليس نوجوان جو لاش اسپتال مان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪيو، گهر پهچڻ تي ڪهرام

گهچاڻي (ن ع) نواب شاهه کان ڪوئيٽا ويندڙ مسافر ڪوچ تي سبي ويجهو بختيارآباد وٽ اڻ ڄاتل هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مزدوري سانگي ويندڙ گهچاڻي پرسان ڳوٺ حاجي محمد اسحاق ڪوسو جو رهواسي 40 ورهين جو محمد جمن پٽ غلام حيدر ڪوسو مارجي ويو ليويز پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش سبي اسپتال منتقل ڪيو جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو پورهيت جو مڙهه سندس اباڻي ڳوٺ پهتو ته سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو هوڏانهن فوتي سان گڏ ويندڙ سنڌس سوٽ ٻڌايو ته اسين ڪوئيٽا مزدوري تي وڃي رهيا هئاسين هٿياربندن ڪوچ مٿان اڌاڌنڌ فائرنگ ڪري ڏني

صحافي عظيم سيال جي بازيابي لاءِ پوليس پاران پني عاقل جي ڪچي ۾ ڊرون ذريعي آپريشن

ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ايس ايس پي سکر گدپور ملو پتڻ پهچي ڪيمپ قائم ڪري ورتي

ٽيڪنيڪل ٽيمن ۽ پوليس نفري پاران اغواڪارن ۽ سهولتڪارن خلاف ڪارروايون جاري

ڪشمور ضلعي جي علائقن ۾ ڊرون ذريعي گولا هڻي ڌاڙيلن جا ڪجهه ٺڪاڻا به تباهه ڪيا ويا

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل خانپور مهر مان اغوا ٿيل ڪي ٽي اين نيوز رپورٽر عظيم سيال جي بازيابي لاءِ پني عاقل جي ڪچي ۾ آپريشن، ڊرون ذريعي ڪارروايون، ٺڪاڻا تباهه ايس ايس پي گهوٽڪي انور کيتران،

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: برهمڻ آباد جي آثارن جي کاٽي ڪندڙ پرڏيهي ماهر ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

ڪنڌڪوٽ واسي پورهيت ڪراچي ۾ ڦرمزاحمت دوران قتل، گهر ۾ ڪهرام

ڪراچي ۾ ڦرمزاحمت تان هٿياربند نعيم الله لاشاري کي منهن ۾ گولي هڻي زخمي ڪيو

نوجوان کي اسپتال نيو ويو جتي زخمن جا سور نہ سهندي دم ڌڻي ڇڏيو، وارثن پاران انصاف جو مطالبو

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪراچي سچل ٿاڻي جي حد جمالي پل پرسان ڪراچي ۾ موٽر سائيڪل هلائي پورهيت والدين جو سهارو بڻيل نعيم الله لاشاري کان مبينا موٽر سائيڪل ڦر جي ڪوشش مزاحمت ڪرڻ تي مبينا هٿياربندن هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا اڌاڌنڌ فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي فائرنگ ۾ گوليون لڳڻ سبب نوجوان نعيم الله لاشاري جيڪو ڳوٺ خادم حسين لاشاري، ڪنڌڪوٽ جو رهواسي هو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪٺائي اسپتال پهچايو ويو جتي مقتول نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو واقعي جو ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو ان موقعي تي مقتول نوجوان جي وارثن جو چوڻ آهي ڪشمور ڪنڌڪوٽ ۾

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ ورلڊ ريبيز ڊي 2026ع جي حوالي سان آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو

شهدادپور (ن ع) شهدادپور انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (SIMS) پاران ورلڊ ريبيز ڊي 2026ع جي موقعي تي ريبيز بابت عوامي شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ آگاهي پروگرام ۽ سمس اسپتال جي فقير حسين هال ۾ سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن کي ڊاڪٽر خيرالنساء پٺاڻ، ڊاڪٽر صنوبر عرفان، ڊاڪٽر اڪرم پٺاڻ، مختيار ڪار رحم علي زرداري، ڊاڪٽر اسد چنو ڊي اي او

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سينارجا پوليس پاران عورت کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سينارجا (ن ع) سينارجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ لال بخش گوپانگ ۾ پوليس پاران منشيات خلاف ڪارروائي ڪندي مبينا طور منشيات وڪرو ڪندڙ عورت مائي پوپري گوپانگ کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب گرفتار عورت جي قبضي مان منشيات هٿ اچڻ بعد سنڌس خلاف سينارجا ٿاڻي تي منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ قانوني

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

مٺي: مٺي جا رهواسي سنڌن پٽ کي خودڪشي تي مجبور ڪندڙ جوابدار جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻي ۾ نئون ديرو جي رهواسي معذور شخص ۽ ٻين جو بااثرن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ نئون ديرو شهر جي عيسيٰ فقير مسجد واري علائقي جي رهواسي هڪ ٽنگهه کان معذور سيد آندل شاهه پنهنجي سئوٽ سيد فيض علي شاهه پاٽي سيد غلام حيدر شاهه ۽ ٻين سان گڏجي لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته نئون ديرو شهر جي عيسيٰ فقير مسجد واري علائقي ۾ 33 سئو فوٽن تي مشتمل

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ مختلف علائقن جي رهواسين جو مبينا طور فراڊ ڪندڙ بااثر خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي مختلف علائقن جي رهواسين محمد يونس ميمڻ، اشفاق مهيسر، شهزادو ڪوسو ۽ محسن ميمڻ لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اسان مختلف ڪاروبار ڪري گهرڀاتين جو پيٽ گذر ڪندا آهيون هتان الزام لڳايو ته لاڙڪاڻي شهر جي ايوب ڪالوني جي رهواسي نديم علي ڪوريجو مختلف وقتن

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: اسپتال ٻاهران لاوارث ڇڏيل ڳورهاري عورت کي اندر نيو پيو وڃي

تعلقي اسپتال روهڙي ۾ عالمي ڏينهن انسداد ڪتن جي چڪ جي حوالي سان آگاهي واڪ ڪيو ويو

سکر (بيورو رپورٽ) ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس سکر پاران تعلقي اسپتال روهڙي ۾ عالمي ڏينهن انسداد ڪتن جي چڪ جي حوالي سان آگاهي واڪ، سيمينار ۽ هيلٿ ايجوڪيشن سيشن جو اهتمام ڪيو ويو جنهن جو موضوع هو "گڏجي مضبوط - ون هيلٿ اپروچ - ماڻهو + جانور + صحت

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ صحافي عظيم سيال جي بازيابي لاءِ قلم ڌڻين جو احتجاج

مظاهرين محمد يونس راڄپر، ايم. ظفر تگڙ، قاضي ذوالفقار ۽ ٻين احتجاج ڪيو

عظيم سيال جي بازيابي لاءِ عملي قدم کڻي ملوث جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

نوشهروفيروز (ڊ ر) صحافي عظيم سيال جي بازيابي لاءِ نوشهروفيروز ۾ صحافين جو احتجاج، نعريبازي، خبر موجب خانپور جي صحافي عظيم سيال جي اغوا خلاف ۽ سنڌس فوري بازيابي لاءِ نوشهروفيروز ۾ صحافين پاران احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي احتجاج ۾ پريس ڪلب جي صدر محمد يونس راڄپر نيشنل پريس ڪلب جي صدر ايم. ظفر تگڙ قاضي ذوالفقار علي نواز سولنگي، محبوب ڪلهوڙو، خادم سيال حنيف خاصخيلي، مبين راڄپوت ۽ ٻين صحافين شرڪت ڪئي ان موقعي تي صحافين چيو ته صحافي به هاڻي محفوظ ناهن عظيم سيال جو مبينا اغوا انتهائي افسوسناڪ ۽ ڳڻتي جوڳو واقعو آهي هتن چيو ته صحافي کي مبينا طور اغوا ٿئي ٻه ڏينهن

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ "بيسو سٽون ميگا ايونٽ 2026 ايڪسپو ميگا پروگرام منعقد ڪيو ويو

ايونٽ ۾ ضلعي جي مختلف اسڪولن مان شاگردن استادن ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

پروگرام دوران شاگردن صلاحيتن جو مظاهرو ڪندي مختلف موضوعن تي تقريرون ڪيون

بدين (ڊ ر) بيسو آرگنائيزيشن پاران شاگردن جو لڪل ٽيلنٽ اجاگر ڪرڻ لاءِ "بيسو سٽون ميگا ايونٽ 2026 ايڪسپو ميگا پروگرام" جيمر خانہ هال بدين ۾ منعقد ڪيو ويو پروگرام جي اڳواڻي بيسو آرگنائيزيشن جي صدر پرويز ابراهيم سومرو - جنرل سيڪريٽري نياز احمد راهوڪرو - فنانس سيڪريٽري عاصم ميمڻ - اوريس نوتڪاڻي - انيلا ايوب ۽ ٻين ميمبرس ڪئي جڏهن ته بدين ضلعي جي مختلف اسڪولن مان شاگردن استادن ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي پروگرام دوران شاگردن پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪندي مختلف موضوعن تي تقريرون پڻ ڪيون سنگينگ مقابلو ڪيبلو - آرٽ - سائنس پروجيڪٽ ۽ ٻين تي مقابلو ڪرايو ويو- جڏهن ته بهترين

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

سکر: وڪيل اغوا خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

نوابشاهه ۾ ڊجيٽل ٽوئنز ۽ جديد ايمرسو ٽيڪنالاجيز بابت عالمي سمپوزيم منعقد

قائد عوام يونيورسٽي ۾ ملڪ توڙي پرڏيهه جي ماهرن تحقيق ڪندڙن شرڪت ڪئي

يونيورسٽين ۾ تحقيق ۽ جديد مهارتن کي هٿي ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت بڻجي چڪي آهي: ڊي سي

نواب شاهه (س ر) قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ، سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي نوابشاهه ۾ ڊجيٽل ٽوئنز ۽ جديد ايمرسو ٽيڪنالاجيز بابت عالمي سمپوزيم منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ملڪ توڙي پرڏيهه جي ماهرن تحقيق ڪندڙن يونيورسٽي استادن ۽ شاگردن شرڪت ڪري ڊجيٽل ٽوئنز آگمينٽيڊ ريئلٽي ورچوئل ريئلٽي مصنوعي ذهانت ۽ انٽرنيٽ آف ٿنگز سميت جديد ٽيڪنالاجيز جي استعمال تحقيق ۽ مستقبل جي امڪانن تي خيالن جو اظهار ڪيو قائد عوام يونيورسٽي جي سينٽرل لائبريري آڊيٽوريم ۾ وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر سليم رضا سمون جي سربراهي ۾ منعقد ٿيل عالمي سيمپوزيم ۾ پيپلز يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز فار گرلز جي وائيس چانسلر پروفيسر

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

برهمڻ آباد کي عالمي ورثي ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ ڪم شروعات ڪئي ويندي: زاهده قادري

اٽلي جو آثار قديمہ مشن گڏيل لڳ ڀڳ 15 سالن کان ڀنڀور ۾ ڪم ڪري رهيو آهي

پاڪستان ۽ اٽلي جي گڏيل منصوبي تحت هر سال کوٽائي جاري رکڻ جو منصوبو آهي

ٽنڊوآدم (ن ع) سنڌ جي تاريخي ماڳ برهمڻ آباد (منصوره) کي عالمي ورثي جي فهرست ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ سنڌ جي آثار قديمہ ۽ نوادرات کاتي ۽ اٽلي جي آثار قديمہ مشن گڏيل طور تي تحقيق، سروي ۽ دستاويز سازي جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ته ماڳ تي باقاعده کوٽائي 2027ع جي شروعات ۾ شروع ڪئي ويندي. آثار قديمہ کاتي جي کوٽائي ٽيم جي سربراهه زاهده قادري ۽ اٽلي جي مشن جي ڊاڪٽر اليساندرو ٽليا ميڊيا سان

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو ۾ سينئر صحافي عظيم سيال جي مبينا اغوا خلاف احتجاجي مظاهرو

يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي صحافين طرفان ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو

مغوي صحافي کي بازياب ڪرائڻ جو مطالبو، راڌڻ جي صحافي مظفر ڳوڙ جي گهر تي پوليس چڙهائي جي مذمت

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو يونين آف جرنلسٽس دويڙن جي سڏ تي صحافين طرفان خانپور جي سينئر صحافي عظيم سيال جي مبينا اغوا توڙي راڌڻ جي صحافي مظفر ڳوڙ جي گهر مٿان پوليس چڙهائي وارن واقعن خلاف ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي، ان لاڙڪاڻو يونين آف جرنلسٽس دويڙن لاڙڪاڻو جي صدر سرڪش سڏايو لاڙڪاڻو پريس ڪلب جي صدر عبدالقادر جاگيراڻي، نائب صدر حنيف سهاڳ، سينئر صحافي ڊاڪٽر مولا بخش ڪلهوڙو، محمد عاشق پٺاڻ، شهزاد پٺاڻ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

سرگوڌا: هڪ گڏهه گاڏي تي گڏهه نيو پيو وڃي

خيرپور لڳ تيز رفتار ٽرڪ وڻ سان ٽڪرائجڻ سبب ڊرائيور فوت

قومي شاهراهه تي ڪراچي ويندڙ ٽرڪ تيز رفتاري سبب ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري وئي

حادثي ۾ ڊرائيور راشد علي ٿلڏي تي دم ڌڻي ويو، پوليس لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

خيرپور(ڊ ر) شاهه حسين ٿاڻي جي حد قومي شاهراهه تي روهڙي کان ڪراچي ويندڙ ٽرڪ ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري ويو جنهن جي نتيجي ۾ ٽرڪ ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪرڻ بعد وڻ ۾ ٽڪر اچي وئي ٽڪر جي نتيجي ۾ ٽرڪ ڊرائيور راشد علي ٿلڏي تي فوت ٿي ويو آهي حادثي جي اطلاع تي پوليس ۽ ريسڪيو اهلڪارن لاش ڪٺائي سول اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي

اسلام ڪوٽ ۾ ڳوٺاڻن جو زمين تي قبضي خلاف ٻئي ڏينهن به احتجاج جاري

ڳوٺ ميهاري ڀيل واسين ٽنو ڀاٽي، لالو ۽ تماچي ڀيل جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سروي زمين تان قبضو ختم ڪرائي رستا بند ڪرائيندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

اسلام ڪوٽ(ن ع) اسلام ڪوٽ ۾ ڳوٺ ميهاري ڀيل جي رهواسين پاران سروي زمين تي مبينا قبضي، اچ وڃ جا رستا بند ڪرڻ ۽ پيئڻ جي پاڻي تائين رسائي ۾ رڪاوٽون پيدا ڪرڻ خلاف پريس ڪلب آڏو ٻي ڏينهن به جاري رهيو جتي نعريبازي ڪندي ڳوٺ ميهاري ڀيل جي رهواسين ٽنو ڀيل، پاٽڇي ڀيل، لالو ڀيل، تماچي ڀيل، موڙن ارجڻ ڀيل، ڏيمي ڀاٽي، ڪيسري، سارن ڀاٽي ۽ ٻين ميڊيا کي ٻڌايو ته سنڌن ڳوٺ جي سروي نمبر 42 ۾ شامل لڳ ڀڳ 60 ايڪڙ زمين تي بااثر ڀيل برادري جي ماڻهن مبينا طور قبضو ڪري ورتو آهي، جڏهن ته ڳوٺاڻن جي اچ وڃ وارا رستا پڻ بند ڪيا ويا آهن هتن چيو ته رستا بند ٿيڻ سبب ڪين روزاني اچ وڃ سان گڏ پيئڻ جو پاڻي ڀرڻ ۾ به سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

پريس ڪلب اسلامڪوٽ

اسلامڪوٽ: زمين تي قبضي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

گمبٽ ويجهو ٻار کي پوليو جو شڪ، ڊي سي پاران نوٽيس، ٽيم موڪلڻ جو حڪم

ڳوٺ امداد علي شر ۾ 5 مهينن جي ٻارڙي ۾ پوليو جو شڪ ظاهر ٿيڻ جو شڪ ظاهر ڪيو ويو

ڊي سي الطاف احمد چاچڙ معاملي جو نوٽيس وٺندي ٽيم موڪلڻ جو حڪم ڏنو

گمبٽ (ت ر) 5 مهينن جي ٻار ۾ پوليو شڪ واري معاملي تي ڊپٽي ڪمشنر خيرپور جو فوري نوٽيس اکري چوڌگي پرسان ڳوٺ امداد علي شر ۾ 5 مهينن جي ٻارڙي ۾ پوليو جو شڪ ظاهر ٿيڻ واري معاملي جو ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ نوٽيس وٺي ڇڏيو ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ جو چوڻ آهي ته اڄ ڊاڪٽرن جي ٽيم ٻارڙي جي ڳوٺ پهچي ٻارڙي جا سيمپل وٺندي، جيڪي ليبارٽري موڪليا ويندا، جنهن کانپوءِ اصل حقيقت معلوم ٿيندي. ڊاڪٽرن جي ٽيم ٻارڙي جي والدين سان پڻ ملاقات ڪندي. ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ وڌيڪ چيو ته هن معاملي کي پاڻ ذاتي طور تي ڏسي رهيو آهيان معصوم ٻارڙي کي هر ممڪن طبي سهولت فراهم ڪئي ويندي

لاڙڪاڻي چيمبر آف ڪامرس عهديدارن جي حلف برداري، مسئلا حل ڪرائڻ جو اعلان

انرجي سيڪٽر، ٽيڪس ۽ ٻيا مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪنداسين: اڳواڻ

چيمبر آف ڪامرس ۽ يونائيٽيڊ بزنس گروپ جو هڪ ٻئي سان سهڪار رهيو آهي: منور علي شيخ

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي ميمبرن جي حلف برداري شهر جي مقامي هال ۾ ٿي گذري جنهن ۾ چيف پيٽرن يونائيٽيڊ بزنس گروپ آف پاڪستان ايس ايم تنوير طرفان نئين صدر منور علي شيخ عرف نديم، سينئر نائب صدر لياقت علي شيخ، نائب صدر وسيم احمد شيخ ۽ ٻين عهديدارن کي حلف کنيو، تقريب کي خطاب ڪندي نئين صدر منور علي شيخ عرف نديم چيو ته لاڙڪاڻو چيمبر آف ڪامرس ۽ يونائيٽيڊ بزنس گروپ جو سالن کان وٺي هڪ ٻئي سان سهڪار رهيو آهي اسين هن پليٽ فارم تان اوهان کي گذارش ٿا ڪريون ته ايف بي آر جا جارحاڻا ٽيڪس جا نوٽس، امن امان ۽ واپارين کي سهولتون ڏيڻ لاءِ اوهان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ۽

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

سکر يونين آف جرنلسٽس پاران صحافي عظيم سيال جي اغوا خلاف احتجاج

مظاهرين جاويد جتوئي، ڪامران شيخ، شهزاد ڏاباڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

صحافي عظيم سيال جي بازيابي ۾ دير ڪنهن به صورت ۾ ناقابل قبول آهي: مظاهرين

سکر(بيورو رپورٽ) سکر يونين آف جرنلسٽس پاران گهوٽڪي ضلعي جي خانپور ميهڙ علائقي مان هڪ خانگي ٽي وي چينل جي رپورٽر ۽ صحافي عظيم سيال جي اغوا ۽ عدم بازيابي خلاف سکر پريس ڪلب جي سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي سکر يونين آف جرنلسٽس جي صدر جاويد جتوئي، جنرل سيڪريٽري ڪامران شيخ، خزانچي شهزاد ڏاباڻي، سکر پريس ڪلب جي صدر خالد ڀٽين، جنرل سيڪريٽري احقر رضوي، خزانچي ڪاشف ٿليوٽو سنڌ ورميز جرنلسٽس جي صدر سحرش کوکر ۽ ٻين صحافي اڳواڻن ڪئي صحافين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي عظيم سيال جي فوري، محفوظ ۽ بي ضرر بازيابي جي حق ۾ سخت نعريبازي ڪئي شرڪت ڪندڙن

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

PROVINCIAL ELECTION COMMISSIONER, SINDH
Civic and Voter Education Session

ڄامشورو: ريجنل اليڪشن ڪميشن اظهر ٽانوري مهراڻ يونيورسٽي جي رجسٽرار نصرالله پيرزادي کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

محرابپور ۾ درياهن جو عالمي ڏينهن حوالي سان ايس يو پي ڪارڪنن گل نڇاور ڪري درياهه کي ڀيٽا پيش ڪئي

محرابپور (ن ع) محرابپور ۾ درياهن جو عالمي ڏينهن جي موقعي تي ايس يو پي محرابپور جي اڳواڻن سروائن جوکيو ڊاڪٽر قمر شيخ فريد چانڊيو جسقم جي اڳواڻن شهاب ميمڻ نوجوان سماجي ورڪر شخصيت عبدالغفار ميمڻ نوشهروفيروز صحافي اتحاد محرابپور جي تعلقي صدر قاضي اياز محسن ملاح ٻين شهرين عوام طرفان سنڌو درياءَ تي گلاب جا گل ڇٽي درياءَ کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي ۽ اڳواڻن تقريب ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته درياءَ تي پنجاب طرفان ٿيندڙ سرعام چوري بند ڪرائي وڃي . تقريب جي اختتام

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي ياسين جي يو آءِ اڳواڻ مولانا شفيق الرحمان پٺاڻ لاڏاڻو ڪري ويو

ڳڙهي ياسين (ن ع) ڳڙهي ياسين جمعيت علماءِ اسلام تعلق مفتي حضرت مولانا شفيق الرحمان پٺاڻ دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازي نماز اباڻي شهر ڳڙهي پٺاڻ ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ ڳڙهي ياسين ۽ آس پاس جي علائقن واري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ تدفين اباڻي قبرستان ۾ اليز اکين مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو تعزيت جو سلسلو پنهنجي شهر ڳڙهي پٺاڻ خيرپور ميرس ۾ جاري آهي

ٽنڊوالهيار ۾ عورتن جو بااثرن جوابدارن جي ڌمڪين خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽنڊوسومرو واسي مسڪان، سيما ۽ صاحب خاتون رند پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

بااثر جوابدار مسلسل ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ ٽنڊوسومرو جون رهواسڻ عورتون انصاف لاءِ پريس ڪلب پهچي ويون ٽنڊوالهيار پريس ڪلب تي پريس ڪانفرنس ڪندي ڳوٺاڻين مسڪان رند، سنڌس ڀاڄائي سيما ۽ مسڪان جي والده صاحب خاتون رند چيو ته اسان کي مسلسل ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن ته ڪيسن تان دستبردار ٿيو ٻي صورت ۾ اوهان کي ماري ڇڏينداسين اسان جي جان کي خطرو آهي ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي مسڪان رند مطابق آئون ٽنڊوالهيار ۾ انشورنس ڪمپني ۾ ڪم ڪندي آهيان اسان جا مخالف ڏٺي بخش سولنگي، شبير سولنگي، ظهير، امير بخش ۽ مٽياري پوليس جو سپاهي منير ڪيهر رستي ۾ روڪي ڌمڪيون ڏين ٿا ته ڪيسن تان دستبردار ٿيو ٻي صورت ۾ اوهان کي زنده

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ عالمي ريبيز ڊي حوالي سان صحت کاتي پاران آگاهي سيشن منعقد

ڊي ايڇ او ڊاڪٽر نجما ڪوڙ ۽ ٻين عملدارن جي اڳواڻي ۾ آگاهي واڪ پڻ ڪئي وئي

ڪتي جي چڪ جي صورت ۾ طبي امداد ۽ بروقت ويڪسين انتهائي ضروري آهي: مقرر

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ ورلڊ ريبيز ڊي جي موقعي تي صحت کاتي پاران مدوانفري اسڪول ٽنڊوالهيار ۾ ريبيز کان بچاءَ ۽ ڪتي جي چڪ جي واقعن جي مؤثر طبي انتظام بابت آگاهي سيشن منعقد ڪيو ويو، جنهن کانپوءِ آگاهي واڪ پڻ ڪئي وئي آگاهي سيشن ۾ ڊي ايڇ او ڊاڪٽر نجما ڪوڙ، ڊپٽي ڊي ايڇ او، پرنسپال مدوانفري اسڪول، شاگردياڻين ڊاڪٽرن ۽ صحت کاتي جي ٻين آفيسرن ۽ ملازمن شرڪت ڪئي سيشن دوران ريبيز کان بچاءَ ڪتي جي چڪ لڳڻ جي صورت ۾ فوري طبي قدم کڻڻ زخم کي ترت صابڻ ۽ پاڻي سان ڌوئڻ بروقت طبي معائنو ڪرائڻ ۽ اينٽي ريبيز ويڪسين جو مقرر ڪورس مڪمل ڪرڻ جي اهميت بابت تفصيلي آگاهي ڏني وئي ان موقعي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

SUKKUR PRESS CLUB
صحافي عظيم سيال کو فوري طور پر بازياب کروايا جائے
منجانب سکر يونين آف جرنلسٽس

سکر: صحافي جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

هنگورجا لڳ ٽرالر جو موٽرسائيڪلن کي زوردار ٽڪر، عورت فوت، 2 ڄڻا سخت زخمي

قومي شاهراهه تي ڳوٺ ڪينجهر منگنيجا وٽ حادثي ۾ بختون زال ارجن مارواڙي ٿلڏي تي فوت ٿي وئي

حادثي ۾ صفوران زال الو مارواڙي ۽ هڪ مرد سخت زخمي ٿي پيا، پوليس پهچي لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو

زخمين کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ گمس منتقل ڪيو ويو، آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪو به ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو

هنگورجا (رپورٽ : آفتاب پنهور) هنگورجا پرسان ڳوٺ ڪينجهر منگنيجا روڊ وٽ قومي شاهراهه تي افسوسناڪ حادثو پيش آيو جتي تيز رفتار ٽرالر ٻن موٽرسائيڪل سوارن کي زوردار ٽڪر هنيو حادثي جي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: روڊ حادثي جو شڪار ٿيل موٽرسائيڪل ۽ ناري واقعي واري هنڌ تي پيل آهن

شهدادپور ۾ رند ۽ چانڊيا برادري جهيڙي جو ڪيس 34 جوابدارن خلاف داخل

پوليس مٺل محبت رند جي فرياد تي نظام چانڊيو، ديدار، ڪالو ۽ ٻين تي ڪيس داخل ڪيو

چانڊيا برادري جي ماڻهن چانهه جا پيسا گهرڻ تي ٽي اسان جي ماڻهن کي زخمي ڪيو آهي: موقف

شهدادپور (ن ع) شهدادپور ۾ چانهه جا پيسا نہ ڏيڻ تان رند ۽ چانڊيا برادري ۾ ٿيل جهيڙي جي شهدادپور پوليس واپڊا روڊ واسي مٺل محبت رند جي فرياد تي فرهڪ نظام چانڊيو ديدار چانڊيو ڪالو چانڊيو هادي بخشڻ سميت 34 ڄڻن خلاف ڪيس داخل ورتو آهي فريادي موقف اختيار ڪيو آهي ته هوٽل تي مذڪوره چانڊيا برادري جا ماڻهو چانهه پيئڻ آيا پيسا گهرڻ تي منهن ماري بعد تشدد ڪيائون اسپتال پهتاسين جتي وار سان گڏ ٻيهر اسان تي حملو ڪري اسان جي ماڻهن کي زخمي ڪرڻ بعد اسپتال ۾ ٻيچ ڊاهه ڪري نقصان پهچايو اٿن جنهن سبب مريضن ۾ پاڃ ۽ ڪين پريشاني کي منهن ڏيڻو پيو پوليس ڪيس داخل ڪرڻ بعد تاحال ڪا گرفتاري عمل ۾ نہ آندي آهي

احتجاج
خانپور مهر جي سينئر صحافي پريس ڪلب جي صدر
ڪي ٽي اين ۽ ڪوشش جي رپورٽر اغوا ٿيل صحافي

خانپورمهر: صحافي جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

گمبٽ ويجهو هٿياربند ڪارگو ڊرائيور کان روڪ رقم ۽ سامان ڦري ويا، متاثر جو احتجاج

گمبٽ (ت ر) تعلقي گمبٽ جي ٻهارو ٿاڻي جي حد ۾ حنيف شاهه باءِ پاس وٽ ٻن هٿياربندن رنڍڻي واسي ڪارگو ڊرائيور محمد ياسين ميمڻ کي يرغمال بڻائي ساڍا چار لک رپيا ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ۾ صحافي عظيم سيال جي بازيابي لاءِ سياسي سماجي ڌرين پاران ڌار ڌار مظاهرا

عظيم سيال جي محفوظ بازيابي لاءِ مختلف ڌرين پاران ڌار ڌار احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا

مغوي صحافي جي بازيابي بابت پوليس پاران بار بار يقين ڏياريو ويو ته 24 ڪلاڪن اندر بازياب ڪرايو ويندو: مظاهرين

36 ڪلاڪن کان وڌيڪ وقت گذري باوجود پوليس صحافي عظيم سيال کي بازياب ڪرائڻ ۾ ناڪام آهي

خانپورمهر (رپورٽ: سري چند ڪيهر) خانپورمهر مان اغوا ٿيل سينئر صحافي ۽ خانپورمهر پريس ڪلب جو صدر محمد عظيم سيال 36 ڪلاڪن کان وڌيڪ وقت گذرڻ باوجود بازياب نہ ٿي سگهيو جنهن

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڪيرو لڳ شاهين باز پڪڙي وڪرو ڪندڙ 10 ڄڻن خلاف ڪيس داخل

وائلڊ لائيف عملدار جي فرياد تي ڪريم بخش، خدا يار ۽ ٻين خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪيرو (ن ع) چوٽياريون جي ايٽيار واري علائقي سان ڪي ڏينهن اڳ شاهين باز پڪڙي 3 لکن عيوض وڪرو ڪرڻ واري واقعي جو ڪيس شڪاري ٽولي جي 10 ڄڻن خلاف داخل ڪيو ويو ان سلسلي ۾ وائلڊ لائيف کاتي جي عملدار خادم حسين ڀهوڙ جي مدعيت ۾ ڪريم بخش خدا يار سوڍو عمران ولد حسن ۽ 6 نامعلوم جوابدارن سميت 10 ڄڻن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، هوڏانهن ايٽيار واري علائقي سان شڪاري ٽولي وڌيڪ هڪ بحري ٽرينڪ باز پڪڙي ورتو آهي، شڪاري ٽولي پاران پڪڙيل باز کي وڪڻڻ لاءِ مختلف ذريعن موجب شهرن جي واپارين سان رابطا ڪيا پيا وڃن. ذريعن موجب پڪڙيل بحري باز 7 کان 9 لکن رپين تائين وڪرو ٿيو آهي هوڏانهن هڪ هفتي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ ڳوٺاڻو نافرمان پٽن جي ڌانهن کڻي پريس ڪلب پهتو، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ گل محمد خاصخيلي جو رهواسي نافرمان پٽن جي ڌانهن کڻي پريس ڪلب پهچي ويو ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي ڳوٺاڻي امام بخش خاصخيلي چيو ته آئون ٻني تي پاڻي وراڻي رهيو هئس ته منهنجا پٽ عبدالقدوس , آصف ۽ ٻيا هٿيار کڻي مون سان جهيڙو ڪرڻ آيا جڏهن ته معجزاتي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

22 جي ٻوڏ سبب دادو ۾ ڪيترن ئي اسڪولن جون عمارتون تباهه ٿي ويون: پير مجيب الرحمان

حڪومت پاران تعمير ٿيل 11 اسڪولن جي نئين عمارتن جو افتتاح ڪيو آهي

سنڌ حڪومت تعليمي ادارن جي بحالي لاءِ مختلف منصوبن تي ڪم ڪري رهي آهي

دادو (ڊ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع دادو جي صدر ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر پير مجيب الحق پنهنجي تڪ ۾ ٻوڏ متاثر سرڪاري اسڪولن جي بحالي واري منصوبي تحت 17 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان تعمير ٿيل 11 اسڪولن جي نئين عمارتن جو افتتاح ڪري ڇڏيو افتتاحي تقريب دوران يونين ڪائونسل پير ترهو جي مختلف علائقن پيارو آرائين، پير ترهو سوڍو خان ماڇي ۽ ولي محمد جمالي سميت ٻين هنڌن تي قائم پرائمري ۽ بوائز ايليمينٽري اسڪولن جي نئين تعمير ٿيل عمارتن جو افتتاح ڪيو ويو ان موقعي تي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر عبدالقدير انصاري، پيپلز پارٽي اڳواڻ امداد ڏاوچ رجب شاهاڻي ڊي او پرائمري انور اوڍاڻي ايجوڪيشن ورڪس جي انجنيئر

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

دادو: پرائمري اسڪول جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

WORLD RABIES DAY
28 SEPTEMBER
War Against Rabies
Livestock & Fisheries
Dr. Riaz Ahmed Laghari
Deputy director Livestock
Animal Husbandry District Matiari

مٽياري: ڪتي جي چڪ کان بچاءُ جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

خيرپور پوليس بلاول سهاڳ کي زخمي ڪندڙ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر) ڳوٺ سعيد خان سهاڳ جي رهواسين آفاق احمد سهاڳ، رميز سهاڳ ۽ ثناءُ الله سهاڳ ٻڌايو ته گرفتار جوابدار بلاول سهاڳ کي پوليس گرفتار ڪيو آهي ۽ ٻين جوابدارن کي به گرفتار ڪيو وڃي. احتجاج ڪندڙن موجب، 3 مهينا اڳ بلاول سهاڳ کي فائرنگ ڪري زخمي ڪيو ويو

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ڪراچي شهر پاڪستان جي معيشت ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو: آصف بيگا

ڪي سي سي آءِ جي چونڊن ۾ مبين وقار کي ۽ ٻين جي ڪاميابي تي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا

هن ٽيڪسٽائل ٽريڊرز ايسوسيئيشن جي پليٽ فارم تان واپاري جي خدمت لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي

ڪراچي: ٽيڪسٽائل ٽريڊرز ايسوسيئيشن جي سينيئر وائيس پريزيڊنٽ آصف بيگا، ايسوسيئيشن جي وائيس پريزيڊنٽ مبين وقار کي ڪراچي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري (KCCI) جي چونڊن ۾ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو ميمبر چونڊجڻ تي دلي مبارڪباد پيش ڪئي آهي پنهنجي مبارڪباد واري پيغام ۾ آصف بيگا چيو ته مبين وقار هڪ تجربيڪار متحرڪ ۽ ڪامياب ڪاروباري شخصيت آهن جيڪي ڪيترن ئي سالن کان واپار ۽ ڪاروبار جي شعبي سان لاڳاپيل آهن هن چيو ته مبين وقار کي اوورسيز ۽ عالمي واپار درآمد ۽ برآمد ۽ بين الاقوامي ڪاروباري معاملن جو وسيع تجربو حاصل آهي آصف بيگا چيو ته مبين وقار ٽيڪسٽائل ٽريڊرز ايسوسيئيشن جي پليٽ فارم تان واپاري

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڪي سي سي آءِ جي چونڊن ۾ مبين وقار ۽ کيس مبارڪ ڏيندڙ آصف بيگا

خيرپور ۾ ريبيز جي عالمي ڏينهن حوالي سان ڊي ايڇ او آفيس کان بچاءُ بابت آگاهي ريلي ڪڍي وئي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ ريبيز جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس خيرپور ۾ ريبيز کان بچاءُ بابت آگاهي ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر خيرپور ڊاڪٽر ڪليم الله شيخ اي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر باغ علي ٻوزدار ڊاڪٽر عبدالحق ميتلو ڊاڪٽر

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ملاڪاتيار ويجهو هٿياربند پورهيت کان روڪ رقم ۽ سامان ڦري ويا

ملاڪاتيار(ن ع) ملاڪاتيار ٿاڻي جي حد ۾ آچ ڊنڊ وٽ 4 هٿياربندن مزدا گاڏي روڪي 6 موبائل فون 20 هزار روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا مزدا گاڏي ڪراچي کاهه لاهي واپس اچي رهي هئي جنهن ۾ هسڙ ۽ حاجانه برادريءَ جا مزدور هئا ياد رهي ته ڦر جي وارداتن ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو پيو وڃي

Oil & Gas Development Company Limited
ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LC-PT-PNP-338750429-2026	ACTIVATED ALUMINA DESICCANT	15.10.2026 AT 1430 HRS

EXTENSION IN BID
CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **05.09.2026** and **11.09.2026,** it is notified that the bid submission/opening date of the following case (s) has been extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LBF-CB-CESS-JANDRAN WEST-334168054-2026	CIVIL WORKS REQUIRED FOR PDEW AT JANDRAN WEST 2, BALOCHISTAN	05.10.2026 AT 1430 HRS
2.	OGDC-SCM-LBF-CB-CESS-JANDRAN WEST-334234850-2026	CIVIL WORKS REQUIRED FOR PDEW AT JANDRAN WEST 3, BALOCHISTAN	05.10.2026 AT 1430 HRS
3.	OGDC-SCM-LBF-CB-CESS-LAKIRUD-334244862-2026	CIVIL WORKS REQUIRED FOR PDEW AT LAKIRUD 2, BALOCHISTAN	05.10.2026 AT 1430 HRS
4.	OGDC-SCM-LBF-CB-CSR-GHOTKI-333547124-2026	CONSTRUCTION OF MOTHER AND CHILD HEALTH CARE CENTER AT THQ HOSPITAL DISTRICT GHOTKI, SINDH	05.10.2026 AT 1430 HRS

3. Bidders who have already submitted and sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date and time.
5. Tender Notice and detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area,
Islamabad, Pakistan.
Tel: +92 (51) 920023652/3780

ogdcl.com
No. 188/09

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.